# ناهيون

## (تاريخ جي آئيني ۾)

**غلام مصطفيٰ ناهيون**

ڏاهپ پبليڪيشن
لاڙڪاڻو ـ 2012ع

10

© ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو- 2012ع

ڪتاب: **ناهيون (تاريخ جي آئيني ۾)**
ليکڪ: **غلام مصطفيٰ ناهيون**
موضوع: **تحقيق**
پهريون ڇاپو: **آڪٽوبر** 2012ع
ڇپائيندڙ: **رياضت برڙو**
پاران: **ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو**

**قيمت:** 100 **رپيا**

"**Naahyoon (Tareekh J Aaeeney mae'n)**"
**Written by: Ghulam Mustafa Nahyoon**
**1st Edition: October 2012 A.D**
**Published by: Dahap Publication, Larkano**
**E-mail: dahappublication@yahoo.com**

استاڪسٽ:

* **مهراڻ ڪتاب گهر**، ويجهو گهنٽي ڦاٽڪ، لاڙڪاڻو * **رابيل ڪتاب گهر**، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻو * **المنعم لائبرري**، ٨٩-پروفيسرس ڪالوني، لاڙڪاڻو * **اٽيل ڪميونيڪيشنز**، حيدرآباد * **سنڌيڪا بوڪ شاپ**، حيدر چوڪ، حيدرآباد * **سنڌ بڪ ڪلب**، مريم روڊ، نواب شاهه * **الفقراء ڪتاب گهر**، سانگهڙ * **فرخ ڪتاب گهر** سکر * **نويد سراج بڪ اسٽور**، قنبر * **ڪامريڊ بڪ اسٽال**، ڄامشورو.

رابطي لاءِ:

رياضت برڙو، فزڪس ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو، پوسٽ آفيس لاڙڪاڻو.
**موبائيل فون:** 0333 7533011
غلام مصطفيٰ ناهيون، gmustafan@yahoo.com **موبائيل فون:** 0308 5209778

# ارپنا

پنهنجي والدين جي نالي-
منهنجا والدين،
عظيم والدين،
جن مون کي،
علم جي ڏياتي هٿ ۾ ڏئي،
لکڻ جي هن لمحي تائين پهچايو-

غلام مصطفيٰ ناهيون

موت امر آهي.
ڪائنات جي هر شيءِ فنا ٿيڻي آهي.
منهنجي مرڻ کان پوءِ،
جي مون سان ملڻ چاهيو ته
منهنجي قبر تي وڃڻ بجاءِ،
هتي ئي هنن پنن ۾ ڳولجو،
آئون اوهان کي،
پنهنجي لکڻين ۾ زنده ملندس.

غلام مصطفيٰ ناهيون

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| ١ | دُور هوندي بہ دُور ناهيون | رياضت ٻرڙو | 6 |
| ٢ | ناهيون، تہ آهيون ڪير؟ | انجنيئر عبدالوهاب سهتو | 8 |
| ٣ | آهيون، پوءِ بہ سڏايون ناهيون! | غلام مصطفيٰ ناهيون | 12 |
| ۴ | ناهيون: تاريخ جي آئيني ۾ | | 15 |
| ۵ | ناهين جا ڪي ڳوٺ، مشهور شخصيتون ۽ شجرا | | 60 |
| ٦ | ناهيون ذات متعلق چيل مختلف چوڻيون ۽ انهن جي اصل حقيقت | | 76 |
| ۷ | مددي ڪتاب | | 80 |


## دُور هوندي بہ دُور ناهيون

هِتي لاڙڪاڻي جي پروفيسرس ڪالونيءَ ۾ رهندڙ جنهن سنڌ جي سينئر اديب سان منهنجيون ڪجھ ڪچهريون ٿيون آهن، سو سنڌ جو معروف ڪهاڻيڪار ۽ محقق عبدالوهاب سهتو آهي. ڪچهرين ۾ ادبي ڳالهين سان گڏ ڪتابن جي ڇپائيءَ جون بہ ڳالهيون پئي نڪرنديون هيون، سو هڪ ڏينهن سهتي صاحب چيو تہ اسلام آباد ۾ غلام مصطفيٰ ناهيون رهي ٿو، جنهن جو هڪ ننڍو ڪتاب ڇپرائڻو آهي، جنهن ۾ سندس دلچسپي ”ناهيون ذات جي حوالي سان چيل پهاڪن ۽ چوڻين“ ۾ آهي، ڇو تہ پهاڪا ۽ چوڻيون سندس تحقيق جو خاص موضوع آهن ۽ ان تي سندس ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هن اهو پڻ ٻڌايو تہ ناهيون صاحب جا هڪ ٻہ ٻيا مضمون بہ ناهيون ذات تي تحقيق جي حوالي سان آهن، جيڪي پڻ ڪتاب ۾ شامل ٿيندا.

سنڌي هڪ قوم آهي. اسان جي ڌرتي، اسان جي ٻولي ۽ اسان جي ثقافت هڪ آهي، پر اها جدا جدا ذاتين، قبيلن ۽ برادرين ۾ ورهايل آهي. اسان جي بدقسمتي، تہ اها ورڇ، تنوع جي حسناڪي بڻجڻ بدران ڪيئي بدصورت داڳ بڻجي وئي آهي. الڳ الڳ ذاتيون، قبيلا ۽ برادريون هڪ ٻئي خلاف قبائلي جهيڙن ۾ پئجي ويون آهن ۽ وتن هڪ ٻئي جا ماڻهو ماريندا، مال ڦريندا ۽ ڳوٺ تباھ ڪندا. ذات جي ننڍ وڏائيءَ ۾ هرڪو پاڻ کي معتبر ۽ ٻئي کي ڪمتر سمجهيو وينو آهي. ان ڪان سواءِ پاڻ کي سنڌ جو ۽ سنڌي سمجهڻ بدران، ’عجمي‘ بڻجي عرب ۽ ايران سان ملايون وينو آهي، ايتري قدر جو بلوچستان جو ۽ بلوچ نہ هوندي بہ بلوچ سڏائي، اوڏانهن جي نسبت تي فخر پيو محسوس ڪري! جڏهن تہ انهن ذاتين تي ٺٺول ڪئي ٿي وڃي جيڪي ڪنهن عمومي ڪِرت سان لاڳاپيل آهن. ان ڪان سواءِ ڪيئي تنظيمون مختلف ذاتين جي نالن سان پڻ موجود آهن. انهن سببن جي ڪري بہ، سنڌي هڪ قوم طور اوتري ترقي ڪري ناهي سگهي جيتري ان کي ڪرڻ گهرجي ها.

ان پس منظر ۾، ڪيئن ڪنهن اهڙي ڪتاب جي پنيرائي ڪري سگهجي ٿي جيڪو هڪ ذات جي بنياد تي لکيل هجي؟

منهنجي خيال ۾ اهو مقصد ئي آهي، جيڪو ڪنهن ڪتاب جي ڪارج کي ڇٽو ڪري ٿو، پوءِ اهو سائنس ۽ فلسفي جي ڪنهن موضوع تي هجي، علم ۽ ادب

جي ڪنهن شعبي يا صنف بابت هجي، يا ذات، قبيلي يا قوم جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جِي جاڻ ڏيندو هجي.

اسان جي اديب دوست غلام مصطفيٰ ناهيون جو هي ڪتاب ”ناهيون: تاريخ جي آئيني ۾“ به ان تناظر ۾ ڏسڻ ۽ پڙهڻ گهرجي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جاڻ ڀَرئي تحقيقي ڪتاب جو واڌارو ٿيڻ جي خيال کان مون عبدالوهاب سهتي کي، ڪتاب ڇپرائڻ جي ذميواري کڻڻ جي هائوڪار ڪئي. مهينو کن اڳ، ان وقت ئي، سهتي صاحب بنا دير غلام مصطفيٰ جو موبائيل نمبر ملايو ۽ ساڻس پاڻ به ڳالهايو، ته منهنجي به گفتگو ڪَرائي. اهو اسان جو پهريون آوازي رابطو هو. پاڻ اجا مليا ناهيون، پر هاڻ دُور هوندي به دُور ناهيون رهيا، گڏيل دلچسپيءَ اسان کي ويجهڙو ڪري ڇڏيو آهي.

ناهيون صاحب جي هن ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ ڪُل ٽي مقالا آهن، پر انهن مان خاص ڪري پهرين ٻن مقالن ۾ ڪيئي ننڍا ننڍا تحقيقي ليک مختلف عنوانن تحت سلسليوار سمايل آهن، جن سان مقالن ۾ تحقيقي انداز پيدا ڪيو ويو آهي. ان طرز تي جيڪڏهن سنڌي قوم جي ٻين ذاتين بابت به مواد تاريخي تناظر ۾ سهيڙيو ۽ چنڊيو ڇاڻيو وڃي ته سنڌ جي ذاتين جي هڪ جامع تاريخ جُڙي سگهي ٿي.

البت هڪ خاص ڳالهه جي نشاندهي ضرور ڪرائڻ چاهيان ٿو ته اسان وٽ ڪيترائي پڙهيل لکيل ماڻهو به قوم ۽ ذات کي هڪ چوندا آهن، جيڪا هڪ وڏي غلطي آهي ۽ جنهن کان بچڻ لازمي آهي، چو ته ان سان اسان جي سنڌي قوم ورهائجي وڃي ٿي. غلام مصطفيٰ پڻ ذات ۽ قوم کي ڪيئي هنڌن تي ساڳي معنيٰ ۾ ڪتب آندو آهي. مان سڀني دوستن کي صلاح ڏيندس، ته هو انهن ٻنهي لفظن کي هڪ معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ کي ترڪ ڪن، جو ان ۾ اسان جي اجتماعي ڀلائي آهي. اسان سنڌي قوم لاءِ ته پنهنجيءَ ذات، برادريءَ يا قبيلي کي ترڪ ڪري سگهون ٿا، پر پنهنجيءَ ذات، برادريءَ يا قبيلي لاءِ سنڌي قوم کي ترڪ ڪري نه ٿا سگهون.

**رياضت برڙو**
۱۹ سيپٽمبر ۲۰۱۲ع، لاڙڪاڻو
موبائيل نمبر: 03337533011



## ناهيون، ته آهيون ڪير؟

رب تعاليٰ، ڪائنات جوڙڻ کان پوءِ، ڌرتيءَ تي آدم کي پنهنجي خليفي يا نائب طور موڪليو ته جيئن سندس تسبيح تقديس سان گڏ سندس فرمانبرداري ڪري ۽ سندس ذات جي وڏائي ۽ واکاڻ ڪري.

ڌرتيءَ تي ٽڙيل پکڙيل ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ شناخت لاءِ، هر هڪ جي شڪل شبيهه ۾ فرق رکيائين. مهانڊن ۽ رنگ جي فرق کان علاوهه ذات ۽ نسب، قوميت ۽ ٻوليءَ جو فرق پڻ رکيائين. ان کان علاوه مذهبي فرقي بندين ۽ گروهن جو تفاوت، دنيا اندر پڻ ڪارفرما رکيائين.

انهن کان علاوه لقبن القابن سان پڻ نوازيائين ته جيئن هر هڪ، امتيازي حيثيت سان سڃاتو وڃي. فوقيت پوءِ به انهن شين کي نه ڏنائين. ان لاءِ وٽس ماڻُ ۽ ماپو، تقويٰ ۽ اخلاص جو آهي. پنهنجي نالي ۽ ذات، ٻولي ۽ قوم سان هر هڪ کي دل ۾ محبت آهي. سڀڪو پنهنجي پاڻ کي معتبر ڄاڻائڻ لاءِ، پنهنجي وڏڙن جي ڪارنامن کي ساراهيندو آهي. انهن جي ڪيل ڪُٽن ڪمن کي به ان ڪري پيو وڏائي چڙهائي پيش ڪندو آهي ته جيئن ٻين مٿان، پنهنجي پاڻ کي اعليٰ نسب هئڻ وارو ظاهر ڪري.

اهو ئي سبب آهي جو شروعات کان وٺي، ماڻهو پنهنجي وڏڙن جا شجرا جوڙڻ ۽ انهن کي ياد رکڻ جي ڪوشش ڪندا آيا آهن. هر هڪ ڪڙم يا قبيلي وارن، پاڻ کي عالي النسب ظاهر ڪرڻ لاءِ، خاندان جي ارڏن ۽ معتبر ماڻهن بابت، وڏا طومار ٻڌا ته جيئن ٻين مٿان سندن اثر ويهي. ائين ٻين به ڪيو. جيڪي وڏڙن جون خوبيون پاڻ نه بيان ڪري سگهيا، تن اکرن ۽ لفظن جوڙڻ جي ماهرن کان قصا ۽ شجرا جوڙائي، سندن ئي آواز ۾ بيان ڪرايا. ائين ڀَٽن ۽ ڀانن، قصه-خوانن ۽ قصيده گو ماڻهن جو طبقو وجود پذير ٿيو. جيڪو پنهنجي شيرين زبانيءَ سان سست قومن کي به چست، سُڃين کي سايون ۽ ڪنجوسن کي سخي ظاهر ڪرڻ لڳو. سندن تعريف ۾ زمين آسمان جا ٻئي ڪولابا ان ڪري ملائڻ جا جهد ڪيا ويا ته جيئن ان قوم کي ٻين قومن مٿان شرف حاصل هجي.

اها ٻي ڳالهه آهي ته ان قسم جي شرف کي، اسلام اچڻ سان يڪسر ڪٽي ڦٽو ڪيو. وٽس امتياز، رنگ ۽ نسل کي ناهي. يعني گوري کي ڪاري تي ۽ ڪاري کي گوري تي ڪا فوقيت ناهي. نه وري عربيءَ کي عجميءَ تي ۽ عجميءَ کي عربيءَ تي ڪا فوقيت آهي. وٽس امتياز ۽ شرف جا ماڻ ماپا، جدارا آهن. وٽس هر انسان ته ڇا، هر ساهدار جو قدر آهي. ان جي اعمالن جي تور تڪ، ان جي اخلاص ۽ ايمان جي حلاوت سان ٿيندي.

جيئن ته ذات پات واري چاٽ چوٽ کي شرف پلي نه ڏجي پر سڃاڻپ ۽ شناخت طور ان کي ياد ضرور ڪيو ٿو وڃي. تنهن ڪري ذاتين ۽ قومن بابت، اسماءُ الرجال ۽ عمرانياتي علوم جو وجود ۾ اچڻ به هڪ آفاقي امر آهي. اهو ئي سبب آهي جو هر ماڻهو پنهنجي ذات سان محبت ڪندي، وڏڙن جا شجرا ۽ نسب-ناما جوڙي ٿو ۽ ياد ڪري ٿو. جيئن ته ذات، ڪانون کي به پياري آهي، پوءِ انسانن کي ڇو نه هوندي؟

اڄ ته رتَ رتَ کي باهه لڳل آهي. هر ماڻهو، نفسا نفسيءَ جي گهما گهميءَ ۾ غلطان آهي. ڪيس ٻين جي جان ته ڇا، پنهنجي جان جي به خبر ناهي. ذات وارن ۽ ويجهن مٿن مائٽن کان هر ڪنهن کي ڪا نه ڪا شڪايت، ڪنهن نه ڪنهن پهتل اهنج سبب ضرور آهي. ان کي ڪهڙي مٽي تي پئي آهي جو وينو سندن ڳڻ ڳائي، نسب ناما ناهي ۽ مٿن ڪوڙن ڪارنامن جا قصا ڪٽائي.

ڪيڏي به ڪوسائي ۽ ڪاوڙ هجي، تڏهن به رت دانگيءَ تي وري پوندو آهي. رت پاڻيءَ کان گهاٽو آهي. پاڻي تي وهڻ وارو ناهي. منجهس نانگ جي زهر جي ملاوت ناهي جو پاڻيٺ وانگر وهي وڃي. جڏهن ماڻهو پنهنجي عزيزن قريبن کان، دنيا جي ڦيرين گهيرين سبب، ٿورو وٿيرڪو ٿئي ٿو ته ڪين ياد ڪري آسيس ۽ آٿت وٺي ٿو. پنهنجي سڃاڻپ ۽ شناخت کي وڏائڻ خاطر، وڏڙن جي بهادريءَ ۽ شجاعت، علمي ۽ قلمي ڪارنامن وغيره کي ساري پاڻ کي تشفي ڏئي ٿو.

انسانُ دنيا اندر، موتين ۽ مٽين وانگر ٽڙيل پکڙيل آهي. جڏهن اهو ذات پات جي لڙهيءَ ۾ پوئجي ٿو وڃي ته ڪيس ڳولڻ آسان ٿيو وڃي. سندس سرنامو نڪري نروار ٿو ٿئي. جيئن هٿ ۾ جهليل موبائيل فون کي، ٻئي فون سان ڪنٽري ڪوڊ، ايريا ڪوڊ ۽ انفرادي ڪوڊ ذريعي ڳولڻ آسان آهي. بئنڪ جي هڪ اڪائونٽ مان ٻي بئنڪ جي ٻئي اڪائونٽ ۾ پئسا منتقل ڪرڻ، ڪنٽري ۽ ايريا، بئنڪ ۽ پرسنل ڪوڊ ملائڻ سان، اتي پهچيو وڃجي. رائيونڊ جهڙي سالياني اجتماع اندر حلقي، گلي ۽ بانس نمبرن جي ذريعي منجهس وينل ماڻهوءَ کي ڳولڻ آسان ٿيو وڃي. حج جهڙي وڏي اجتماع ۾ منيٰ جهڙي وڏي ميدان اندر مڪتب، ملڪ ۽ خيمي نمبر جي هٿڻ سان، حاجيءَ کي ڳولڻ آسان ٿيو وڃي. ائين ئي دنيا اندر، ڪروڙين انسانن اندر آيل ۽ هڪ جيتڙي وانگر جيءُ وٺي ساهه ڪٽندڙ ۽ پلجندڙ فرد کي به ڪن ايامن تائين، ذات پات ۽ حسب نسب ذريعي، ڳولهي نروار ڪرڻ آسان ٿيو وڃي.

اهو ئي سبب آهي جو هر ڪو پنهنجي ذات ۽ قوم، نسب ۽ حسب کي ياد ڪري ٿو. شجرا لکي ۽ لڪرائي ٿو. منجهن هر فرد جي نشاندهي ڪري ٿو. پاڻ کي ڪنهن امتيازي جاءِ تي بيهارڻ جي جستجو ڪري ٿو. ذات بابت چوڻين ۽ پهاڪن کي ڪنو ڪرڻ جي جستجو ڪري ٿو. جن چوڻين ۾، ڪنهن قوم جي ڳجهي نموني تعريف ٿيل آهي ته يڪدم پنهنجي ذات ڏانهن منسوب ڪري ٿو. مثال طور:



- هڪ لنڊيءَ، ست ٻرڙا ڪاڏا.
- سهتا، ستن نانگن جا ڪاڏل.

مٿين ڪهاوتن ۾ ساڳيو ئي، لڪل بهادريءَ وارو جذبو ڪارفرما آهي، جنهن تحت هر قوم اها ڪهاوت پاڻ ڏانهن منسوب ڪرڻ لاءِ تڪبندي ڪئي آهي. ان سان ٻيو نه پر پنهنجي ذات وارن کي دلير ۽ بهادر ثابت ڪرڻ جي هڪ فضول ڪوشش ڪئي وئي آهي. حالانڪ بهادري ۽ شجاعت ته پري جي ڳالهه آهي، ڏات به ذات تي ناهي. جو وهي سو لهي وارو تڪويني رواج، دنيا اندر موجزن آهي. ان ڪان ڪا به قوم ۽ نسل، بچيل ناهي. نه ڪنهن کي سونهن سڪايو آهي ۽ نه ڪنهن کي عقل منجهايو آهي. هر هڪ پنهنجي ذهني خبط ۾ پُر-باش آهي. ڪو ڪنهن تي فلڪ آٽڻ لاءِ تيار ناهي. سيد آهي ته ميرو هجڻ جي باوجود پنج-سيرو آهي. سهتو آهي ته سيڻ ڪان سواءِ ناهي. ناهيون به نانگن ڪاڏل آهي. موچي ۽ مينگهواڙ، ڪنير يا حجم، واڍو يا ڪوري، پلي ڪاسبي هجن پر الڪاسب حبيب الله واري مدد تحت، انهن جو به وڏو شان آهي. Dignity is in labour تحت، اهي به شانائتا مانائتا آهن. جڏهن نِڪر ۽ چمڙي جون مهرون سڪه رائج الوقت هيون، تن ڏينهن ۾ ڪنيرن ۽ موچين جي، بادشاهن جي دربارن ۾ ڇا حيثيت هوندي، ان جو اندازو اڄ جي finance ماهرن جي عزت مان لڳائي سگهجي ٿو. جيڪي ڪوري، ڪپڙو اٽي، ڏيساور سان ملڪي واپار کي فروغ ڏيندا هيا. تن جي حيثيت جو اندازو اڄ جي ڪارخانيدارن جي حيثيت ۽ لئه مان لڳائي سگهجي ٿو. اهو ئي سبب هيو جو، هڪ مينگهواڙ/ موچيءَ کان جڏهن ڳوٺ ۾ موجود ذاتين ۽ نسبن بابت پڇيو ويو ته نهه پهه وراڻيائين؛

- هيڪ گهر هون رو، هيڪ گهر قاجي رو، باقي ڍاڊ ڊوڊ- (ٽري، چوٽي)
- هڪ گهر سيد جو، هڪ گهر اسان پاڪ-روهي-پوٽن جو، باقي آ لاٿ لوٿ. (ساهتي)

ٿورو ڪنڌڙ قاضي ۽ سيد جي ذات کي ڇڏي، سهتي ۽ ٻرڙي تي ته ڪوري موچي به فلڪ آٽڻ لاءِ تيار ناهي. هر ڪنهن کي پنهنجي ذات تي ايترو فخر آهي. ڇو نه هجي؟ جنهن کي اسان گهٽ ذات ٿا سمجهون، ڇا ان جي گهر، رات جو ڏيئو نه ٿو ٻري؟ ان جي گهر ۾ اوندهه ۽ ٻک سبب روشنيءَ ۽ ڪاڏي جو ڪال آهي؟ ڇا عزت النفس ۽ غيرت، ان مان نڪري وئي آهي؟ سڀ ڪجهه آهي. تنهنڪري ته هر پٽر پنهنجي جاءِ تي ڳوڙو آهي.

سال ١٩٧٣ع ڌاري، انين درجي ۾، نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ پڙهڻ دوران، ٻه ذاتيون ٻڌڻ ۾ آيون، جيڪي مون سان گڏ ٻين ڪيترن شاگردن لاءِ نيون پڻ هيون.

هر ڪو انهن ذاتين ڪي ٻڌڻ ڪان پوءِ ٿورو ڪلندو ضرور هيو. مراد اها ته ذات ڪهڙي قسم جي آهي. هڪ ناهيون، ٻي هڪڙو. هَڪڙو ڪي هاٿي، ﻫ تي زبر سان پڙهڻ پڃاٽان هاڪڙو درياهه جي تهذيبي ادوار مان گذريل ذات سمجهون ٿا. جڏهن ته ان وقت ﻫ تي زير ڏئي پڙهندا ۽ سڏيندا هياسين. چوندا هياسين: هيءُ هِڪڙو ته پوءِ ٻيو ڪير؟ ناهين بابت به ائين ته: هيءُ ناهيون ته پوءِ آهيون ڪير؟

ناهيون بابت چند ٻه چار، غلام مصطفيٰ ناهيون صاحب پنهنجي ڪتاب اندر ڪري ڇڏي آهي. جيڪا پڙهندڙ ڪي سولائيءَ سان اتي ئي سمجهه ۾ ايندي. اتي ئي پڙهڻ گهرجيس.

ليکڪ سان منهنجو خطن ۽ فونن، نيٽ ۽ اي ميل ذريعي ئي رابطو ۽ تعلق آهي. روبرو اڃا تائين ملاقات جو شرف حاصل نه ٿيو آهي. ٿيو ائين جو ڪينجهر رسالي، جيڪي نمبر ڪڍيا پئي، تن ۾ ناز سنائي صاحب ڪجهه نمبر ڪڍڻ لاءِ مون تي ذميواري رکي هئي. جن مان عبدالڪريم گدائي نمبر ته شايع ٿي ويو. باقي برڪت علي آزاد نمبر ۽ ذاتيون نمبر، جن جي ذميواري پڻ مون تي هئي، سي ڇپجڻ ڪان رهجي ويا. سلسلا ٽٽي ويا. ڪٺا ڪيل مواد رلي ۽ زماني جي دست برد ٿي ويا. جن ڪي پنهنجي تحرير جو اونو هيو تن ته ٽڙي ٽڪڙي هِتي هُتي، اجتمائي نه ته انفرادي طور ڇپائي به ڇڏيا. ڪيترو مواد ته اڃا تائين به هيڏي هوڏي آهي. بهرحال غلام مصطفيٰ ناهيون صاحب، ناهيون ذات وارو مضمون موڪلي، وساري نه وينو. بار بار ناز ڪي فون ڪندو رهيو. جنهن منهنجو نمبر ڏيئي، جان ڇڏيس. جڏهن ته مواد، جيئن مون ڪي مليو هيو، تيئن ناز صاحب ڪي موڪلي ڇڏيو هيم. غلام مصطفيٰ وٽ به فوٽو ڪاپي نه هئي. جنهن ڪري ڪيس ڏاڍي اڻ تڻ هئي. ڪيترا سال فونن ۽ خطن ذريعي رابطو رهيو. نيٽ الائي ڪٿان اهو مسودو ڪيس ملي ويو. اندازو آهي ته ناز ئي ڪيس هٿ ڪري ڏنو هوندو. سو ڏياري موڪليائين. وٽس اسلام آباد ۾ سنڌي ڪمپوزنگ جي سهوليت نه هئي، جنهن ڪري ترت ڪمپوزر ڪي ڏنم ته ڪاٽي گم نه ٿي وڃي. بهر حال ڪيس جس هجي جو هڙان وڙان ۽ هنجان گنجان مٿس خرچ ڪري ڇپرائڻ جا جتن ڪيا اٿائين ۽ پنهنجي ڪلهن ڪي هڪ قومي بار ڪان آجو ڪيو اٿائين. رب پاڪ ڪيس وڏي ڄمار ۽ وڏڙن جي ساجاهه عطا ڪري.

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**

٨٩- پروفيسرس ڪالوني، قمبر روڊ، لاڙڪاڻو.

٠٩-١٢-٢٠١٢



# آهيون، پوءِ به سڏايون ناهيون !

اسان جي معاشري ۾ ’ذات‘ کي وڏي اهميت حاصل آهي. اسين پنهنجي نالي ۽ عمل ڪان وڌيڪ، ذات ذريعي سڃاتا ٿا وڃون.

ان ڳالهه جو احساس، اسڪول واري زماني ڪان زور وٺڻ لڳو، جڏهن ٻين گهٽين ذاتين وارن دوستن سان واسطو پيو. اڪثر دوستن کي ”ناهيون“ ذات پهريون دفعو ٻڌندي ۽ نه سمجهندي محسوس ڪيم. ڏاڍي مشڪل سان ڪين، ’ناهيون‘ ذات سمجهائڻي پوندي هئي. ان جا ڪيترا ئي سبب آهن: هڪ ته اسان جي ذات جا ماڻهو تعداد ۾ ٿورا آهن، گهڻو ٻاهر نڪتل ۽ ٻين قومن سان لهه وچڙ ۾ ناهن. تعليم ۽ سماجي ميدان ۾ بلڪل پوئتي پيل آهن، وغيره.

انهن ئي ڏينهن ۾ بابا سائين جي قريب رهندي، ڪانئس وڏن جي قصن ذريعي، ناهيون ذات جي اصليت بابت ڪجهه اهڃاڻ ملڻ شروع ٿيم. ڪجهه دلچسپي وٺڻ تي معلوم ٿيو ته ڪن ماڻهن وٽ شجرا موجود آهن، پر انهن سان ملڻ ڪان پوءِ نا اميدي ۽ پريشاني وڌي ويئي، جو وٽن عملي طور ڪجهه به موجود نه هو!

ڪئين ڀيرا ناهيون ذات ٻڌائيندي به عيب محسوس ڪيم: ۽ سوچيم ته جيڪر ڪجهه سمجهه وندن سان ملي، ذات ئي مٽائي وڃي! اهڙي صورتحال ۾، 1986ع ۾، هڪ نظم ”آهيون، پوءِ به سڏايون ناهيون“ جي سري هيٺ پڻ لکيم.

بابا جي صحبت ۾ رهندي ۽ سندس قصن ۾ دلچسپي وٺندي، ناهيون ذات بابت ڪجهه پڪا اهڃاڻ ۽ رستا نڪرندي نظر آيم. ٿوري کوج ۽ بابا جي همٿائڻ تي، ڪجهه وڌيڪ مظبوط ۽ همت افزا ثبوت ملڻ شروع ٿيا ۽ هڪ شاندار ۽ شفاف آئينو، جڙندي محسوس ڪيم. ادبي دنيا ۾ پير پائيندي، جڏهن ڪهاڻيون، ريڊيو ڊراما ۽ ٻيو ڪجهه زور شور سان لکڻ لڳس، تڏهن پنهنجي ذات جي تاريخ لکڻ جي ذميداري پاڻ تي وڌ ڪان وڌ پاتيم ۽ ائين يونيورسٽيءَ جي آخري امتحان ڏيڻ بعد، ڪجهه عزيزن جي مدد سان، سنڌ ۾ ناهيون ذات جي مختلف ڳوٺن جو دؤرو ڪيم. سيني ۾ ڇپائي رکيل تاريخ وارن جهونن سان ملي، سندن قصن کي نوٽ ڪيم. ڪتابي شهادتن ۽ ٻين

ماڻهن کان ملندڙ روايتن سان، انهن جي پيٽ ڪري، وس آهر هڪ حقيقي ۽ سچي تاريخ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. سن ۽ تاريخن جي پيٽ، ان دؤر جي اولياءِ ڪرام جي ڄم ۽ وفات جي تاريخن جي حوالي سان ڪيم، جو ڪنهن حد تائين اهي مصدقه ۽ تحقيق ڪري محفوظ ڪيل آهن.

ان سڄي ڪم ۾ رهنمائي ۽ همت افزائي وري به پنهنجي والد محترم کان ملندي رهي، جنهنڪري اڄ جڏهن هن ڪم جي 'ارپنا' سندس حوالي سان ڪري رهيو آهيان ته هڪ طرف خوشي ۽ فخر ٿو محسوس ٿئيم ته ٻئي پاسي ڏک پڻ، جو اڄ هو هي سڀ ڪجهه ڏسي نه سگهيو آهي.

هن سفر ۾ جيڪي ٻيا مددگار رهيا، انهن مان به ڪافي هاڻي هن دنيا ۾ ناهن رهيا. پنهنجي ذات جي ماڻهن جي علم ادب کان دوري ۽ پنهنجي تاريخ کان ناواقفيءَ کي محسوس ڪندي به ڏاڍو ڏک ٿو ٿئيم.

اڄ کان ڪجهه سال پهرين ”سنڌي ساهت گهر“ حيدرآباد طرفان، جڏهن ڪينجهر رسالي جو ذاتيون نمبر ۽ ڳوٺ نمبر ڪڍڻ جو اعلان ڪيو ويو ته ڏاڍي خوشي ٿيم. پنهنجي ڪم کي هڪ ابتدائي ڪاميابي ۽ پنهنجي ذات جي عام و خاص تائين پهچائڻ جو ذريعو محسوس ٿيم. ان ڪري هٿ ڪيل، مواد کي رسالي جي گهرج آهر مضمون جي صورت ۾ ترتيب ڏنم. بعد ۾ ڳوٺن جو ذڪر ته 'ڳوٺ نمبر' ۾ ڇپجي ويو پر ذات وارو اصل مضمون، ڪينجهر رسالي جي ڪن مجبورين سبب، ذاتيون نمبر نه نڪرڻ ڪري، نه ڇپجي سگهيو. ائين سال گذري ويا. مضمون به گم ٿي ويو.

اصل ۾ منهنجو مقصد هيءُ مضمون شروعاتي طور ڪينجهر ۾ ڇاپائڻ جو اهو به هو ته هڪ دفعو عام ماڻهن جي هٿ ۾ اچي ته جيئن ان تي ڪا راءِ اچي سگهي. ان طرح روايتن جي ٺيڪا ٺپي کان پوءِ، انهن کي ڪنهن بهتر شڪل ۾، ڪتابي صورت ۾ ڇاپائجي.

وقت تيزيءَ سان گذري ويو. روزگار بهاني، اسلام آباد رهڻو پيو، جنهنڪري ڳوٺ، ذات ۽ لکڻ کان تقريبًا ڪٽجي ويس. جڏهن به ڳوٺ آيس ته پنهنجن ۽ پنهنجي ذات وارن کي علم ۽ ادب کان دور ڏسندي، سخت افسوس ۽ ڳڻتي ٿيم. گذريل سال (۲۰۱۱ع) وارين هاڃيڪار برساتن ۾ جڏهن گهڻو ڪجهه نقصان ٿيو، انهن ۾ منهنجا ڳوٺ واري گهر ۾ رکيل ڪتاب ۽ قلمي نسخا به بارش جي ور چڙهي ويا.



انهن مڙني ڳالهين، ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو اٿم ۽ پڪ ڪيم ته جيترو جلدي ٿي سگهي، هيءُ مضمون ڇاپي پنهنجي ذات جي ماڻهن تائين سندن هيءَ امانت پهچايان.

لک لائق انجنيئر عبدالوهاب سهتو ۽ رياضت ٻرڙو صاحب جا، جن جي محبت، محنت ۽ مدد سان هيءُ قومي ڪم، ڪتابي صورت ۾ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هيءُ مضمون، ناهيون ذات جي ڪا مڪمل ۽ بلڪل پڪي تاريخ نٿي چئي سگهجي، ڇو ته خود سنڌ جي تاريخ به اڃا تائين مختلف روايتن ۽ قصن جي بنياد تي ٻڌل آهي. تحقيق جي گنجائش بلڪل موجود آهي. گهڻيون شيون اڃا به لکڻ کان رهجي ويون آهن. چند خاص ڳوٺن کان علاوه، ناهيون ذات جي مڙني ڳوٺن جو ذڪر گهڻن ئي بنيادي سببن ڪري قلمبند ڪرڻ کان رهجي ويو. وقت ۽ وسائل جي ڪميءَ جي ڪري ڪڇ، ٿر ۽ هندستان جي راجستان ۾ موجود ناهين جو ذڪر نه اچڻ سبب هيءُ مضمون، اگرچه اڻپورو چئي سگهجي ٿو، پر پوءِ به تاريخي اعتبار کان، ناهيون ذات توڙي ٻين ننڍين سماٽ قومن لاءِ هيءُ مضمون، اميد تي ڪارگر ۽ حوالي لائق رهندو.

هن مضمون ذريعي، هڪ بنيادي ڍانچو ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. سام کان آريا ۽ عربن کان اڄ جي دؤر تائين جيڪي روايتون، اهڃاڻ، حوالا، لکتون ۽ بيان ملي سگهيم، انهن کي چنڊي ڇاڻي ترتيب ڏئي اوهان سامهون اوهان جي امانت رکي اٿم. ڪوشش ڪري صرف اهي روايتون ۽ حوالا قلمبند ڪيا اٿم، جن جي تصديق هڪ کان وڌيڪ راوين ڪئي آهي. خوامخواه ناهيون ذات کي اونچو يا گهٽ ڏيکارڻ کان پرهيز ڪئي اٿم. نه ته ناهيون ذات کي متحده عرب امارات جي شيخ النهيان سان ملائڻ چاهيو اٿم، نه وري سمان گهراڻي جي آخري بادشاه ڄام نندو جو پونئير ثابت ڪرڻ لاءِ هٿرادو حوالا ڏنا اٿم. جيڪي سچ سامهون آيو اٿم، ڪٺي اوهان اڳيان پيش ڪيو اٿم. مون کي ان ڳالهه جو قوي ايمان آهي ته اوهان مان ئي ڪنهن کي الله همت ڏيندو جو هن ۾ جيڪڏهن روز ڊائري جو هڪ پنو پنهنجي باري ۾ لکي به اضافو ڪندؤ ته هوند تاريخ جو سلسلو ٺهي پوندو.

دعا آهي ته الله پاڪ اسان سڀني جو هادي، حامي ۽ رهبر رهي.

**غلام مصطفيٰ ناهيون**

۴ آگسٽ ۲۰۱۲ع، اسلام آباد

# ناهيون

## (تاريخ جي آئيني ۾)

گرامر جي لحاظ کان لفظ ناهيون اسم ذات آهي، جيڪو پهرين اسم خاص ۽ پوءِ اسم عام ۾ شامل آهي. ان کان علاوه ڪن صورتن ۾ ضمير ته ڪن ۾ حرف ندا پڻ آهي.

سنڌ جي علاقائي ۽ ٻوليءَ جي لهجي ڳالهائڻ جي لحاظ کان ڪٿي هن کي "ناهيو" پڙهيو ۽ لکيو ٿو وڃي جهڙوڪ: بدين، ٺٽو ۽ نوابشاهه ضلعن ۾، پر حيدرآباد، ٽنڊوالهيار ۽ مٽياري ضلعن ۾ "ناهيون"، لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. صحيح ڇا هي؟ ان جو اندازو ان مشابهت مان لڳائي سگهجي ٿو ته ذات سمون ڪڏهن "سمو" (يعني پويان "نون" کان سواءِ) لکي ويندي آهي، پر پڙهي هميشہ "سمون" (يعني پويان "نون" سان گڏ) ويندي آهي. انڪري هتي به ان ڳالهه جو نهايت سختيءَ سان خيال رکيو وڃي ته اگر "ناهيون" کي ڪٿي "ناهيو" لکيو به وڃي ته به پڙهيو هميشه "ناهيون" (يعني پوئين نون جي اچار سان گڏ) وڃي.

قبائلي لحاظ کان هيءَ ذات به، سنڌ جي ٻين گهڻين ذاتين وانگر، سنڌ جي اصلي رهاڪو ذات آهي ۽ سماٽ قبيلي ۾ ليکجي ٿي. تحفة الڪرام ۽ ان کان پوءِ جي مڙني تاريخي ڪتابن، سنڌ جي اصلي ذاتين کي سماٽ يعني سمان قوم جون شاخون لکيو آهي.

ان کان اڳ جو ناهيون ذات کي مختلف تاريخي/حڪومتي دورن ۾ مختلف صورتن ۾ ڳولجي، ڪجهه وضاحتون هيٺ ڏجن ٿيون، جيڪي هن مضمون کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ لاءِ مدد ڪنديون.

١- جيڪڏهن اسين اڄ جي دور ۾ به سنڌ يا ڪنهن ٻئي ديس/ خطي



جي ماڻهن جو ذڪر ڪنداسين ته بجاءِ ان جي جو سنڌ يا ٻئي ڪنهن ديس ۾ رهندڙ مختلف ذاتين جو جدا جدا نالو وٺي ذڪر ڪرڻ جي، يڪجا ڪري صرف ائين ئي چونداسين يا لکنداسين ته سنڌي قوم يا فلاڻي قوم.

مطلب ته سنڌي قوم جو مفهوم آهي: اهي ماڻهو جيڪي سنڌي ٻولي ڳالهائين ٿا يا سنڌ ديس ۾ رهن ٿا. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته: مجموعي طوراسين صرف مک ذات يا قوم جو نالو ٿا وٺون، جنهن مان مراد اها هوندي آهي ته مختلف نظرين يا اصولن جي وابسگتيءَ سان ٻيون جيڪي به ذاتيون يا قومون ان مک ذات سان واڳيل آهن، انهن سڀني جي نشاندهي ان هڪڙي ذات يا قوم جي نالي وٺڻ سان ڪئي پئي وڃي.

بلڪل اهڙيَ طرح جيئن ته سماٽ قبيلي ۾ سمان هڪ مک قوم/ ذات آهي ۽ ٻيون سموريون ذاتيون ان جو اولاد يا شاخون آهن، ان ڪري مختلف تاريخي ڪتابن ۾ يا هن مضمون ۾ جتي به سمان قوم جو ذڪر آيل آهي يا ايندو، ان مان مراد صرف موجوده صورت واري سمان ذات نه آهي، پر اهي سموريون ذاتيون آهن جيڪي سمان قوم جون شاخون ٿيون سڏجن.

٢- آدمشماريءَ جي لحاظ کان ڏسبو ته سال بسال جنهن تناسب سان آدمشماري وڌي رهي آهي، جيڪڏهن پوئتي وجبو ته بلڪل ان تناسب سان آدمشماري گهٽجي ويندي، تان جو جڏهن اسان گهٽا ئي سال پوئتي هليا ويندا سين، فرض ڪريو سمن جي دور ۾ ته اسين يقينًا اهو محسوس ڪنداسين ته ناهيون ذات ڳاڻيٽي جي لحاظ کان ڪنهن به صورت ۾ ايتري ڪا نه هوندي جيتري اڄ آهي.

جيڪڏهن مٿين حقيقت مڃڻ جوڳي آهي ته پوءِ بنا ڪنهن شڪ جي اهو به چئي سگهجي ٿو ته: سمان ذات جڏهن حڪمراني ڪري رهي هوندي تڏهن ايتري گهٽائي ۾ هرگز نه هوندي جيتري اڄ آهي. ان ڳالهه کي ذهن نشين ڪندي اهو خيال ضرور ذهن ۾ ايرندو ته: سنڌ تي جڏهن سمن جي حڪمراني هئي، تڏهن اها صرف سمان ذات جي

ڪا نہ هئي پر سمان قوم جي هئي. يعني جيڪي بہ ذاتيون سمان قوم جون شاخون ٿيون سڏجن، انهن سيني جي مدد سان اها حڪمراني قائم هئي، جنهن جا اڳواڻ يا حاڪم گهڻو تڻو سمان ذات مان هئا يا وري ڪٿي روايتن موجب سمان قوم جي ٻين شاخن مان بہ بڻيا پر مجموعي طور سڏيا اهي بہ سمان ٿي.

چاڪاڻ تہ خود سمان ذات ان وقت ٻين ذاتين جي بنسبت گهٽائيءَ ۾ هئي ۽ ٻين ذاتين کان وڌيڪ سياڻي، عقلمند ۽ سگهاري هئي انڪري ٻين مڙني ذاتين ڪٿي سمي ذات جي ماڻهوءَ کي پنهنجو اڳواڻ بڻايو هوندو. پوءِ جيئن اڄ بہ اسان وٽ ٿيندو رهي ٿو تہ چڱمڙسيءَ جي پڳ پشت بہ پشت ٿي هلندي اچي، پوءِ جو ڪٿي پشتي ۾ ٻئين يا ٽئين چڱي مڙس ۾ چڱمڙسيءَ جو وصفون نہ بہ هجن پر رهندو اهو ئي چڱو مڙس. اهڙيءَ طرح سمن جي حڪمرانيءَ ۾ بہ ائين ئي ٿيندو رهيو. سمان ئي گهڻو ڪري حڪمران رهيا ۽ باقي ٻيون ذاتيون سندن مددگار ۽ ٻانهن ٻيلي رهيون. جن مان گهٽين ذاتين کي انتظامي امور ۾ درجابندي طور جام، ارباب وڏيري وغيره جهڙا لقب پڻ ڏنا ويا.

٣- ان وقت قومن جو ڳاٽيتو گهٽ هجڻ جو هڪڙو واضح نقطو اهو بہ آهي تہ جيئن اڄ ڄم ۾ واڌ آهي تيئن اڳ مختلف جنگين، قومي جهيڙن ۽ بيمارين سبب موت جي شرح ۾ واڌ هئي. جيئن تاريخن ۾ اچي ٿي تہ هر جنگ ۾، هزارين ماڻهو ماريا ٿي ويا.

٤- ناهيون ذات جي حوالي سان جيڪڏهن ڏسبو تہ اڄ بہ ان قوم جي موجودگي حيدرآباد، مٽياري، ٽنڊوالهيار، ٺٽو، بدين، ڪراچي، نوابشاهہ ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ آهي يا وري سندن هڪ وڏو حصو، هندوستان جي راجستان واري علائقي ۾ پڻ آباد آهي. مطلب تہ اهڙن خطن ۾ آهي يا آسپاس آهي جيڪي سمان دور ۾ دارالحڪومت رهي چڪا آهن، جهڙوڪ: حيدرآباد ۽ ٺٽو. جنهن مان اهو ظاهر آهي تہ ناهيون ذات جا ماڻهو مختلف دورن ۾ سمن سان گڏو گڏ رهندا پيا اچن.

مٿين ڪجهہ حقيقتن کي نظر ۾ رکندي، جيستائين ناهيون ذات جي ڪا ڪتابي يا پڪي ۽ الڳ حيثيت ملي، تيستائين موجود تاريخ جي مدد سان، سمان قوم نالي ۾ گڏوگڏ هلبو، جو ناهيون بہ سماٽ يعني



سمان قوم جي هڪ شاخ آهي.

سنڌ جي تاريخي ڪتاب "تحفة الڪرام" موجب، سماٽ قوم جو شجرو سام بن حضرت نوح عليه السلام سان ملايل آهي. ساڳئي ڪتاب توڙي ٻين تاريخ جي ڪتابن ۾، سام (جنهن جي سما قوم اولاد آهي) تي ڪافي ضد ڏيڪاريل آهن. جن مطابق: (١) سام بن عمر بن هاشم بن ابو لهب هو (٢) سام بن عمر بن عڪرمہ بن ابوجهل هو. عڪرمہ مڪي شريف جي فتح کان پوءِ اسلام ۾ داخل ٿيو ۽ ٻاهٺ ورهين جي ڄمار ۾ سن ١٣هہ ۾ يرموڪ واري مشهور لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويو. پر جيئن تہ سنڌ جون تقريبًا سموريون قومون محمد بن قاسم جي اچڻ کان پوءِ درجي بہ درجي اسلام ۾ داخل ٿينديون ويون، انڪري اها روايت غلط آهي. چاڪاڻ تہ عڪرمہ اڳيئي مسلمان ٿي چڪو هو ۽ پوءِ وري هن جي اولاد جو غير مسلم ٿي، هيڏي وڏي قوم جي صورت ۾، سن ٩٢هہ جي لڳ ڀڳ، هن دور دراز سر زمين تي اچي آباد ٿيڻ، هڪ غير تسليم شده ڳالهہ آهي. (٣) ٽين روايت موجب تہ سما قوم، ايران جي بادشاہ جمشيد جو اولاد آهي. جتان ئي ڄام جو لقب منسوب آهي.

انهن مڙني روايتن جي باوجود، هڪ روايت جنهن تي سڀئي تاريخدان اتفاق راءِ آهن، اُها اِها آهي تہ سام حضرت نوح عليه السلام جي هڪ پٽ جو نالو هو، جنهن جو اولاد وچ ايشيا کان آريا قوم جي نالي هندستان ۾ اچي رهيو هو. انهيءَ سام کي چار پٽ هئا: ٻڌا، سنگها، ياڳرت، همهر.

ٻڌا کي چوڏهان پٽ هئا: بدهہ، سورهہ، سهتہ، اڪيل، اوتار، امرهہ، بزير ۽ ٻيا جن جي اولاد کي 'راٺوڙ' ٿو سڏجي. سنگها ۽ همهر جي اولاد کي 'تودر' سڏيندا آهن

ياڳرت جو پٽ ڏيرو، ڏيرو جو پٽ اجيپار، اجيپار جو پٽ دسرٿ. دسرٿ کي ٽن راڻين مان چار پٽ هئا: رام، لڇمڻ، پرت، چترگهن.

پرت کي چار پٽ هئا: پرهار، جنسپا، ڪوريجا، ناهيا. چترگهن جو

اولاد چارڻ ٿو سڏجي. لڪشمڻ کي ڪو بہ اولاد ڪو نہ هو. رام کي هڪڙو پٽ هو نواڪس. نواڪس جو پٽ هو اتت. اتت جو پٽ هو نرگت، نرگت جو پٽ هو ڪن، جنهن جي نالي سان ڪن شهر هو. ڪن جو پٽ هو راجا سنبوت.

راجا سنبوت کي چار پٽ هئا: سام، بارڪره جنهن کي شاهہ بہ چوندا آهن، هنرت جنهن کي دکن بہ چوندا آهن ۽ چوٿون ماوهہ. انهن مان سام کي هڪڙو پٽ هو جادم، جنهن کي چار پٽ هئا: هسپت جنهن جو اولاد آهن سنڌ جا سما، ڪجپت جنهن جو اولاد چنا آهن، پوپت جنهن جو اولاد سنڌ جا پٽني آهن، جوراسمہ جنهن جي اولاد مان مشهور سخي شهزادو راءِ ڏياچ هو، جنهن ٻيجل چارڻ کي پنهنجو سر وڍي ڏنو.

جادم جي چئن پٽن مان هسپت کي هڪڙو پٽ هو، جنهن جو نالو زبدري هو. زبدري جو پٽ نيٿ هو، جنهنجو پٽ نوتيار هو، نوتيار جو پٽ اوڍر هو، اوڍر جو پٽ آئوڏ هو، آئوڏ جو پٽ لاکيار هو ۽ لاکيار جو پٽ لاکو هو.

لاکو بادشاهہ ٿيو هو. ان جا چار پٽ هئا: ائوڏ جنهن کي اولاد ڪو نہ هو، مگر سندس رهڻ جو هنڌ سندس نالي پٺيان ائوڏ ملڪ سڏجي ٿو. مهر، جنهن کي چار پٽ هئا: ساڏيا، وديتر پاناري، ورها ۽ ساند.

لاکو راجا پيريءَ ۾ وري پرڻيو. جنهن مان چار پٽ ڄاوس: انڙ، چنو، ڦل لاکو ۽ مناهيو. چني کي ٽي پٽ ٿيا: بابڙو، دنکنا ۽ ڪلہ. ڦل لاکي جو پٽ هو ڪلاني. لاکي جي وڏي پٽ انڙ کي هڪڙو پٽ هو: لاکو. انهيءَ لاکي جو پٽ هو سمون. سمي جا وري ٻہ پٽ هئا: ڪاڪو ۽ جکريو. ڪاکي پوٽا مسلمان، انهيءَ ڪاڪي جو اولاد آهن ۽ جکريا مسلمان انهيءَ جکريي جو اولاد آهن. ڪاڪا پنهنجي رياست ڪاڪ جو حاڪم هو، جنهن جا ٻہ پٽ هئا: پلي ۽ رائدن. پليءَ جي اولاد مان مسرق سمون، پنهنجي قوم جو سردار هو

رائدن کي نو پٽ هيا: (١) سمو، جنهن جو اولاد سميجا آهن. (٢) نوتيار،



جنهن جو اولاد نوت آهن. (٣) لاکو، جنهن جو اولاد لنجار آهن. سنڌ جو مشهور درويش ساهڙ لنجار انهيءَ قوم مان آهي. (۴) ابڙو، جنهن جو اولاد ڦل ناهيان ۽ ڏاهر ناهيان آهن. (۵) ناهيون (٦) چنيسر جيڪو پنهنجي وقت جو مشهور ماڻهو هو. (٧) مناهيو، (٨) ڪوريو، جنهن جو اولاد ڪوريجا آهن. (٩) پلي، جيڪو پنهنجي قوم جو سردار ٿيو.

## آريا قوم جي پسمنظر ۾

مٿي ڄاڻايل آهي تہ آريا (معنيٰ سڌريل قوم)، سام بن نوح عليہ السلام جو اولاد آهن. جيڪي اتر قطب ۽ وچ ايشيا کان چوپائي مال ۽ ڪٽنبن سميت، پهريان پنجاب ۽ ان کان پوءِ گنگا ۽ جمنا جي علائقن (هندستان) ۾ اتي جي قديم رهاڪن، گوند، ڪول، سنٿال ۽ پلين کي لوڏي پاڻ آباد ٿيا ۽ انهن علائقن جا نالا 'برهم ورتا' ۽ 'آريا ورتا' رکيائون. سندن ٻن خاندانن سورج-ونسي ۽ چندر-ونسي جي راجائن هندوڪش جبل کان برهمپترا نديءَ تائين گنڌرا، مڌرا، تڪشلا، اندر پرستا، مٿرا، ڪامپيلا، ڪپل وستو، ايوڌيا، پرياگا، ڪاسي، پتا ليپرا، گيا، اجين ۽ هستناپور جا شهر تعمير ڪرايا. (هستناپور جو شهر پارت ورت جي تختگاهہ دهليءَ کان اتر اولهہ طرف جمنا جي ڪناري کان سٺ ميلن جي مفاصلي تي آهي). سندن زبان مهاپاشا يا سنسڪرت هئي، جنهن پوءِ اصل قوم دراوڙن جي زبان دراوڙي سان ملي پراڪرت ٻوليءَ جو روپ ورتو.

ڪتاب 'جنت السنڌ' جو مصنف مهاپارت ۽ رامائڻ جي حوالي سان لکي ٿو تہ اجوڌيا ائوڌ (ڪوشل) جي تختگاهہ جو باني اڪشواڪ راجا هو. هن راجا جي خاندان مان راجا دسرٿ (شجري وارو) کي ٽن راڻين مان چار پٽ هئا. سندس ننڍي راڻي ڪيڪئي، ڪيڪهہ ديس، سنڌ جي راجڪماري هئي. جنهن جي بطن مان راجا پرت نالي پٽ ڄائو جو ڪيڪهہ ديس (يعني ستلج ۽ راوي کان وٺي جوڌپور ۽ ديرهہ جات تائين) تي حڪومت ڪندو هو. پاڻ هستناپور جي زبردست سلطنت جو باني هو ۽ مها پارت يا پارت ورش سندس سلطنت جو نالو هو.

جيئن تہ راجا دسرٿ کان پوءِ راڻي ڪيڪئي پنهنجي پٽ پرت کي ولي عهد ڪيو ۽ دسرٿ جي وڏي پٽ رامچندر کي چوڏهن ورهيہ جلاوطن ڪيو.

رامچندر، ترهوت جي راجا جي ڌيءَ سيتا سان شادي ڪئي، جنهن کي لنڪا جو راجا 'راوڻ' رامچندر جي غير موجودگي ۾ ڀڄائي ڪٺي ويو. بعد ۾ رامچندر ۽ سندس ڀاءُ لڇمڻ دکن جي راجا سگريو جي مدد سان راوڻ کي قتل ڪري سيتا هٿ ڪئي ۽ چوڏهن سال جلا وطني ڪاٽي پوءِ اجوڌيا جي تخت تي وري اچي حڪومت ڪئي.

آرين جي چندر-ونسي ۽ سورج-ونسي نسل جو ۽ ڪن ٻين جو اولاد، پاڻ کي راجپوت سڏائيندو هو. جڏهن ته برهمڻ ڪين، راجپتر يعني راجائن جو اولاد سڏيندا هيا.

## راءِ گهراڻي سان تعلق ۽ ان دور حڪومت ۾ حيثيت

ايوڌيا جي سورج ونسي خاندان جي راجائن مان رامچندر جي اولاد مان راجا بليڪا جي پٽن يارنهن سو ورهيه ق. م الورتي حڪومت قائم رکي هئي. تنهن کان پوءِ چندرونسي راجائن دکن کان گجرات، سنڌ، بلوچستان، زابلستان ۽ ڪابل تائين حڪومتون قائم ڪيون. هستناپور کان وٺي الهندي هندستان تائين جن راجائن حڪومتون قائم ڪيون تن جي خاندان مان يادو، جن جي گجرات، سنڌ ۽ الهندي هندستان ۾ مڪران تائين حڪومت هئي.

سنڌ جي يادو حڪومت جو پايو وجهندڙ، 'سمابا' هو جو دوراڪا جي راجا ڪرشن جي ستين راڻي 'جامبوتيءَ' جو وڏو پٽ هو. هيءَ سلطنت جنهن جون حدون زابلستان پريان هيملن تائين هيون، 'سنڌ سمہ' سڏبي هئي. سندس تخگاهه کي 'مينانگر' يا 'سمانگر' سڏبو آهي. سنڌ تي يادوونسي راجا سامبس جي حڪومت هئي ۽ تنهن کان پوءِ سن ۴۵۰ع ۾ راءِ گهراڻي جي راجائن جي حڪومت سنڌ تي قائم ٿي ۽ 'الور' هن جو تختگاهه هو. راءِ گهراڻي جي آخري راجا راءِ سهاسي جي ٻي اولاد مري وڃڻ کان پوءِ چچ ولد سيلاج برهمڻ سن ٦٣٢ع ۾ تخت نشين ٿيو ۽ ان طرح برهمڻ گهراڻي جي حڪومت قائم ٿي. جنهن کان پوءِ سن ٧١٢ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي.

(نوٽ: جيئن ته ڏيکه هن مضمون جو مقصد ناهي، انڪري مختصرًا اهڙا احوال ورتا ويا آهن، جنهن سان سماٽ قوم جي موجود قديم ۽ تاريخي شجري سان تعلق جوڙيندي ناهيون ذات جي اوائلي تاريخ کان اڄ تائين جو آئينو جڙي سگهي.)



## رائڊن جي نون پٽن جو سما نگر مان نڪرڻ ۽ جدا ٿيڻ

جيئن 'تحفة الڪرام' کان ويندي 'تاريخ سنڌ-٣' ۽ تقريبًا ٻين سمورن تاريخي ڪتابن ۾ رائڊن پٽ ڪاڪو جا نو پٽ ڄاڻايل آهن (جيئن هن مضمون جي شروعات ۾ ڏنل شجري اندر نقل ڪيل آهي). اهڙيءَ طرح ڪتاب 'تاريخ سميجا' جي مصنف قاضي محمد سليمان ڀان پڻ رائڊن جا نو پٽ ئي ڄاڻايا آهن. پر انهن جي نالن ۾ ٿورو اختلاف ڏيکاريو آهي. سندس مطابق رائڊن جي نون پٽن جا نالا هن ريت آهن. ١. سمو جنهن مان سميجا آهن. ٢. ابڙو ٣. چنيسر ۴. منهي، جنهنجو اولاد مانڌر وارا منڌرا آهن. ۵. نوتيار، جنهن جو اولاد دلاسي ۽ چاچڪ پرڳڻن واري نوتيار قوم آهي. ٦. ڏاهر، جنهن مان ناهيان قوم آهي. ٧. هڱورو، تنهن مان ناهيان قوم آهي. ٨. لاکو، جنهن مان ڏيري ۾ لاڪا سمان آهن. ٩. پلي، جنهن جا نهڙي، راهمون ننگر سمان ۽ ٻيون قومون آهن.

هتي آئون 'ناهين' جي حوالي سان لکندس ته هن صاحب رائڊن جي ٻن پٽن جا نالا ڏاهر ۽ هنگور ڏنا آهن. جنهن مان 'ناهيان' قوم ڄاڻايل آهي. پر تحفة الڪرام جي ڳانڍاپي سان 'تاريخ سنڌ-٣' جو مصنف ٻن پائرن جا نالا (جنهن مان ناهيون قوم ڦٽنڌڙ سمجهي ويئي آهي) ١. ابڙو، جنهنجو اولاد ڦل ناهيان ۽ ڏاهر ناهيان. ٢. ناهيون لکيا آهن. جيتوڻيڪ وقت جي وڏي وٿيءَ ۽ گهٽ وسائل ڪري انهيءَ فرق جي تحقيق ۽ تصديق تي بحث ۽ دليل ڪنهن خاص اهميت جا حامل نه ٿا رهن، پر پوءِ به اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ جوڳي آهي ته سمورن تاريخي ڪتابن رائڊن جي پٽن، جن مان اڄ جي ناهيون قوم آهي، انهن جو تعداد به لکيو آهي.

'تاريخ سميجا' جو مصنف، رائڊن جي انهن نون پٽن جو سمانگر (ٺٽي) کان نڪرڻ ۽ پوءِ هميشه لاءِ جدا ٿي پوري سنڌ ۾ پکڙجڻ جي سبب جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي ته: 'رائڊن' جي پٽ 'سمي' جو سڱ جيسلمير جي ڳوٺ 'سمجهاڙيلي' ۾ مڱڻاءِ جي گهر ڪيو ويو هو، جنهن لاءِ 'سمون' پنهنجي پائرن ۽ ڄڃ سميت شادي لاءِ سمجهاڙيلي اسهيو. واٽ تي رتي چائوڙي جو ڳوٺ نالو 'رتيو ڪوٽ' هو، جتي ڄڃ ٿوري وقت لاءِ

وجي ترسي. ان ڳوٺ ۾ ئي رتي جو پاءُ مراد چائوڙو هو، جنهنجي ڏيءُ نالي بيگ بائي وڏي پهلوان ۽ خوبصورت هئي. اتي ئي اتفاق سان سمي جو گهوڙو (جنهن کي يا تہ سمون خود جهليندو هو، جو خود وڏو پهلوان هو يا وري پنجاهہ ماڻهو جهليندا هئا) ڇنائي ونئي پڳو. پريان ئي مراد جي ڏيءُ بيگ بائي کير سان ڀريل ڦرسي ٻيلڙو مٿي تي ۽ مينهن جو ڦر ڪڇ ۾ ڪٽي پئي آئي. گهوڙي جي سئيس ڪيس گهوڙي جي راهہ تان پري ٿيڻ لاءِ هڪلون ڪيون، پر هوءَ پري ڪا نہ ٿي، ويتر جيئن ئي گهوڙو سندس پاسي کان لنگهيو تہ پاڻ گهوڙي جي رسي تي لت رکيائين. گهوڙي گهڻا ئي زور لاتا پر ڇڏائي نہ سگهيو. سمي جي ماڻهن اچي گهوڙو ورتو ۽ پوءِ وجي ساري حقيقت کي سمي کا آگاهہ ڪيو. سمون جيئن تہ پاڻ بہ پهلوان هو انڪري بيگ بائي، جي پهلواني ۽ خوبصورتي کان متاثر ٿي پائرن سان ضد ٻڌي بيهي رهيو تہ هو پهرين شادي ڪندو تہ مراد جي ڏيءُ بيگ بائي سان ڪندو تنهن کان پوءِ اڳتي هلي مگڻراءِ جي گهران ڪندو. پائرن ڪيس سمجهايو تہ ”مگڻراءِ جي گهر جيئن تہ تاريخ طئي ڪيل آهي انڪري پهرين هلي شادي اتان ڪرڻ کپي، پوءِ اچي هتان بہ ڪنداسين، نہ تہ راڄ پاڻ مان لائيندا تہ ڇڄ هڪ ڪنوار جي ۽ شادي ٻي ڪنوار سان ٿئي؟!!“ تڏهن بہ جڏهن سمون ضد تان نہ لٿو تڏهن پائرن سمي کي ڌمڪي ڏني تہ: ”هو ڪيس پاڳ بہ ڪو نہ ڏيندا“. سمي جواب ڏنو تہ: ”پاڳ پائرن جو آهي، نہ ڏيندا تہ پرواهہ ناهي. هيءَ شادي اڳ ۾ ضرور ڪندس.“ پائرن ٻيهر ڌمڪايس تہ: ”نہ صرف پاڳ پر پونءِ مان پڻ ڪجهہ بہ ڪين ڏينداسون“. سمي جوابيو تہ: ”مون ۾ همت هوندي تہ وني ويندس، پر هيءَ شادي اڳ ۾ ضرور ڪندس“.

نيٺ انهيءَ ڪشمڪش ۾ پائرن پيءُ جي پڳ ’سمي‘ کان ڦري ننڍي پاءَ کي ’پلي‘ کي ٻڌرائي. ائين ٻيا سڀ پائر ڪاوڙجي هليا ويا. صرف بہ ناهيان (ڏاهر ۽ هنگورو)، نوتيار ۽ منهي سمي جا ساٿي ٿي سندس شادي راتورات مراد جي ڏيءَ بيگ بائي سان ڪرائڻ کان پوءِ ٻي شادي وجي، مگڻراءِ جي گهران ڪرائي آيا، جنهن جي تصديق ۾ ’ساڏو‘ جا ٿي شعر پڻ نقل ڪيل آهن.

١ - جي رائڏڻ راءِ تہ سمي ٻيو راڄ ڪيو،



اوڇلي پون اوپري ڪيائين ڪنيري ڪاڃ.

٢ - سمي جا سميجا ٿيا ساري ڌهڻ،
پهره پلي وهاريو ڄام سمي پڇاڙان ڪٹ.

٣ - ٿي منڌرا ٻہ ناهيان، سمون ۽ نوتيار،
سندي تنهن واحد پلي کي پئدا ٿي.

مصنف اڳتي صرف سمي بابت لکي ٿو تہ: هو ٻئي شاديون ڪري سمانگر (نٿي) ڪو نہ ويو ۽ نصرپور ۾ رهي پيو. پر حقيقت ائين نہ ٿي ٿي سگهي، ڇو تہ جيئن ڪهاڻيءَ جي احوال ۽ عنوان مان صاف ظاهر آهي تہ نہ صرف سمون پر سندس ساٿي بہ ناهيان، نوتيار ۽ منڌرا پڻ ساڻس گڏ ئي رهيا هوندا ۽ پوءِ ٿي سگهي ٿو تہ، ڪجهہ عرصي بعد، سمي کي اتي ڇڏي، باقي خود واپس هليا ويا هجن، يا وري مستقل ساڻس گڏ گڏ رهيا هجن.

هڪ ٻي توجه طلب ڳالهہ جيڪا هن ڪهاڻي ۾ آيل آهي اُها اِها تہ مصنف رائڏن جي نون پٽن کي ’نٿي‘ شهر کان نڪتل ۽ آخر ۾ سمي جو ’نصرپور‘ ۾ رهي پوڻ ڏسيو آهي. پر تاريخن ۾ اچي ٿو تہ نٿو شهر سمان گهراڻي جي آخري بادشاهہ ڄام نظام الدين جي ڏينهن ۾ سمن جي اصلي تختگاهہ سمانگر کان ٽي ڪلو ميٽر پري ٻڌايو ويو جڏهن تہ نصرپور شهر پڻ تحفة الڪرام مطابق سن ٧٥١هہ ۾ سلطان فيروز تغلق جو ٻڌرايل ڄاڻايل آهي. ان حساب سان جڏهن مصنف شجري واري رائڏن جي نون پٽن کي موجوده نٿي شهر مان نڪرڻ ۽ نصرپور ۾ رهائش اختيار ڪرڻ ٿو لکي تہ اهو بلڪل غير حقيقي ٿو لڳي، ڇو تہ نٿي شهر ٻڌجڻ وقت شجري وارا اصل ڪردار، رائڏن، ناهيون، نوتيار، منڌرو وغيره نہ پر انهن جو اولاد ۽ اولادن جو بہ اولاد (جيئن ڄام نظام الدين وغيره) پيدا ٿي چڪو هو. ان لاءِ مٿي مصنف جي لکيل نٽي شهر کي سمانگر لکيو ويو آهي. جيڪو نٽي شهر ٻڌجڻ کان پهرين راءِ گهراڻي کان وني قائم هو ۽ اهڙيءَ طرح منهنجي خيال ۾ سمي ۽ ساٿي پائرن جو نصرپور شهر ۾ نہ پر موجوده نصرپور جي اردگرد رهڻ سمجهيو وڃي (وڌيڪ علم، الله کي).

## ناهيون ذات عربن جي دؤر ۾

سنڌ ۾ عربن جي حڪومت وقت جيڪي هندو رياستون هيون، انهن ۾ الور (اروڙ) روپاه، سوي (سيوهڻ) ۽ پنپور شامل آهن. پنپور جتي هن وقت ميرپور ساڪرو ۽ گهوڙا ٻاري تعلقا آهن، اتي هڪڙي قديم رياست هئي، جيڪا محمد بن قاسم کي جذبہ پري ڏيڻ سان قائم هئي. انهيءَ رياست جو مشهور حاڪم راجہ پنپوراءِ هو، جنهن پنپور جو شهر پنهنجي نالي پٺيان ٻڌايو هو.

پنپور شهر، خليفي هارون رشيد عباسيءَ جي خلافت وارن ڏينهن ۾ سن ١٧١ ھ بمطابق سن ٧٨٧ع ۾ زمين ڏٻڻ ڪري ناس ٿي ويو. (تاريخ سنڌ-٣ بحوالہ چچنامہ). هي شهر ٻين ڳالهين کان علاوه سسئي ۽ پنهونءَ جي آکاڻي ڪري بہ مشهور آهي. ڪتاب ’تاريخ سنڌ-٣‘ جو مصنف، ايليٽ صاحب جي حوالي سان، سسئي پنهون جي آکاڻي هن طرح بيان ڪئي آهي:

راجا دلوراءِ جي رياست ۾ ’پامبراواه‘ نالي ڳوٺ هو، جنهن ۾ نانيو نالي برهمڻ زال منڌر سميت رهندو هو. ڪين اولاد جي تمام گهڻي سڪ هئي. هنن کي ڪنهن الله لوڪ دعا ڪئي تہ ’اوهانکي چنڊ جهڙي ڌيءُ ٿيندي، پر ان جي شاديءَ جو انگ، هڪڙي مسلمان سان لکيل آهي.‘ اِها ڳالهہ ٻڌي، ٻئي زال مڙس ڏاڍي جهوريءَ ۾ پئجي ويا. پر ’لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نہ وهي‘. نانئي کي ڌيءَ ڄائي. اها سندس اکين ڏسندي ڪنهن مسلمان سان پرڻجي، سا ڳالهہ ٻنهي زال مڙس کي اگري لڳي. تنهنڪري دل جو سور دل ۾ رکي، پنهنجي پياري سڪيلڌي ڌيءُ کي هڪڙيءَ پيتيءَ ۾ بند ڪري، ڪٽي سنڌو درياءَ جي سرن وڌائون. اها پيتي لڙهندي لڙهندي اچي پنپور بندر ڪان نڪتي.

پنپور شهر ۾ ’ناهيون‘ يا ’لعل‘ نالي هڪڙو وڏو مالدار ڌوٻي رهندو هو، جنهن وٽ پنج سؤ ڪمي ۽ سيڪڙات ڪم ڪندڙ هئا، مگر اولاد ڪو نہ هئس. ان جي هڪڙي ڪميءَ کي اِها پيتي درياءَ ۾ لڙهندي نظر آئي، جنهن اها ڪڍي آڻي پنهنجي اُستي ’ناهيين‘ جي اڳيان رکي. ’ناهيون‘ جان ڪٽي پيتي کولي تہ منجهس چنڊ کي شرمائيندڙ جيئري جاڳندي معصوم نياڻي پئي آهي. هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڇوڪريءَ جو نالو ’سسئي‘ (چنڊ) رکي پنهنجي ڌيءَ ڪري وجي نپايائينس....... (پوري ڪهاڻيءَ لاءِ



پڙهو تاريخ سنڌ-٣)

منهنجي ناقص راءِ موجب ٿي سگهي ٿو تہ هي ’ناهيون‘ رائدن ولد ڪاڪا جي نون پٽن مان هڪ هجي جنهنجو ڪو بہ اولاد نہ هو، ۽ هاٽوڪا ناهيان ممڪن آهي ابڙي جي پٽن ’ڦل ناهيون‘ ۽ ’ڏاهر ناهيون‘ مان هجن، جيتوڻيڪ اڄ ڪو بہ ناهيون، ڦل ناهيون يا ڏاهر ناهيون ڪو نہ ٿو سڏائي.

هتي هڪ ٻيو سوال جيڪو ذهن ۾ اڀري ٿو، اُهو اِهو آهي تہ هي ’ناهيون‘ ڇا نالي جو ’ناهيون‘ هو يا ذات جو؟ جيئن اسان سنڌي قوم ۾ اڄ بہ رواج آهي تہ اسين نالي ڪان وڌيڪ ذات کي اهميت ڏيندا آهيون. ڪنهن اجنبي سنڌي سان تعارف وقت اسان جو ڪائنس پهريون سوال ’نالو ڇا اٿئي؟‘ بجاءِ پاڻ ڪير آهين؟‘ هوندو آهي، ائين اسين اڄ بہ اڪثر ڪنهن کي سندس نالي سان پڪارڻ بجاءِ ذات سان پڪارڻ کي ترجيح ڏيندا آهيون. جيئن شاهہ صاحب، پٿو صاحب، سومرو صاحب وغيره، ۽ ائين گهڻن ماڻهن جي ذات ئي سندن نالو بڻجيو وڃي. ان ڪري ٿي سگهي ٿو تہ مٿين آکاڻي واري ناهئين کي (جنهن جو اصل نالو لعل هو) ايليٽ صاحب اهڙي ئي صورتحال تحت ناهيون لکيو آهي.

هڪ ٻئي خيال موجب تہ جيئن هي ’ناهيون‘ مسلمان هو، جيئن سسئي پنهون جي آکاڻي مان ظاهر آهي، انڪري ٿي سگهي ٿو تہ اسلام قبول ڪرڻ ڪان پهرين سندس نالو ناهيون رهيو (شجري مطابق) ۽ اسلام قبول ڪرڻ ڪان پوءِ هن پنهنجو نالو مٽائي ’لعل‘ رکيو. پر جيئن تہ پاڻ ’ناهيون‘ نالي مشهور هو انڪري ليکڪ ڪيس ٻنهي نالن سان لکيو آهي. وڌيڪ علم الله کي، ڇو تہ وقت جي وڏي وٿيءَ ڪري هن بحث کي ثابت ڪرڻ لاءِ هر دليل بي بنياد ئي رهندو.

هتي هڪ سوال اِهو بہ زهن ۾ اڀري ٿو تہ آخر ناهيون ذات ڪڏهن ۽ ڪنهن جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو؟! جنهن لاءِ نہ تہ ڪا ڪتابي شاهدي آهي ۽ نہ پختائي سان ڪجهہ چئي سگهجي ٿو. پر جيئن تہ تحفة الڪرام جي صاحب، توڙي ان ڪان پوءِ جي تقريبن تاريخ نويسن، سنڌ جي هاٽوڪين گهڻي ڀاڱي سماٽ قومن کي سمان قوم جون شاخون سڏيو آهي، ان لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ جيئن خود سمن (مڪ قوم) اسلام پئي

قبول ڪيو هوندو تئين سندن ٻين شاخن به اسلام قبول ڪيو هوندو. جيتوڻيڪ چنا قوم لاءِ تاريخن ۾ اچي ٿو ته سماٽ قوم ۾ سڀ کان پهرين 'چني' اسلام جي اصولن کان متاثر ٿي محمد بن قاسم جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو. (تاريخ سنڌ-٣، ص ٢٣ ۽ ٢٤)

جڏهن ته 'لب تاريخ سنڌ' جي مصنف مطابق ته ديبل بندر ۽ برهمڻ آباد (ٻانڀيران) وغيره جا قلعا فتح ڪرڻ بعد ساوندري (نري) ۽ انجي اوسي پاسي رهندڙ سمان قوم جا ماڻهو، جي اڃا تائين سنڌ ۾ جدا جدا هنڌن تي رهن ٿا، دهل دماما وڄائيندا ۽ ناچ ڪندا اچي محمد بن قاسم وٽ حاضر ٿيا ۽ اسلام قبول ڪيائون. مختصراً اهو ته جيئن سسئي پنهون جي آکاڻيءَ مان تصديق ٿي ٿئي ته پنهور جي موجودگيءَ وقت ۽ عربن جي دؤر حڪومت ۾ 'ناهيون' باقاعده مسلمان هو، انڪري چئي سگهجي ٿو ته سمن جي ٻين شاخن سان گڏ 'ناهين' به اموي گهراڻي يعني عربن جي دؤر حڪومت ۾ محمد بن قاسم وٽ اسلام قبول ڪيو هوندو يا شايد ان کان به اڳ جڏهن عربن جا هن ملڪ سان ساموندي توڙي خشڪي رستي واپار جا تعلقات هئا. جيئن سسئي پنهوء جي آکاڻي مان ظاهر آهي، يعني ته 'ناهيون' سسئي جي جمڻ کان پهرين ئي مسلمان هو، جيئن سسئي جي مائٽن کي نجومين چيو هو.

عربن (اموي گهراڻي) جي حڪومت کان پوءِ تغلق گهراڻي جي دؤر حڪومت تائين، تاريخن ۾ سمان قوم جو ذڪر بلڪل نه هئڻ برابر ٿو ملي يا ٻين لفظن ۾ بلڪل ئي نه ٿو ملي، جنهن جا به ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا، جن جو هتي ذڪر ڪرڻ ضروري ناهي.

## ناهيون ذات سومرا دؤر کان سمان دؤر تائين

تاريخ سنڌ-٣ بحوالہ چچنامہ موجب ته چوٿين هجري ۽ ڏهين عيسوي صديءَ ۾ خليفي مامون عباسي جي خلافت وقت، سومرا 'سامره' مان لڏي اچي سنڌ ۾ رهڻ لڳا ۽ سندن پهريون اڏايل شهر محمد طور، الور جي نزديڪ ديرڪ پرڳڻي ۾ درياءَ جي ڪپ تي هو. الور شهر ڦٽڻ وقت، جڏهن درياءَ پنهنجو سمورو وهڪرو (وچ سنڌ خواه لاڙ مان) مٽائي ويو،



تڏهن محمد طور شهر جيڪو پڻ درياءَ جي ڪناري تي هو، ڦٽي ويو. پوءِ سومرن جو وڏو انداز اتان لڏي، سمن سان گڏ سمان قوم جي قديم شهر 'ساموئي' ۾ اچي رهيا، جيڪو مڪلي ٽڪريءَ جي دامن ۾، هاڻوڪي ٺٽي شهر کان ڏکڻ طرف، ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي.

تاريخ سنڌ-٣ جي مصنف مطابق ته فيروز شاه تغلق جي وفات کان پوءِ سندس پويان پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ گهرو جهيڙن ۾ مشغول رهيا، جنهنڪري جيئن هندستان جا ٻيا، پرڳڻا سندن هٿن مان نڪري ويا، تيئن سنڌ ملڪ به سندن زيردستيءَ کان نڪري ويو. سنڌ جي جدا جدا ٽڪرن تي جدا جدا قومن جا سردار پنهنجو پنهنجو حڪم هلائڻ لڳا، پر انهن سڀني قومن ۾ سومرن جي قوم وڏيڪ طاقتور هئي. سومرن پنهنجي حڪومت سنڌ جي ڏاکڻين پاڱي کان فتح ڪرڻ شروع ڪئي.

## سومرن هٿان سمن جو سنڌ مان لوڏجڻ

سمان قوم جا ماڻهو پهريائين سومرن جا ساٿي هئا، پر پوءِ سومرن جي بدڪارين ڪري هنن ٻنهي قومن ۾ عداوت پڪڙجي ويئي.

سومرا گهڻو ڪري شراب پاڏي جي گوشت سان پيئندا هئا. هڪ ڏينهن، ڪنهن سومري چا ڪيو جو سمي قوم جي ڪنهن ماڻهو جي غيرموجودگيءَ ۾ ان جي گهران پاڏو ڪاهي آيو ۽ محفل ۾ ڪباب ڪري ڪائي ڇڏيو. سمان قوم جو ماڻهو جڏهن گهر موٽيو ته زال چيس ته: "سومرا اچ هڪڙو پاڏو ڪاهي ويا آهن، سڀاڻي زال به ڪٽي ويندئي." ان طعني تي سمي کي غيرت اچي ويئي ۽ هن پنهنجي قوم جي ماڻهن کي گڏ ڪري سومرن سان اچي جنگ ڪئي. سمان ٿورا هيا ۽ سومرا گهڻا. انڪري سمان هي ملڪ ڇڏي ڪڇ ڏي اٿي پيا. وچ ۾ ڪي سومرا ڪڇ رڻ ۾ اچي ڪين وري پهتا ۽ سخت مارا ماري ٿي ۽ اهڙيءَ طرح اتان باقي جيڪي بچيا، سي ڪڇ کان وچي نڪتا، جتي سمن رفته رفته پنهنجي بادشاهي قائم ڪئي.

ڪڇ پهچڻ کان پوءِ سمان اتي پهريائين چاوڙا قوم سان وچي پاڙيسري ٿيا. چاوڙن جي سردار انهن کي آباديءَ جي ڪم لاءِ ٻنيون ڏنيون، انهيءَ

شرط سان تہ ٻنين جو اَن سمان ڪڻن ۽ گاه سرڪاري قلعي ۾ پهچائين. ڳچ وقت، سمان ائين ڪندا رهيا. جڏهن سمن پنهنجا پير مضبوط سمجهيا، تڏهن پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ: ڪڇ جو قلعو هٿ ڪجي.

هڪڙي ڏينهن سمن چا ڪيو، جو گاه جون پنج سؤ گاڏيون قلعي ۾ موڪليائون. هرهڪ گاڏيءَ ۾ ٻہ ٻہ پهلوان مڙس هٿيارن سان گاه ۾ لڪا يائون ۽ هڪڙو هڪڙو پهلوان گاڏيوان ويهاريائون. ارادو ڪيائون تہ اهي پندرهن سؤ ماڻهو، قلعي ۾ داخل ٿي وڃن تہ ٻيا بہ سمان هٿيار ڪٽي قلعي ۾ ڪاهي پوندا.

قلعي جي دروازي تي سرڪار جي پاران هڪڙو جوتشي رهندو هو، جنهن جو ڪم هوندو هو تہ قلعي ۾ داخل ٿيندڙ ماڻهن جي بابت جوتش جي وسيلي خبر لهي، سرڪار کي چتاءُ ڪندو هو. جڏهن گاه جون گاڏيون قلعي جي دروازي تي پهتيون، تڏهن قلعي جي دروازي واري جوتشي هڪل ڪري چيو تہ: "گاه ۾ ڪچو ماس آهي." نجوميءَ جي چتاءَ تي چوڪيدارن پنهنجا ڀالا گاه ۾ ٽنبڻ شروع ڪيا. گاه ۾ لڪل پهلوانن کي ڀالن جون چنهنبون لڳيون ٿي تہ انهن اهي وري پنهنجن ڪپڙن سان اُگهي ٿي ڇڏيون، جنهنڪري چوڪيدارن کي پڪ ٿي تہ گاه ۾ ماس پاس ڪجهہ بہ ناهي، نجومي ڀليو آهي. نيٺ گاه جون گاڏيون اندر ويون. رات جو اهي گاه ۾ لڪل جوان ۽ گاڏيوان هٿيار ڪٽي، قلعي جي عملدارن تي ڪاهي پيا. هوڏانهن وري ٻاهريان سمان بہ هٿيار ڪٽي قلعي ۾ اچي گهڙيا. سخت خونريزيءَ کان پوءِ، سمان قلعي تي قابض ٿي ويا ۽ ڪڇ جي ملڪ جي حڪومت سندن هٿ آئي. راءِ پاراءِ، ڄام سهتا ۽ ٻيا بہ ڪيترا ئي ڪڇ جا نامور حاڪم سمان قوم مان هئا.

ڪتاب تاريخ سنڌ- ٣ ڪڇ جو قلعو سمان قوم هٿان فتح ڪرڻ ۽ ان کان پوءِ اتي حڪمراني قائم ڪرڻ جي تسلسل سان اڳتي لکي ٿو تہ جڏهن علاؤالدين جي لشڪر سومرن جو زور ڀڳو، تڏهن انهن جا پويان حاڪم عياش ۽ ظالم بڻجي ويا ۽ ڏکڻ ۾ سمان قوم کان زياده ٻي ڪا بہ طاقتور قوم هتي ڪا نہ هئي تنهنڪري سومرن جي پوئين حاڪم ارميل يا همير کي سمن سندس گهر ۾ قتل ڪيو ۽ ڄام انڙ کي سن ٧٥٢ ھ (١٣٥١ع) ۾



پنهنجو حاڪم مقرر ڪيو. اهڙيءَ طرح سمن سن ١٣٥١ع (٧٥٢ ھ) کان وٺي سن ١٥١٩ع (٩٢٣ ھ) تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي. سمان گهراڻي جي سترهين حاڪم ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڍو بن ڄام بانڀيهو پنهنجي پهرين تختگاه ساموئي يا سمانگر کان فقط ٽي ميل پري هڪڙي ڪشادي ميدان ۾ نئين سر شهر (ٺٽي) جو بنياد وڌو ۽ بنگلا ۽ محلاتون جوڙايون. شهر ٺهڻ کان پوءِ ڄام ننڍو پنهنجي سموري اثالي سميت سمانگر ڇڏي ٺٽي ۾ اچي پنهنجو تختگاه ٺاهيو.

ضلعي ٺٽي ۾ ناهيون ذات جي ڪن راوين کان ملندڙ هڪ ناتحقيق ۽ ناتصديق شده روايت موجب تہ: ڄام ننڍو ماءُ پاران يا وري ماءُ پيءُ ٻنهي پاران سمان خاندان جي 'ناهيون ذات' مان بادشاهہ هو. جنهن لاءِ بہ هتي ڪو دليل ڏيڻ وقت جي وڏي وڇوٽي ڪري بي بنياد رهندو. پر ان ڳالهہ لاءِ دليل ايترا ڪمزور بہ نٿا چئي سگهجن جو هاڻوڪي ٺٽي ۽ آسپاس اڄ بہ ٻين گهڻين سماٽ قومن کان علاوه 'ناهيون' قوم بہ ڪافي تعداد ۾ موجود آهي جيڪو ان ڳالهہ جو واضح ثبوت آهي تہ هي قوم سمان حڪمرانن سان هميشہ گڏ رهي آهي ۽ پوءِ وقت جي حالتن مثلا جنگن ۽ روزگار جي سببن ڪري ناهيون قوم جا ماڻهو ٺٽي شهر کان ڇڙا ڇڙا ٿيندا ويا.

تاريخ سنڌ جي مصنف هن مضمون ۾ ڏنل شروعاتي ۽ مٿين وضاحت جو پرجهلو ٿيندي هينئين ريت سمن جي حڪومت تي سرسري نظر وڌي آهي:

سمان قوم جون تمام گهڻيون شاخون سنڌ ۾ موجود هيون ۽ اڄا بہ آهن، جهڙوڪ: سهتا، هگورجا، اڍيجا، اوٺا، ناهيان، جاڙيجا، سميجا، نوتيار، لنجار، لاڪا، جڪريا، راهما، پلي، جوٽيجا وغيره وغيره. انهن قومن مان بہ ڪيترين ئي قومن جا سردار سنڌ جي لاڙ خواهہ اتر ۾ پنهنجي زمينداري حد جا خودمختيار حاڪم هئا. پر جنهن قوم سيني شاخن کان وڌيڪ زور ورتو ۽ آخر سڄي سنڌ جي حڪومت هٿ ڪئي سان پاڻ نج سمان سڏائڻ لڳي.

سنڌ ۾ موجود ناهين جي اڪثر ڳوٺن ۾ رهندڙ راوين کان، پڻ مٿئين ڪڇ واري ڪهاڻي جي تصديق، ڪنهن ٿورڙي فرق سان بلڪل ائين ئي ملي ٿي. سندن موجب تہ ناهيان پڻ خود سمن ۽ ٻين سماٽ قومن سان گڏ

سومرن هٿان مٿئين ڪهاڻي مطابق سنڌ مان لوڏيا ويا. پوءِ ڪڇ ۾ جهوناڳڙه تائين وڃي پهتا. ان بعد ڪڇ جو قلعو فتح ڪيائون. اتي سمن ۽ ٻين سماٽ قومن سان گڏ حڪمراني ڪيائون. اهڙيءَ طرح وقت سان گڏ، ناهيون قوم جو هڪ حصو اتي ڪڇ ۾ ئي رهي پيو ۽ باقي وڏو حصو سمن ۽ ٻين قومن سان گڏ موجوده سنڌ ۾ ڦهلجي ويو.

جهوناڳڙھ کان ڪڇ ۽ ڪڇ کان پوءِ موجوده سنڌ ۾ ناهيون قوم جي جيڪا پهرين آمجگاه چئي وڃي ٿي، اُها نصرپور کان ڏه پنڌرهن ڪلوميٽر ڏکڻ طرف، موجوده ٽنڊوالهيار تعلقي ۾'ناهيانهو' يا 'ناياهو،' نالي ڳوٺ هو جنهن جو ذڪر 'تحفة الڪرام' ۾ پڻ صرف حيدرآباد (نيرون ڪوٽ) جي هڪ قديم ڳوٺ جي حوالي سان ڪيل آهي. جيتوڻيڪ مصنف اهو ناهي ڄاڻايو ته اهو ڳوٺ ڪهڙي قوم جو ۽ حيدرآباد جي ڪهڙي هنڌ موجود هو؟ جڏهن ته ناهيون ذات جي راوين مطابق ته هي تقريبن اهو ئي پڊ هو جتي اڄ کان ڪو عرصو پهرين رائدن جي نون پٽن مان سمي جا ساٽي ٻه ناهيان ساڻس گڏ هاٿوڪي نصرپور يا ان جي اردگرد ڪٽي رهائش پذير ٿيا هئا.

روايتن موجب ته اهو ڳوٺ تعلقي ٽنڊوالهيار جي موجوده ديهن ماريچي ۽ ناهيچاڻي ۾ ئي قبي بس اسٽينڊ پرپاسي آباد هو. جنهنڪري ئي انهن پراڻن پڊن کي مدنظر رکندي زمين جي سروي وقت انهن ديهن جا نالا ناهيان قوم پويان ماريچي ۽ ناهيچاڻي رکيا ويا. ڪن روايتن مطابق ته سنڌ ۾ ناهين جي ڪڇ کان پوءِ باقاعده طور پهرين آمجگاه 'ناياهو' يا 'ناهيانهو' (يعني ناهين جو يا ناهين وارو) موجوده ٽنڊوالهيار تعلقي ۾ ئي ديھ 'دڙو ڪٻي' ۾ آباد چيو وڃي ٿو. بهرحال هي ٽئي ديهون تقريبن هڪ ٻئي جي ويجهو ئي آهن. غرض ته اهو ڳوٺ حيدرآباد ضلعي جي ٽنڊوالهيار تعلقي ۾ ئي موجود قبو بس اسٽينڊ پرسان سن ست سؤ يعني ٧٠٠ کان ٧٩٩ هجري تائين ڪنهن نه عرصي ۾ آباد هو، جو هن ڳوٺ سان ڪلڪان جادوگرياڻي ۽ شيخ لوهنڙو جو قصو منسوب آهي. شيخ لوهنڙو جو ذڪر تحفته الڪرام ۾ پڻ آيل آهي. سندس آخري آرامگاه حيدرآباد ميرپورخاص روڊ تي، قبو بس اسٽيڊ تي اڄ تائين موجود آهي. ڪيس



هجري ستين سن جو مشائخ ليکيو ٿو وڃي ۽ هينيون بيان ڪيل قصو سندن حياتي ۾ موجودگي ۾ ڄاڻايل آهي، جنهن جي تصديق پڻ پوري سنڌ ۾ ناهيون ذات جي رواين وٽ يڪسان محفوظ آهي. انڪري ٻه وسوق سان چئي سگهجي ٿو ته ڪڇ کان سنڌ آمد تي ناهين جو پهريون ڳوٺ اهو ئي 'ناهيانهو' هو.

## قصو ڪلڪان جادوگرياڻي ۽ شيخ لوهنڙو جو، ڳوٺ ناهيانهو جي حوالي سان

جتي ناهين جو هي وڏو ۽ قديم ڳوٺ 'ناهيانهو' آباد هو، اتي ئي ان علائقي ۾ ڪجھ دور ڪلڪان نالي جادوگرياڻي ٻه هڪ غار ۾ رهندي هئي. ڪلڪان بابت ڪن رواين جو چوڻ آهي ته اها جادوگرياڻي هئي، جنهن جي گردن ۾ ڪافي سڳا ۽ تعويذ ٻڌل هوندا هئا ۽ هو پنهنجي جادوءَ جي زور تي ماڻهن کي سڳو يا تعويذ پارائي، پنهنجو غلام يا 'جانور' بنائي ڇڏيندي هئي. ڪجھ رواين جو خيال آهي ته اها اصل ۾ هڪ ڏائڻ هئي ۽ جادوءَ جي زور تي هر مهيني هر گهر مان ڏن طور ماڻهو وٺي کائيندي هئي. سندس انهيءَ عمل ڪري گهرن جا گهر ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ يا ته ڪپي ختم ٿي ويا هئا يا وري بچي نڪرڻ لاءِ لڏ پلاڻ ڪري خالي ٿي چڪا هيا. انهيءَ موذي بلا جي عذاب جو شڪار مٿي ذڪر ڪيل ڳوٺ 'ناهيانهون' پڻ ٿيو هو، جنهن جا اڳوڻ ٻه ناهيان پائر هوندا هئا. جن مان هڪ جو نالو معلوم ٿي نه سگهيو آهي ۽ ٻئي جو نالو'پاٽو' هو، جنهن جو اولاد 'پاٽوپوٽا ناهيان' سڏجن ٿا.

جيئن ته هن ڳوٺ جا پڻ ڪيترا ئي 'ناهيان' گهراڻا گروپن جي شڪل ۾ ڪلڪان جي ظلم کان تنگ ٿي اتر اولھ ۾ موجوده ٽنڊو جام ۽ ڏکڻ طرف موجوده نٽي طرف (سمانگر ڏانهن) هجرت ڪرڻ لڳا هئا، جنهنڪري هيءُ آباد ۽ پريو پڪلو ڳوٺ، ويران ۽ خالي ٿيڻ لڳو هو. انڪري هنن ٻنهي پائرن کي ڪنهن طرح خيال آيو ته جيڪڏهن ڪو ڪلڪان کي زنا ڪري پليت ڪري ڇڏي ته هوند سندس جادوئي اثر ٽٽي وڃي ۽ منجهانئس نجات حاصل ڪري سگهجي. جنهن جي حامي وڏي پاءُ

پري، جنهن تحت پاڻ ڪلڪان سان هٿ چراند ڪيائين پر هن جو جادؤو اثر ٿئي نہ سگهيو. ويتر هن ڪيس سخت زخمي ڪرڻ سان گڏوگڏ سندس اهل عيال يعني سمورن ناهين لاءِ ڪي پاراتا ڏنا، جي ان وقت اڄ ٽيٽا ۽ عيب ليکبا هئا جيڪي هن ريت هئا.

١. توهان جي سنجهي جي صلاح ڪا نہ بيهندي.

٢. توهان جون عورتون پڙو لاهي سلوار پائين.

اهي ٻئي پاراتا پوري ناهيون قوم لاءِ ڪوڙهہ جي هڪ بدنام داغ جيان چائنجي ويا. سندن سنجهي جي ڪيل ڪا بہ صلاح مصلحت صبح ٿيڻ تي قائم رهي نہ ٿي سگهي ۽ روايت مطابق تہ ان ڪان اڳ ٻين سماٽ قومن جيان ناهيون قوم جون عورتون پڻ لباس ۾ مٿي تي ڪنهنبو، بدن تي گج ۽ چيلهہ تي پڙو پهريندريون هيون پر ان پاراتي ڪان پوءِ هڪدم عورتن پڙا لاهي سلوارون پائڻ شروع ڪيون. پوءِ ڪڏهن ٻاهر نڪرڻ تي عورتون لڄ ڪان سلوار مٿان پڙو ضررور پائي نڪرنديون هيون، يا شادي مرادي تي پڻ پاڻ ڪي پنهنجي اصلي لباس ۾ قائم رکڻ خاطر ڪنوار ڪي لائن لهڻ وقت سلوار مٿان پڙو پارايو ويندو هو، جيڪو ويجهار ۾ ئي ختم ٿيو آهي. پر مستقل پڙو پائڻ ڪنهن بہ طرح رهي نہ سگهيو. اهڙيءَ طرح اهي ٻئي پاراتا، ان دؤر ڪان وٺي اڄ جي سائنسي دؤر تائين بہ ناهيون ذات لاءِ مندڀيءَ تي ٽڪ جيان قائم آهن.

ڪلڪان واري هن واقعي ڪان پوءِ وڏو پاءَ زخمن جا تاب نہ سهي هڪدم گذاري ويو ۽ سندس پاءُ پاٽو ۽ پٽ نالي ’لاکو‘ ڪي نہ صرف ڪلڪان ڪان وير وٺڻ جو جنون رهيو پر ڳوٺ مان هيئن گهٽي تعداد ۾ ماڻهن جي لڏپلاڻ تي ڏک ۽ فڪر پڻ هو. انڪري پاڻ ٻئي ڄڻا شيخ لوهنڙو (تاريخ وفات ١۴ ربيع الاول هجري ستون سن يعني ٧٠٠ ڪان ٧٩٩ ھ وچ ۾ روايت آهي) وٽ مدد لاءِ لنگهي آيا ۽ اچي سندس مريد ٿيا، جيڪو ان وقت، جتي اڄ سندس مقبرو آهي اتي ئي ڳوٺ ’ناهيانهون‘ ڪان ٿورو پريرو پنهنجي آستان تي رهائش پذير هو ۽ اعليٰ علم ولي الله ۽ ڪاني ڪرامت جو صاحب هو. هن هنن ٻنهي ڪي پنهنجو خاص خليفو بنايو ۽ ڪين اها صلاح ڏني تہ هو ڪلڪان ڪي پليت ڪرڻ واري خيال بجاءِ سندس گلي ۾ پيل ڪوڙ سارن جادوئي سڳن ۽ تعويذن ڪي ٿوڙي ڇڏين،



باقي هؤ جيڪو پاراتو ڏي اهو ترت اچي شيخ صاحب ڪي ٻڌائين تہ پاڻ اهو ميٽي ڇڏيندو.

ان ڪم ڪرڻ جي ذميواري پاٽو پاڻ تي ڪنئي ۽ هن وجهہ وٺي ائين ئي ڪيو، جيئن شيخ صاحب چيو هو. ڪلڪان جا سڳاء تعويذ ٽٽي ويا ۽ پاٽو پڻ سلامت رهيو. ان موقعي تي بہ اڳ جيان ڪلڪان ٿي پاراتا ڏنا جيڪي هيٺين ريت هئا:

١. آڳ (اڱوٺي) وڃئي، پاڳ (پڳداري) وڃئي.

٢. پينگهو وڃئي، ويندو (نٽ) وڃئي.

٣. گهوٽ وڃئي، ڪنوار وڃئي.

جنهن مان مٿيون پهريون پاراتو پاٽو ترت اچي شيخ صاحب ڪي ٻڌايو، جنهن لاءِ شيخ صاحب چيو تہ اهو توهان تي اثر انداز ڪو نہ ٿيندو پر هاڻ اوهين نہ صرف منهنجا خاص خليفا (اڳواڻ) پر ڏوئي ڏٽي پڻ آهيو. ان ڪان علاوه پڳدار پڻ پاٽو ڪي ئي بنايو ويو. باقي پويان بہ جيئن تہ ان وقت پاٽو ڪان وسري ويا هئا، جيڪي هن دير سان ياد اچڻ تي ٻي ڏينهن اچي شيخ صاحب ڪي ٻڌايا. جنهن لاءِ شيخ صاحب ڪيس چيو تہ ان جو اثر ٻين ناهين تي نہ پر صرف توتي ۽ تنهنجي اولاد تي رهندو ڇو جو تو ٻڌائڻ ۾ دير ڪئي آهي. پوءِ بہ پاٽو جي شيخ صاحب اڳيان زياده ست ستان ۽ آزي نيزاري تي سندس لاءِ شيخ صاحب پاران اها رعايت ڪئي ويئي تہ هو پينگهي ۾ صرف ڳاڙهو هندورو نہ رکن باقي هلڪو لوڏٽو رکي سگهن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح عورتون پڻ پاڻ خود نڪ ٿوپرائي نٿ ڪڏهن بہ نہ پائين پر جيڪڏهن پاٽو جي عيال ڪان سواءِ ڪو ٻيو ناهيون سندن نڪ بہ ٿوپرائي ۽ نٿ بہ پارائي ٿو تہ پوءِ اهو پاراتو اثر انداز نہ ٿيندو.

اهڙيءَ طرح ٽئين پاراتي لاءِ بہ جيڪڏهن گهوٽ ۽ ڪنوار پنهنجي شاديءَ جي هڪ هفتي اندر پيرن پيادو شيخ صاحب وٽ حاضري ڀرڻ لاءِ حاضر ٿيندا تہ اهو پاراتو پڻ ناڪاره رهندو، ۽ تحقيق آهي تہ اڄ اهي رسمون جيئن جو تيئن هاٽوڪي ڳوٺ عبدالله ناهيون تعلقہ ٽنڊوالهيار ۾ موجود پاٽو جي اولاد ۾ قائم ۽ دائم آهن.

[هتي هڪ ڳالھ جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي تہ جيتوڻيڪ اڄ سنڌ ۾ پينگهو هر عام ۽ خاص جي گهر ۾ استعمال ٿئي ٿو پر بنيادي طور تي اهو سماٽ قوم جي نشاني ۽ ثقافت ۾ شامل آهي. ان ۾ بہ ڳاڙهو هندورو صرف انهن ذاتين جي استعمال هيٺ رهيو جيڪي سماٽ يا سمان قوم جي بادشاهت ۾ حصيدار رهيون.]

ڪلڪان بابت پوءِ روايت آهي تہ ڪيس شيخ صاحب ئي ختم ڪيو ۽ ڪرامت جي زور تي ڪيس اهڙو تہ مڪ جو ڌڪ هنيو جو هوءَ زمين دوز ٿي ويئي ۽ ان ڪان پوءِ مڪليءَ جي قبرستان مان هڪ هنڌان زمين ڦاڙي (غار ناهي) نڪتي، جا اڄ بہ ٺٽي ضلعي جا ناهين ۽ ٻين وٽ 'ڪلڪان واري غار' جي نالي سان مشهور آهي.

## پاٽو ناهين ڪان آڳ ۽ پاڳ وڃڻ

جيئن مٿي ذڪر ڪيل آهي تہ پاٽو ۽ لاڪو، شيخ صاحب جي حياتيءَ ڪان وٺي، سندس خاص خليفا ۽ ڏوئي ڏٽي هئا، يعني شيخ صاحب جي خاص ڏهاڙن تي آيل مريدن ۽ عقيدتمندن ۾ ننگر ورهائڻ سندن ڪم هو. جن مان بہ پاٽو وڏو هئڻ جي حيثيت ۾ وڏو خليفو هو. پوءِ روايت موجب عرس جي ڏهاڙن ۾ ننگر جي وڏ وقت، پاٽو ٻوٽيون پاڻ، پنهنجي اولاد، پنهنجي مٽن مائٽن ۽ دل گهرين کي ڪارائيندو هو ۽ باقي آيل مريدن ۽ عقيدتمندن کي صرف رڪا چانور ڏيندو هو. جنهنڪري ڪن مريدن اها دانهن وڃي شيخ صاحب جي حضور ۾ پيش ڪئي ۽ پنهنجي دانهن اونائڻ لاءِ شيخ صاحب تي ٽن راتين جي جاڳرتا ڪئي.

جنهن ڪان پوءِ وڏ جي ڏوئي ۽ راڄ جي پڳ ٻئي' پاٽو' ڪان ڦري 'لاڪي' کي ڏني ويئي ۽ پاٽو کي اولاد ۽ همدردن سميت شيخ صاحب تي عرس جي ٻوٽي ڪائڻ ڪان سختيءَ سان منع ڪئي. اهو بہ حڪم ٿيو تہ جيڪڏهن هو ٻوٽيون ڪائيندا تہ اهي ڪين ڦاسي پونديون. تصديق آهي تہ عبدالله ناهيون جي ڳوٺ ۾ پاٽو جي اولاد ڪان سواءِ ٺٽي ۾ گل حسن ناهيون ۽ ٻين پروارن ڳوٺن جي ناهين لاءِ پڻ اها ڳالھ جيئن جو تيئن قائم آهي.

پاٽو ڪان جيڪا پڳ لاڪي کي ملي، اها نسل در نسل هلندي گذشتہ ويهين



صديءَ ۾ ڳوٺ پليڏنو ناهيون تعلقہ ٽنڊوالهيار ۾ وڏيري الهڏني جي ٻي اولاد وفات ڪرڻ تي ٻهي رهي آهي. پر ان پڳ ۾ شيخ صاحب جي دعا جو اثر آهي. اڄ بہ 'ڪرٽئي' جي کهڙي بہ مريض کي 'چڱي مڙس' جي استعمال ڪيل پٽڪي مان ڪا لينگھ ڦاڙي جي ٻڌبي آهي تہ ڪيس ڪرٽيو ختم ٿي ويندو آهي.

## ڳوٺ 'ناهيانهون' ڪان ٻين ڳوٺن جو آباد ٿيڻ

ڳوٺ 'ناهيانهون' ڪان جيڪي ناهيان گهراڻا ڪلڪان جي تڪليفن ڪري ڳوٺ ڇڏي نڪتا، انهن مان ڪي سما نگر (ٺٽي) ڏانهن هليا ويا. ڪي هاٿوڪي ديھ راهوڪي، راڄپاري ۽ هوتڪي تعلقہ حيدرآباد ۾ ٽنڊوڄام پرسان "دڙي وارو ڳوٺ" ۾ اچي آباد ٿيا. ڪي وري اتان 'ناهيانهون' ڪان ٿورو پري تعلقہ ٽنڊوالهيار جي ديهن ماريچي، سري ۽ ناهڪي ۾ آباد ٿي ويا.

پر ڪن روايتن ۽ اهڃاڻن مطابق تہ ان دؤر ۾ ڳوٺ 'ناهيانهون' ڦٽڻ ڪان پوءِ ناهيون قوم جا ماڻهو ٽن اهم گروهن (ڳوٺن) ۾ ورهائجي ويا، جن مان هڪ ناهيانهون ڳوٺ خود، ٻيو مٿي ڄاڻايل حيدرآباد جي چئن ديهن وارو ڳوٺ، جنهن کي "دڙي وارو ڳوٺ" ٿو چئجي. ٽيون سڀ ڪان وڏو ۽ اهم ڳوٺ حيدرآباد/ مٽياري ضلع جي ديھ تاجپور ۾ شاھ الياس المعروف جيئي شاہ بادشاہ جي درگاہ ڪان اتر اوڀر طرف، ٻن فرلانگن جي فاصلي تي شهداد فقير وارو ڳوٺ هو، جتي سندن پڪيون جايون ۽ سرسبز زمينون هيون. تنهن ڪان پوءِ وقت بوقت مختلف سببن ڪري، ٿوري ٿوري فاصلي تي پنهنجا ماڳ مٽائيندا ويا ۽ ننڍن گروپن جي شڪل ۾ ورهائبا ويا ۽ هڪٻئي ڪان مائٽيءَ ۽ مريديءَ ۾ الڳ ٿيندا ويا.

هتي هڪ وضاحت ڪرڻ بيحد ضروري آهي تہ هن ڳوٺ جو اصل نالو پتو نہ پئجي سگهيو آهي. پر پوءِ بلڪ گهڻو پوءِ هن ئي پڊ جي پرپاسي ۾ شهداد فقير مگڻهار پنهنجو ڳوٺ آباد ڪيو. ان ڪري صرف سڃاڻپ ۽ حوالي طور آئون (راقم) خود هن ڳوٺ کي "شهداد فقير وارو ڳوٺ" لکي ۽ سڏي رهيو آهيان.

## ناهيون ذات سمان دؤر جي پڇاڙي کان ڪلهوڙا دؤر تائين

## شهداد فقير واري ڳوٺ سان لاڳاپيل احوال

جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته ڪلڪان جادوگرياڻي جي تڪليفن ڪري جڏهن ناهين جو پهريون ڳوٺ ناهيانهو ڦٽڻ لڳو ته ناهيون قوم جا ماڻهو ٽن اهم حصن ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا سڌو سئون سمان گهراڻي جي تختگاه سما نگر (ٺٽي) ڏانهن هليا ويا ٻيا ٽنڊوڄام پرسان 'دڙي وارو ڳوٺ' آباد ڪري ويهي رهيا ۽ ٽئين گروهه جيڪو ڳوٺ آباد ڪيو اهو هاٽوڪي ٽنڊوڄام، ڪيسانه موري ۽ پئنپورجي وچ تي جيئي شاه بادشاه جي درگاه پرسان شهداد فقير وارو ڳوٺ هو. هن ڳوٺ ۾ موجوده وقت جي ڳوٺن جهڙوڪ خانپور، ڪنڊو ناهيون، راول ناهيون ۽ حاجي يار محمد ناهيون جي ماڻهن جا وڏا آباد هئا، جيڪي شاه الياس جا عقيدتمند هئا ۽ ڪيس ضلعي جو عام مختيار سمجهندا ۽ سڏيندا هئا/ آهن (جيئي شاه بادشاه جي درگاه ٽنڊوڄام کان ٽي ڪلو ميٽر پري اتر اوڀر طرف آهي).

جيتوڻيڪ پوري پڪ نه پئجي سگهي آهي ته شاه الياس، سنڌ جي ڪهڙي حڪمران دؤر ۾ هتي آيو پر جيڪي روايتون هلندڙ آهن، تن ۾ ڪن جي چوڻ موجب ته ستون سن (يعني سن ٧٠٠هه کان ٧٩٩هه تائين)، ڪن مطابق ته نائون سن ته ڪن موجب ٻارهون سن آهي. انهن ٽنهي روايتن مان نائين سن واري روايت لاءِ ڪافي پختا اهڃاڻ ملن ٿا جنهن ڪري هن بزرگ کي سمان دؤر جي پڇاڙي ۽ ارغون دؤر جي اڳڀاڙي واري عرصي جو چئي سگهجي ٿو.

شاه الياس سان منسوب بيشمار روايتن مان هڪ روايت موجب ته جنهن هنڌ هينئر سندن درگاه آهي يا انجي آسپاس وڳڻ ذات جي ماڻهن جو پڻ هڪ وڏو ڳوٺ موجود هو، جنهن جي پر مان درياه به وهندڙ هو. والله علم ته ڪهڙي سبب ڪري شاه صاحب وڳڻن کي اهو ڳوٺ خالي ڪرڻ لاءِ چيو ۽ جڏهن وڳڻن انڪار ڪيو ته پاڻ ڪين اهو پاراتو ڏئي راتو واه هتان ڪڍيو ته: 'آئون وڳڻن جي هتان سؤ ڪوه تائين پاڙ ٿو پٽيان' ۽ تصديق



آهي ته اڄ تائين چئني ڏسائن ۾ ان حد تائين وڳڻن جو ڪو به ڳوٺ موجود ناهي.

هڪ ٻي روايت موجب ته هڪ شام جو سمان قوم جي ڪجهه ماڻهن ڪٽان سفر ڪري رات پوڻ سبب اچي ٻيڙين جا پڳهه هتي ڪوليا ۽ اتي ئي رات گذارڻ جو فيصلو ڪيو.

شايد هي اهو زمانو هو جڏهن سمان گهراڻي جي آخري حاڪم ڄام فيروز، ارغون گهراڻي جي مرزا شاه حسن سان به جنگون لڙيون ۽ پنهنجي قوم جا هزارين ماڻهو شهيد ڪرايا ۽ پاڻ ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو (تاريخ سنڌ-٣ ص ١٤٨). اهڙيءَ طرح ٺٽي ۽ آسپاس ۾ رهندڙ سمات قوم جا ماڻهو (سمان، ناهيان وغيره)، هڪ ڀيرو ٻيهر ٺٽو ۽ آسپاس ڇڏي، ڪڇ ۽ سنڌ جي هيٺئين ۽ وچئين علائقي ڏانهن پناه لاءِ ڀڄڻ لڳا. يا شايد اجا به ان کان گهڻو پوءِ. . .؟!

بهرحال روايت موجب ته جتي سمن اچي پڙاء ڪيو اتي ئي پر ۾ شاه صاحب پنهنجي آستاني ۾ باه ٻاريو وينو هو، انڪري سمن مان ڪو ٽانڊو ڪڻڻ لاءِ بزرگ وٽ لنگهي آيو. شاه الياس صاحب جن ٽانڊو ان شرط تي ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا ته 'اوهين هميشه لاءِ اتي ئي رهندا'. ان شخص عرض ڪيو، 'قبلا اسين وڻجارا آهيون ۽ جيئن ته هتي اسانجي ڪا به واقفيت ڪانهي، ان لاءِ هتي هميشه رهڻ کان قاصر آهيون". انهي جواب تي شاه صاحب ٽانڊي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ سمون موٽي ويو.

آخر ڪار سمن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته: 'رهنداسين پاڻ هونئن ئي ڪو نه پر بزرگ سان هائوڪار ڪري في الحال ٽانڊو ڪڻجي'. اهڙيءَ طرح ان صلاح تحت هنن ٽانڊو حاصل ڪيو ۽ رات پيٽ ۾ هلڻ جو ارادو ڪيو، پر ٻيڙا هليا ئي ڪو نه. جڏهن ته ڪن روايتن موجب ڪافي سفر ڪيائون، پر صبح جو ڏسن ته اتي جو اتي! اها ڳالهه ٽن ڏينهن تائين جاري رهي ۽ پوءِ آخرڪار سمن جي هن قافلي ۾ موجود هڪ عورت، جا به الله لوڪ دورويش هئي (جيڪا بعد ۾ شاه صاحب جي خدمتگار بني ۽ سندس قبر اڄ به درگاه اندر سندس سيرانديءَ کان موجود آهي) تنهن سمن کي سمجهايو ۽ ان طرح سمان جيئي شاه بادشاه وٽ ئي رهي پيا. ڪافي

عرصي کان پوءِ هڪ ڏينهن سمان شاه صاحب وٽ عرضي تي آيا ته ’هتي اسانکي زمين ڏياريو ته جيئن اسين پنهنجو گذر آسانيءَ سان ڪري سگهون. جنهن تي بزرگ ناهين کي، جيڪي آسپاس جي زمينن جا مالڪ هئا، انهن کي اڌ زمين ڏيڻ لاءِ چيو. پر ناهين انڪار ڪري ڇڏيو. چون ٿا ته انهن ناهين ۾ به ڪا عورت ’الله لوڪ درويش‘ هئي (جنهن جي قبر جيئي شاه جي قبرستان جي بازار ۾ اڄ به موجود آهي) ان جي سمجهائڻ تي ناهيان ان شرط تي زمين ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا ته ’بيننل فصل (ڪن جي چوڻ موجب ڄانيو ۽ ڪن موجب ٻاجهر) کي هڪڙي پاسان سمان لڻن ۽ ٻئي پاسان ناهيان، پوءِ ٻئي ڌريون جتي اچي رسنديون، اتي ٻنو ڏئي، زمينون کين ڏنيون ويندئون‘.

باوجود جو ناهيان سمن کان اڪثريت ۾ هئا. پوءِ به سمان ناهين جي توقعات کان وڌيڪ فصل لڻي ويا ۽ زمين جي ڏنگ جو ٻنو ناهين جي ڳوٺ جي بلڪل پر ۾ ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح سمان اتي هميشه لاءِ ڳوٺ ٻڌي ويهي رهيا، جي اڄ به موجود آهن. پر بعد ۾ ناهين اهو گوارا نه ڪيو ته ڪو سمان سندن گهرن پرسان ۽ درن سامهون ٻنيون ڪاهين، ان لاءِ هنن اهو آباد ۽ پڪو ڳوٺ، هميشه لاءِ ڇڏي ڏنو. جن مان هڪ وڏو تعداد پرواري آباد ’دڙي واري ڳوٺ‘ ڏانهن هجرت ڪري ويو ۽ باقي جن جي وابستگي مٿي ذڪر ڪيل موجوده ڳوٺن سان آهي، مختلف گروهن جي صورت ۾ مختلف پڌ مٿائيندي هاٽوڪين جاين تي اچي آباد ٿيا. روايت ۾ اهو به شامل آهي ته شاه صاحب جي انهيءَ ڳالهه مڃڻ کان پوءِ پاڻ ناهين توڙي سمن کي مختلف دعائون ڪيون ۽ چيو ته اگر سمن کي ڪا ڏکي پوي ته منهنجي سيراندي کان دعا گهرن ۽ اگر ناهين کي دعا گهرڻي هجي ته منهنجي پيراندي کان دعا گهرن‘. انڪري اڄ به هتي اِها چوڻي عام آهي ته: ”سمن جي سيراندي ۽ ناهين جي پيراندي“.

جيتوڻيڪ اهو چوڻ مشڪل آهي ته هيءَ ڳوٺ ڪهڙي سن کان وٺي ڪهڙي سن تائين آباد رهيو. پر ايترو اندازو ضرور لڳائي سگهجي ٿو ته هيءُ ڳوٺ مخدوم ساهڙ پير لنجار جي حياتيءَ واري عرصي ۾ قائم ۽ دائم هو، جو ناهيون قوم جا ماڻهو پوري سنڌ، (بالخصوص شهداد فقير



جي ڳوٺ سان تعلق رکندڙ) پيري مريديءَ ڏانهن راغب ٿيڻ کان پوءِ ڪو وقت مخدوم ساهڙ پير لنجار (وفات ٩٨٠ ھ) جا مريد پڻ ٿي رهيا. جنهن جا عوامل ۽ اسباب ته معلوم ٿي نه سگهيا آهن پر هن بزرگ لاءِ مشهور آهي ته پاڻ، ’ناهين‘ جي مريد ٿيڻ بعد، اهو فرمودو يا مريديءَ جو شرط ناهيون قوم تي رکيو هيائون: ”سيئي ناهيان سهو نه ڪائين، پر جيڪڏهن سهو ڪنهن وٽ قيد به ڏسن تي پنج پئسا ڏئي (شايد ان دؤر ۾ سهي جي قيمت يا رائج سڪي جي قيمت) سهي کي ڇڏائين.“ ان فرمودي جو پس منظر به معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

## دڙي واري ڳوٺ ۽ ٻين لاڳاپيل ڳوٺن جو احوال

ڳوٺ ’ناهيانهون‘ ڦٽڻ کان پوءِ شهداد فقير واري ڳوٺ کان علاوه موجوده ٽنڊوڄام پرسان جيڪي ناهين جا راڄ آباد هئا، انهن ۾ روايت موجب ته ناهيان چار پاڻ ۾ ڀائر هئا، جن جو اهل اولاد هڪٻئي کان ٿوري ٿوري فاصلي تي جدا جدا ڳوٺ ٻڌي زمين جا وڏا ٽڪر آباد ڪندا ۽ مال پاليندا هئا. اهي چار ڀائر هوتي، پساهيو، راهو ۽ راڃو هئا.

اڄ به تعلقي حيدرآباد ۾ ٽنڊوڄام پرسان ئي انهن چئن ڀائرن جي نالن پويان چار الڳ الڳ ۽ هڪٻئي سان لڳولڳ ديهون آهن، جيڪي هيٺين نالن سان سڏجن ٿيون: هوتڪي، پساهڪي، راهڪي، ۽ راڃپاري انهن چئني ڳوٺن ۾ جيڪو وڏو ڳوٺ آباد هو، اهو ’دڙي واري ڳوٺ‘ نالي سان مشهور هو (جيڪو يا ته مٽيءَ جي ڪنهن وڏي دڙي تي يا دڙي جي ڪوپ ۾ آباد هو). هي ڳوٺ ’پساهيو‘ جو هو، جنهنجي اردگرد سندن جاگير هئي. موجوده وقت ڳوٺ ارباب احمد خان وارن ناهين جو وڏو انگ ’پساهيو‘ جو اولاد آهن، جڏهن ته ڳوٺ ’سڃڻ ناهيون‘ جا ناهيان ’راڃي‘ جو اولاد آهن. اهڙي طرح 'هوتي' جو اولاد ڳوٺ محمد ابراهيم تعلقي سجاول وارا ناهيان آهن ۽ ’راهو‘ جو اولاد پڻ ضلعي ٺٽي جي ئي ڪنهن ڳوٺ جا ناهيان چيا وڃن ٿا.

’پساهيو‘ جي مرڻ بعد سندس رياست جو مالڪ ’نريو‘ کي بنايو ويو (سندن رشتي جي ڄاڻ نه پئجي سگهي آهي) ۽ ڪيس راڄ جي پڳ ٻڌرائي

’ارباب‘ جو لقب ڏنو ويو.

انهن ڏينهن ۾ سندن ڳوٺ کان ڏکڻ اوڀر طرف ڪجهه فاصلي تي سيد ابڙو سنگهار، ڪاني ڪرامت جو صاحب ۽ وڏو مالوند ماڻهو هو. (’سنگهار‘ جو لقب پڻ انهيءَ پس منظر ۾ آهي ۽ سندس مزار تعلقي حيدرآباد جي ديهه ڪنر ۾ موجوده ڳوٺ حاجي درياءَ خان ناهيون کان هڪ ڪلوميٽر پري اولهه طرف آهي. روايت مطابق ته سيد ابڙي سنگهار جو مال، هميشه ارباب ٺريي جي پوک پيلي ويندو هو ۽ ارباب ٺريي جي ڪافي چوڻ جي باوجود، پاڻ ان طرف ڪو ڌيان نه ڌريائين. هڪ ڀيري پوک پيلڻ تي ارباب ٺريي، سندس مال ڪاهي، ڍڪ ۾ ڏئي ڇڏيو. جنهن بعد ارباب ٺريي جي ڀاڻيجي ارباب ستابي، اهو مال ڪاهي وڃي سيد ابڙي سنگهار حوالي ڪيو. جنهن تان سيد ابڙي سنگهار، ارباب ٺريي کي پاراتو ۽ ارباب ستابي کي هيٺين ريت دعا ڪئي:

’ٺريو وڃي ٻريو، ستابي جو ڀاڳ وريو‘.

اهڙيءَ طرح ارباب ٺريي جي ٻي اولاد مري وڃڻ بعد ارباب ستابي کي راڄ جي پڳ پارائي رياست جو مالڪ بنايو ويو.

ارباب ستابي جي ڏينهن جي روايت آهي ته جتي اڄ حيدرآباد جو نارا جيل موجود آهي، اتي يا انجي آسپاس ’ناريجا‘ قوم جو هڪ وڏو ڳوٺ موجود هو، جتان کان وٺي ٽنڊوڄام جي اردگرد جتي ڇئن ناهين ڀائرن جون ننڍيون رياستون هيون، اوسيتائين ڇئني طرف ناريجن جي سلطنت هئي. (موجوده تعلقي حيدرآباد ۾ مٽي ڏسيل ڇئن ديهن سان گڏوگڏ ديهه ناريجاڻي پڻ آهي.) جنهن ۾ سندن چار مددگار قومون: ناهيان، سمان ۽ ٻه نامعلوم سماٽ قومون چيون وڃن ٿيون. روايت موجب ته ناريجي سردار انهن ڇئني قومن جي ماڻهن کي گهرائي چيو ته ’آئون اوهان ڇئني سان مائٽي ڪرڻ گهران ٿو، انڪري مون کي (خود کي) هڪ هڪ سڱ ڏيو.‘ جيئن ته ناريجو طاقتور هو، انڪري ڪو به انڪار ڪري نه سگهيو. اهڙي طرح ٻن قومن مان ناريجو سردار شادي ڪري ويو ۽ هاڻ وارو پهرين ناهئين جو ۽ تنهن کان پوءِ سمي جو هو.



جيئن ته هن سڱابندي ۾ راضي ڪير به ڪو نه هو، پر ناريجي سان سامهون ٿيڻ لاءِ ڪو به تيار ڪو نه هو. پر جڏهن وارو ناهئين جو آيو ته هن سمي کي ساڻ ڪري صلاح مصلحت ڪئي، جنهن هن سان هر سهڪار ڪرڻ جي حامي ڀري. انهن ڏينهن ۾ راڄن تائين دعوتن پهچائڻ کان وٺي، ڀٽ پوت جو انتظام ڪرڻ ۽ آيلن جي آڏرڀاء کان وٺي شغل شادمانا ڪرڻ تائين، مطلب ته شاديءَ جا سارا انتظام مگڻهار مڪمل ڪندو هو. ان لاءِ راڄ جي مگڻهار کي پڻ اعتماد ۾ ورتو ويو.

اهڙي طرح ناريجي سردار کي ٻي خبر رکي طئي شده تاريخ مطابق شاديءَ جا ڪل انتظام مڪمل ٿيڻ لڳا. وڏا وڏا لوڙها، ويڙهن جي صورت ۾ (اڳ جي رواج موجب ۽ اڄ جي شاميانن وانگر) عورتن لاءِ جدا ۽ مردن لاءِ جدا ڏياريا ويا ۽ لوڙهن ڀنيان وڏيون خندقون کوٽيون ويون.

پروگرام موجب ناريجو ڄڃ وٺي آيو. عورتن کي الڳ ۽ مردن کي الڳ ويهاريو ويو. ناهيان ۽ سمان ڪنوارتين جيان نماڻا ٻڌجي، واڙي کان ٻاهر تلوارون جهلي بيهي رهيا. مگڻهار ڄڃ جي خدمت چاڪري ۾ لڳي ويو ۽ چلم پاڻيءَ جو بندوبست ٿيڻ لڳو.

رٿ موجب مگڻهار (نالي ماڻڪ فقير) چلم جي ٽانڊي واري ٽوپي مردن واري ويڙهي ۾ ٽيڙ ڪائڻ جي بهاني ڪٽي لوڙهي تي اڇلي. جنهنڪري هڪدم ٻاهه پڙڪي اٿي ۽ مردن وارو سڄو راڄ، ٻاهه ۾ ٻرڻ لڳو. جيڪي واڙي مان ڀڄي ٻاهر نڪتا، سي ڪاهيءَ ۾ ڪريا ۽ انهن کي اتي ئي ماريو ويو. ان طرح ماڻڪ فقير مگڻهار، پنهنجو سر قربان ڪري ناهئين ۽ سمي جون عزتون بچايون. ان ماڻڪ فقير جا پويان، اڄ به تعلقي ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ ڏڱاڻو بوزدار ۾ آباد آهن ۽ پشت به پشت حيدرآباد ضلعي جي تقريبًا ناهين جا ’راڄ جا فقير‘ رهندا پيا اچن.

ناريجو جو ناهئين کان سڱ گهرڻ واري روايت ڪن مطابق ته ارباب ستابي کان هئي ۽ ڪن موجب ته راهو ۽ هوٿي کان هئي (جيڪا مستند مڃي وڃي ٿي). جيڪي بعد ۾ ان ڪهاڻيءَ جي انجام کان پوءِ، خوف سبب، پنهنجي اصلو ڪن پڊن تي رهي نه سگهيا ۽ هتان کان ڪوچ ڪري سڌا ٺٽي طرف هليا ويا.

ارباب ستابي جي وفات بعد، جڏهن سندس پٽ ارباب محمد علي راڄ ۽ رياست سنڀالي، انهن ڏينهن سنڌ مٿان مدد خان پٺاڻ جي يلغار هئي. (لب تاريخ سنڌ جي مصنف، مدد خان جي ڪاه جو دؤر ۱۱۹۴ھ بمطابق ۱۷۸۰ع ۾ لکيو آهي). انهيءَ ڦرلٽ کان بچڻ لاءِ 'دڙي وارو ڳوٺ' ڦٽي ويو، جن مان ڪي هاٽوڪي ڪيسانہ موري لڳ 'وسئين واري ڳوٺ'، جيڪو موجوده وقت راول ناهيون جو ڳوٺ ٿو سڏجي، اچي رهيا. ڪي ٽنڊوڄام کان ڏکڻ طرف ٻہ ڪلوميٽر پري هاٽوڪي 'سڄڻ ناهيون ڳوٺ' ۾ اچي آباد ٿيا. ڪي لاڙ ۾ ٺٽي، سجاول ۽ ڏندي هليا ويا ۽ باقي راڄ ارباب محمد علي جي اڳواڻي هيٺ، ٽنڊوڄام کان تقريبًا اڍائي ڪلوميٽر ڏکڻ طرف اچي آباد ٿيو. انهيءَ ڳوٺ جو نالو ارباب محمد علي سڏجڻ ۾ آيو. جنهن جڳهہ تي هي ڳوٺ آباد ٿيو، اتي هڪ ٻڙ جو وڏو وڻ بہ هو، انڪري هي ڳوٺ "ٻڙ جو ڳوٺ" نالي پڻ عام ٿيو. جيڪو بعد ۾ گذريل صديءَ جي آخر کان ئي ارباب محمد علي بدران، ڳوٺ ارباب احمد خان سڏجڻ ۾ آيو.

## وڏيري گل حسن ۽ ٻين پسگردائي وارن ڳوٺن جي ناهين جو ٺٽي ضلعي ۾ اچڻ ۽ رهائش اختيار ڪرڻ

ٺٽي ضلعي ۾ موجود ناهين جي ڪجهہ ڳوٺن جهڙوڪ: ڳوٺ وڏيرو گل حسن، ڳوٺ محمد ابراهيم ۽ پسگردائي وارن ٻين ڳوٺن جو، دڙي واري ڳوٺ ۽ ٻين لاڳاپيل ڳوٺن کان ٺٽي ڏانهن ڪوچ ڪرڻ جو سبب هڪ تہ ناريجي سردار جو سگ گهرڻ ۽ ٻيو مدد خان پٺاڻ جي ڪاه چئي سگهجي ٿو. ياد رهي تہ ٺٽي شهر جا موجوده ناهيان، ڪڇ کان سنڌ اچڻ تي، سمن سان گڏ گڏ پهرين ئي هاٽوڪي ٺٽي شهر پهچي چڪا هئا ۽ ڪي واري ڳوٺ ناهيانهون ڦٽڻ کان پوءِ درجي بہ درجي ساڻن شامل ٿيندا ويا. جن مان ڪي گهر وقت ۽ حالتن پٽاندر ڪوچ ڪري وڃي ڪراچيءَ ۾ مستقل مقيم ٿيا آهن. اهڙيءَ طرح هاٽوڪي تعلقي ٽنڊو محمد خان ۾ آباد ناهين جي ڳوٺن ڪي پڻ مٿين ڳوٺن جي ڦٽڻ ۽ ڇاٽايل سببن ڪري هتي ڪوچ ڪري آيل سمجهڻ گهرجي.



بهرحال روايت مطابق تہ دڙي واري ۽ لاڳاپيل ڳوٺن ڦٽڻ کان پوءِ، سن ۱۷۸۴ع ۾ تي پائر: ڪمال، ڪندو ۽ بخشو هڪ پيڻ سميت هاٽوڪي غلام الله شهر کان تقريبًا ۸ ڪلو ميٽر پري، ڏکڻ اولھ طرف هاٽوڪي ديھ ڪيهڪي ۾ اچي آباد ٿيا. هنن ۾ ڪمال وڏو دلير ۽ نامي گرامي ڌاڙيل هو، جنهنجو ڌاڪو پري پري تائين مشهور هو.

جسماني طرح پاڻ هلڪو ۽ ظاهري طرح نهايت سادو لڳندو هو. مٿي تي پراٽي پوتڙي جي ٻڌل پيندي، سندس خاص نشاني هئي. وٽن گذر بسر ڪرڻ لاءِ ڪا بہ زرعي زمين ڪا نہ هئي ۽ سندن گذران هڪ تہ مال پالڻ سان ۽ ٻيو ڪمال جي ڌاڙن ۽ ڦرن مان هٿ ڪيل زر تي ٿيندو هو.

انهن ئي ڏينهن ۾ ۽ اڄ بہ ديھ مهر، ٽپو گهوڙا ٻاڙي ۾ ٻڍاٽي قوم جو هڪ وڏو ڳوٺ آباد هوندو هو. ڳوٺ جو وڏو، چڱو خاصو زبرو زميندار ۽ مالدار هو. هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ ڪمال ڪٿان موٽندي شام جي وقت، هُن جي ڳوٺ پرسان گذريو تہ ان وقت ٻڍاٽي سردار ٻين سان گڏ ڳوٺ کان ٻاهر اوطاق تي ڪچهري ۾ لطف اندوز هو. ڪمال تي نظر پوندي ئي، سندس سڃاڻپ متعلق حاضرين کان پڇائين. اڪثريت ڪيس يقين ڏياريو تہ: 'اهو ڌاڙيل ڪمال ناهيون آهي.' پاڻ انوقت ئي پنهنجي خدمتگارن کي ڪمال تي ڪتا ڇڏڻ جو حڪم ڪيائين. حڪم جي بجا آوري تي ۽ ڪتا ڪمال کي وارئي ويا. جن مان جيئن تيئن ڦٽڙي سٽڙي جان ڇڏائي هو ٻڍاٽي سردار وٽ پهتو ۽ ڪيس چيائين: 'جيڪڏهن تو کي مون کان شڪايت هئي تہ مونکي سڏي چوين ها، پر تو مون تي ڪتا ڇڏي سٺو نہ ڪيو آهي. جي مڙس هوندس تہ تو کان ان جو پلئہ ضرور ڪندس'.

ڪافي ڏينهن گذرڻ کان پوءِ، ڪمال جي دل ۾ ٻڍاٽي سردار کان پلاند وٺڻ جو پهہ پڪو ٿيو ۽ پاڻ اوڏانهن روانو ٿي ويو. ٻڍاٽين جي ڳوٺ، خاص طور تي سردار جي گهر کي، ڪچو ڪوٽ آيل هو، جيڪو ٽپي، سندس گهر اندر سندس سمهڻ واري ڪمري ۾ داخل ٿيو. ان وقت ٻڍاٽي، پنهنجي گهرواريءَ سان گڏ ننڊ ۾ آرامي هو. روايت مطابق تہ ٻڍاٽي سردار هڪ دنبو (گهيٽو) ڏاڍي چاھ سان پاليو هو، جنهن جي سڱن تي

سونن ڪوپن سان هڪ تاج هميشه چڙهيل رهندو هو ۽ اهو گهيٽو ٻڍاٽي جي خوابگاهه جي در تي ٻڌل رهندو هو. بهرحال ٻڍاٽي سردار کي عورت سان گڏ ستل هئڻ جي صورت ۾، نه ته مارڻ مناسب سمجهيائين ۽ نه وري ڪيس جاڳائڻ روا سمجهيائين. ان ڪري نشاني طور، سردار جي پٽ سان ٽنگيل تلوار مياڻ مان ڪڍي، سندس پاسي کان ۽ گهيٽي جي مٿي تان تاج لاهي، سندس سيرانديءَ کان رکي، پاڻ گهيٽو ڪٽي واپس ڳوٺ هليو آيو.

صبح جو سجاڳ ٿيڻ تي ٻڍاٽي سردار هيءَ وارتا ڏسي، حيران رهجي ويو ۽ غصي ۾ اچي ان وقت جي حڪمران سپاهه (پوليس يا فوج) وٽ فريادي ٿيو ۽ ڪين ساڻ ڪري ڪمال جي ڳوٺ تي ڪاهي آيو. ڪمال پاڻ ان وقت گهر ۾ ئي موجود هو. جنهن پنهنجي ٻئي ڀاءُ کي چيو ته: "مهمانن کي گهيٽو ڪهي، رڌي پچائي ماني کاراءِ. پوءِ آئون پاڻ اچي ساڻن ملان ٿو." سندس ڀاءُ ائين ئي ڪيو. تنهن بعد ڪمال پاڻ به آيو، جنهن کي ڏسي خود سپاهه کي به يقين نه آيو ته 'هيڏو ڏاڪو ڄمائيندڙ ڏاڙيل ڪمال، هيءُ ئي ٿي سگهي ٿو!؟' بهرحال ڪمال اچي پيش پيو ۽ عرض ڪيائين ته: "ڪنهن به ڪارروائي ڪرڻ کان پهرين سندس ڳالهه ضرور ٻڌي وڃي". ٻڍاٽي سردار ۽ سپاهه جي اڳواڻ جي اجازت سان، هن پنهنجو بيان ڪتا چڏڻ واري ڳالهه کان شروع ڪيو ۽ پوءِ سردار کي نه مارڻ جو سبب ٻڌائيندي چيو ته: "هن جيئن ته نياٽي (عورت) کي سردار سان گڏ ستل ڏٺو، ان ڪري ڪيس مارڻ مناسب نه سمجهيو ۽ ان ئي نياٽي مهابي ڪيس ڇڏي هليو آيو". اها ڳالهه ٻڌي ٻڍاٽي سردار، ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ نه صرف ڪمال کي معاف ڪيائين، پر خود به معافي ورتي، ساڻس پڳ مٽ ياري پڻ رکيائين، جا اڄ تائين ٻنهي جي پوين ۾ پڻ خوشي توڙي غمي ۾ هڪ ٻئي وٽ اهل عيال سميت اچڻ وڃڻ سان قائم ۽ دائم آهي.

هن واقعي کان ڪو عرصو پوءِ، ڪمال ڪنهن طرف ڏاڙي تي ويو. جتي جهلجي پيو ۽ پاڳين ڪيس خوب ماريو ڪٽيو. آخر ۾ قميص لهرائي، سندس ڇاتيءَ تي ٻاهه ۾ تتل ڪوڏر رکي ويئي. ان عذاب ڪيس جهوري وڌو ۽ پاڻ دل جي جذبات طور اتي هڪ شعر چيائين جيڪو هن ريت آهي.



'ساهه اچين ته اچ، وڃين ته وڃ،
نه ته ڪانهي ڪاڻ ڪمال کي.'

اهو ڏاڙو ۽ سزا، ڪمال جي زندگيءَ جا آخري ڏينهن ثابت ٿيا. ڪي ٿورا ڏينهن پاڻ ڳوٺ ۾ معذورن جيان رهيو ۽ ڏاڙي مان هٿ ڪيل سموري ملڪيت، پائرن جي حوالي ڪري، ڪين چيائين ته: 'هو ٻڍاٽي سردار وٽ وڃن ۽ ڪيس چون ته هن مان سندن لاءِ زمين خريد ڪري.' جنهن تي ٻڍاٽي سردار، دوستيءَ جو حق نڀائيندي، هاٽوڪين ديهن: ناهڪي، ڪيهڪي، چچ ساهڙڪو، ابراهيم شاهه، جامائي ۽ ٻارو سري ۾ لڳ ڀڳ چاليهه هزار ايڪڙ زمين خريد ڪري، سندن حوالي ڪئي، جا اڄ به سندن پوين ۾ حصن ۽ پٽين تحت ورهائبي پئي اچي.

بعد ۾ هنن ناهين مان ئي فقير عبدالله ناهيون جا، تعلقي ميرپور ساڪري ۾ غلام الله شهر جوڙائيندڙ تاجپوري نواب غلام الله (وفات ١٢٥٣هه بمطابق ١٨٣٨ع) سان، جيڪو مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جي ڏينهن ۾ ٿرپارڪر جو گورنر هو، تمام سنا دوستي جا لاڳاپا رهيا ۽ ڪيس غلام الله ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ وقت، هر طرح جي مدد ڪيائين. سندس ذڪر، ڪتاب 'ڪلام نواب ولي محمد لغاري' ۾ مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب هيئن ڪيو آهي: 'هڪ روايت موجب فقير غلام الله، غلام حيدر فقير 'تيرهيو'، عبدالله فقير لغاري تاجپوري، فتح فقير خان ٽالپور، فقير عبدالله ناهيون ۽ لڌو فقير عرف لالو پاڻ ۾ صحبتي هئا.'

## شاهه عنايت رضوي ۽ فقير جيئندو ناهيون بابت هڪ روايت

شهداد فقير وارو ڳوٺ ڦٽڻ کان پوءِ، ناهين جو ڪجهه راڄ ته دڙي ۽ پسگردائي وارن ڳوٺن ڏانهن هليو ويو ۽ باقي راڄ جو وڏو حصو موجوده ڪيسانه موريءَ کان هڪ ڏيڍ فرلانگ جي فاصلي تي اتر طرف ڳوٺ 'ماڪن ناهيون' آباد ڪري ويهي رهيو. انهيءَ ڳوٺ ۾ "فقير جيئندو ناهيون" نالي، هڪ سنو قادرالڪلام شاعر پڻ موجود هو جيڪو موقعي ۽ مناسبت سان في البديع شعر چوندو هو. هن ڳوٺ کان به اڍائي فرلانگ

پري کيسانہ موري کان ڏکڻ طرف ’گھوٽاٽو‘ قوم جو پڻ هڪ ڳوٺ آباد هو، جنهن ۾ ٻہ اهڙو ئي هڪ گھوٽاٽو شاعر رهندڙ هو، جنهنجو نالو معلوم نہ ٿي سگھيو آهي. هي ٻئي ڳوٺ پوءِ مدد خان پناڻ جي ڪاھ وارن ڏينهن ۾ ڦٽي ويا. پر کيسانہ موري وٽ، جتي روهڙي ڪئينال اچي ختم ٿئي ٿو ۽ مختلف شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿو، اتي اولھ ڏکڻ واري شاخ اڄ بہ گھوٽاٽن جي ڳوٺ پنيان ”گھوٽاٽا مائينر“ ٿي سڏجي.

انهي ساڳئي دؤر ۾ نصرپور ۾ ميون شاھ عنايت رضوي شاعري جي دنيا ۾ هڪ وڏو نالو هو، جيڪو پڻ في البديع شعر چوندو هو ۽ هر ڳالھ ۾ ڪاني ڪرامت پڻ، شعر ذريعي ڪندو هو. جيتوڻيڪ شاھ عنايت صاحب جي ڄم يا وفات جي تاريخ ۽ سن نہ ملي سگھيو آهي، پر صرف ايترو معلوم ٿي سگھيو آهي تہ پاڻ شاھ عبداللطيف ڀٽائي جا همعصر شاعر هئا (جيڪو ڪلهوڙا دؤر جو شاعر هو). ان ڪري هن روايت کي بہ مغلن جي آخري دؤر يا ڪلهوڙن جي شروعاتي دؤر ۾ شمار ڪري سگھجي ٿو.

هڪ ڀيري ميون شاھ عنايت نصرپوري، مٿين ٻنهي شاعرن جو نالو ٻڌي، ساڻن شاعريءَ ۾ طبع آزمائي ڪرڻ خاطر، وٽن مهمان ٿي آيو. پهريائين پاڻ گھوٽاٽي وٽ ويو، جيڪو نهايت مغرور هو. شاھ عنايت کيس شعر ٻڌائڻ لاءِ چيو. پر گھوٽاٽي چيو: ’پهرين اوهين شعر ٻڌايو.‘ جنهن تي شاھ عنايت گھوٽاٽي کان پڇيو تہ: ’تون ڪير آهين؟‘

گھوٽاٽي فخر سان چيو: ’آئون ائيٺ تارو آهيان.‘ شاھ عنايت ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ هيٺيون شعر چيائين:

’ايريو ائيٺ تارو، لقاپور مٿان،
ستر گز سمونڊ ۾، سوسي ڪيي ساھ،
گھوٽاٽا اٿئي گھاءُ، پهرين سٽ پٽ ۾.‘

روايت مطابق تہ اهو شعر ٻڌڻ سان ئي گھوٽاٽو پٽيءَ تي مري ويو. اتي گھوٽاٽي جي ماءُ ڊوڙي آئي ۽ شاھ عنايت کي چيائين تہ: ”تون ائين منهنجي پٽ کي ڪو نہ مارين ها. پر جيئن تہ صرف هڪ دفعو ان کي بنا مسح جي ڪير پياريو هئم، ان ڪري تون هن تي اهو وار ڪري سگھيو



آهين.“

ان کان پوءِ شاھ عنايت، فقير جيئندي ناهيون ڏانهن رخ ڪيو. جيئندي کي گھوٽاٽي بابت اڳيئي خبر پئجي چڪي هئي ۽ پاڻ ڊڄي گھر ۾ اناج جي گندي اندر گھڙي ويهي رهيو. شاھ عنايت کيس اعتماد ۾ ورتو ۽ کيس، اناج جي گنديءَ مان ٻاهر اچي، شعر پڙهڻ لاءِ چيو. جيئندي چيو: ’قبلا پهرين اوهين شعر پڙهو.‘ پر شاھ عنايت جي زور ڀرڻ تي، فقير جيئندي ڊڄندي ڊڄندي نماڻائي مان هي شعر پڙهيو.

’ٻني سپ شاھ جي، ٻني سپ شاھ جي،
لاهيارو لٽي کھڙي ڪندو ريس راھ سان.‘

شاھ صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دعا طور سمورن ناهين لاءِ هي بيت چيو

’ناهيان سپ نوازيئي، ڪري پلايون پال،
جنهن لڳ الله، وار نہ ونگو تن جو.‘

ائين پوءِ ميون شاھ عنايت موڪلائي هليو ويو.

چون ٿا تہ فقير جيئندي جو ڪافي شعر يا تہ همعصر شاعرن جي ڪلام سان ملي پنهنجي اصليت وڃائي وينو يا وري ڪو مناسب لکاري نہ ملڻ ڪري اڄ تائين محفوظ نہ رهي سگھيو ان واقعي کان پوءِ ناهين جا پڻ ڪيترا گھراڻا اڄ تائين شاھ عنايت جا مريد رهندا پيا اچن.

## حيدرآباد شهر ۾ ’ناهين جي پڙ‘ جو مختصر احوال

گورنمينٽ اليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن (مين) حيدرآباد، جي زير نگراني شايع ٿيندڙ ٻہ-ماهي رسالي ’اخبار تعليم‘ جي نومبر ڊسمبر ۱۹۹۳ع جي پرچي (جلد ۱۲) ۾ هڪ مضمون ”حيدرآباد جا تاريخي ماڳ“ جي سري هيٺ سيد عبداللطيف شاھ جو لکيل آهي، جنهن ۾ پاڻ ڪلهوڙن جي دؤر جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ لکي ٿو:

”جنوري ۱۷٦٨ع ۾ قديم نيرون ڪوٽ واري ايراضي تي هڪ نئون قلعو ٻڌايو ويو، جيڪو اجوڪي حيدرآباد جو بنياد پڻ آهي. قلعي ٺهڻ کان پوءِ

میان غلام شاه اتي رهائش بہ اختيار ڪئي ۽ شاندار شهر جو بنياد رکيو. جيڪو اڳتي هلي حيدرآباد جي نالي سان ملڪان ملڪ مشهور ٿيو. حيدرآباد شهر جي آباد ٿيڻ بعد ميان غلام شاه جي پٽ ميان سرفراز ڪيترائي شهر پڻ جوڙايا. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ قلعي جي پرپاسي ذات جا ناهيان ۽ گولہ رهندا هئا، ليڪن هاڻوڪي حيدرآباد ۾ ذات پات جو ڪو ڪاٿو رهيو ئي ناهي ۽ وڻ وڻ جي ڪاني اچي گڏ ٿي آهي........"

مٿيئن حقيقت جي پيش نظر 'ناهين جي پڙ' يا حيدرآباد شهر سان ناهيون ذات جي وابستگي وارو عرصو 'ڪلهوڙا دؤر' کان وٺي ڳڻي سگهجي ٿو. قديم حيدرآباد هونئن بہ مختلف پدن ۽ پڙن ذريعي سڃاتو وڃي ٿو. جيئن: واڍن جو پڙ، ڪورين جو پڙ، ڪاسائين جو پڙ، ناهين جو پڙ وغيره. جيڪي نہ صرف هن شهر جي قدامت جو اهڃاڻ پر سندس اصلي رهاڪن ۽ بنياد رکندڙن جو، بنا ڪنهن تمهيد جي، پڪو ثبوت پڻ آهن.

حيدرآباد جي ان ناهين جي پڙ ۾، ڳوٺ ناهيانهون کان سڌو سنئون آيل ناهين کان علاوه ڪجھ گهر شهداد فقير واري ڳوٺ کان تہ ڪجھ گهر دڙي ۽ پسگردائي وارن ڳوٺن کان ۽ ان کان علاوه، نوابشاه ضلعي ۾ موجود ناهين جي ڳوٺ، (جيڪو عرف عام ۾ "گدڙ وارو ڳوٺ" تو سڏجي) جا ناهيان پڻ شامل هئا. بعد ۾ ضلعي ٽنڊوالهيار جي موجوده ڳوٺ الهڏنو ناهيون مان ڪي گهر بہ اچي آباد ٿيا. جنهن سان ناهين جو پڙ پڻ، هڪ چڱو خاصو ڳوٺ بنجي ويو. جتي مختلف مذهبي تهوارن مطابق ڪڏهن مولودن جون محفلون تہ ڪڏهن نڑ بيتن ۽ سگهڙن جي سٽ لڳل رهندي هئي. محرم الحرام جي ڏهاڙي ۾، پڙ نڪرڻ سان گڏوگڏ ننگر نياز بہ خوب ٿيندا هئا. مطلب تہ ذات پات ۽ مذهبي مسلڪن کان هٽي ڪري، هر تقريب وڏي ادب ۽ اهتمام سان ملهائي ويندي هئي. جيڪو سڀ ڪجھ حيدرآباد بنجڻ کان وٺي ڪجھ سال اڳ تائين، جيئن جو تيئن، قائم هو. هتي ناهيون قوم جا ماڻهو پشت بہ پشت رهندا پئي آيا. تانجو اچانڪ ١٩٨٠ ۽ ١٩٩٠ع واري ڏهاڪي ۾ لساني فساد ٿيا ۽ سڀ ڪجھ هڪ خواب بنجي ويو. اڄ بہ جيتوڻيڪ نشريات ۽ اشاعت ۾ حيدرآباد جي 'ناهين جو پڙ' جو نالو برابر اچي ٿو، پر اتي ڪو بہ ناهيون



ذات سڏائڻ وارو ڪونهي. سڀ پنهنجي خيال موجب، محفوظ مڪانن ڏانهن هليا ويا.

اهڙي صورتحال بابت، ماهوار رسالي 'سهڻي' جي جولاءِ ١٩٨٩ع واري شماري ۾ شاعره سحر امداد صاحبہ حيدرآباد ۾ نسلي جهيڙن ۽ ان سبب ٿيل ناهين ۽ ٻين سنڌين جي لڏپلاڻ جو ذڪر مرثيي جي صورت ۾ لکيل هڪ نظم 'پن ڇڻ جون موسمون ۽ راتيون اماس' ۾ ڪندي "ناهين جي پڙ" جي ناهين جو حوالو هيٺئين طرح ڏنو آهي:

'ناهين جي پاڙي جا، سيئي ناهيان ويا ڪٿي،
ميسرن جي فوج جا اهي فوجي ويا ڪٿي؟

هندستان جي سنڌي ليکڪ سندري اُتمچنداڻي پڻ ٢٨ سيپٽمبر ١٩٢۴ع تي 'ناهين جي پڙ' حيدآباد سنڌ ۾ ڄائي ۽ مئٽرڪ اتان جي تولارام اسڪول مان ڪيائين.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾، ناهيون قوم جا ماڻهو، گهڻن ئي حڪومتي ۽ انتظامي عهدن تي فائز بہ رهيا. ڪيترن ڪلهوڙن سان رشتيداري بہ ڪئي، جا ڪن هنڌن تي اڄ ڏينهن تائين نسل در نسل هلندي پئي اچي ۽ ڪٿي تہ ڪلهوڙا، ناهيون ۽ ناهيان، ڪلهوڙا ٿا سڏائين. جنهن جو هڪ مثال، بدين ضلعي ۾ موجود ڳوٺ نور محمد ناهيون جا ناهيان ۽ حيدرآباد-ميرپورخاص روڊ تي، قبو بس اسٽينڊ جا ناهيان ۽ ڪلهوڙا آهن. ان کان علاوه، ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پڻ اهڙي قسم جي مائٽيءَ جا مثال ملن ٿا.

## ناهيون ذات ٽالپورن جي دؤر کان انگريزن جي دؤر تائين

ٽالپورن جي دؤر کان ناهيون ذات لاءِ تقريبًا هر ڳوٺ مان ڪيتريون ئي پڪيون ۽ پختيون روايتون ملن ٿيون جن مان هتي هر ڪنهن کي شامل ڪرڻ ممڪن ناهي. انڪري صرف ڪي چند تاريخي روايتون حوالي طور ڏجن ٿيون.

هن دؤر جو مشهور ڪافي گو شاعر ۽ بزرگ، حضرت مصري شاه امام

رضوي نصرپوري (وفات سن ١٨٩٥ع بمطابق ١٣١٣ھ) آهي جنهن جا تقريبًا حيدرآباد ۽ ٽنڊوالهيار ضلعي جا سڀ ناهيان مريد نہ تہ معتقد ضرور هوندا. ناهين کان علاوه بہ نصرپور جي چئني طرف تقريبًا هر قوم مان سندس معتقد ۽ مريد آهن. پر انهن مڙني ناهين توڙي ٻين قومن مان راقم جي وڏن کي اهو اعزاز حاصل آهي جو هو سائين مصري شاه جي بزرگي واري عهد تي پهچڻ کان پوءِ سندن پهريان مريد آهن.

روايت ڪجھ هن ريت آهي تہ راقم جا وڏا ذڪر ڪيل شهداد فقير واري ڳوٺ ڦٽڻ کان پوءِ ماڪن ناهيون وارو ڳوٺ ۽ تنهن کان پوءِ نامعلوم سببن ڪري، اهو ڳوٺ ڇڏي هاڻوڪي ڳوٺ حاجي يار محمد کان هڪ فرلانگ اتر اولھ طرف اچي آباد ٿيا. ان دؤر ۾ مٿي ذڪر ڪيل شاه الياس عرف جيئي شاه بادشاه جيتوڻيڪ گذاري چڪو هو پر سندن خانقاه تي هر مهيني، چنڊ جي چوڏهين تاريخ تي، تر ۽ آسي پاسي جون سڀ قومون، ڏهاڙو ملهائڻ خاطر ضرور جمع ٿينديو هيون ۽ پاڻ سان آندل کير ۽ مانيون، ننگر طور ونڊي ورڇي ڪائينديون هيون. (اهو سلسلو اڄ بہ جاري ۽ ساري آهي). اهڙي هڪ ڏهاڙي تي هن نئين ڳوٺ مان وڏيري ڪٻڙ (راقم جو پڙ ڏاڏو) جو وڃڻ ٿيو ۽ جڏهن ڪيس ننگر جي جمنيءَ ۾ هلنڌڙ ننگر جو کير ڏنو ويو تہ ڪيس سخت ڪراهت آئي ۽ کير واپس ڪري ڇڏيائين. بس اهو ئي هڪ بهانو بنيو ۽ پاڻ ڪجھ ڏينهن اندر دماغي توازن وڃائي وينو. هن جي وڏن، سندس گهڻو ئي علاج ۽ ٽوٽا ڦيٽا ڪرايا پر ڪيس ڪو بہ فرق نہ پيو. دل ۾ چاهت هئن تہ جيڪر ڪو زنده پير ملي وڃي، جنهن کان ڪٻڙ جي بيماريءَ بابت ڏس پنڌ ۽ سوال جواب ڪيو وڃي. ائين ئي ڪنهن ڪين سائين مصري شاه بابت ڏس ڏنو؛ جنهن بعد پاڻ وٽن آيا ۽ اچي مريد ٿيا. سائين مصري شاه خود بہ ڪٻڙ کي دم دعا ڪندا رهيا پر ڪو خاص فائدو نہ ٿيو. جنهن بعد سائين مصري شاه خود، هن جي ٻانهن وٺي اچي جيئي شاه بادشاه جي درگاه تي حاضر ڪئي ۽ وڏيري ڪٻڙ کي چيو تہ تون جيئي شاه بادشاه کان سوال ڪندو رھ تہ؛ ”مونکي سنون کان سنئون ڪر“. انهيءَ سوال ڪري ئي مٿس نالو ڪٻڙ مان ڦري ’ڪٻڙ سوالي‘ پئجي ويو.



اهڙيءَ طرح ستن ورهين کان پوءِ ڪٻڙ سوالي بلڪل چاق چڱو ڀلو ٿي موٽيو. ناهين جي هن نئين ڳوٺ ۾ موجوده ڳوٺ حاجي يار محمد جي ناهين کان علاوه ڪجھ گهر خانپور جي ناهين جا پڻ هئا. جنهن ۾ روايت موجب تہ؛ ڪين جنن ڏاڍو تنگ ڪيو ۽ مالي نقصان پهچايو. جنهنڪري پاڻ هڪ دفعو ٻيهر سائين مصري شاه وٽ دانهين ٿي ويا، جنهن ڪين اهو ڳوٺ ڇڏڻ لاءِ چيو. پر جيئن تہ هي نهايت غريب هئا. انڪري منجهائن ڪو بہ پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هو. ٻئي طرف مرشد جو حڪم نہ مڃڻ بہ سندن اختيار ۾ نہ هو. جنهنڪري سائين مصري شاه ڪين آٿت ڏني، ڪجھ دعائون ڪيون ۽ اهو ڳوٺ خالي ڪرايو ۽ ٿورو ئي پري ڏکڻ طرف هڪ نئون ڳوٺ آباد ڪرايو. جيڪو هڪ عرصو قائم رهڻ کان پوءِ ١٩٤٧ع ۾ چورن جي تنگ ڪرڻ ڪري ڦٽي، نئين موجوده ڳوٺ حاجي يار محمد نالي آباد ٿيو. هن ڳوٺ تي جنن واري ان راويت کان وٺي ’غيب‘ يا ’گيبن وارو ڳوٺ‘ جو نالو بہ عام استعمال ۾ اچي ٿو.

سائين مصري شاه، ڪٻڙ سوالي کي اڪثر ’ماما‘ چئي مخاطب ٿيندا هئا ۽ دعائون ڪندا هئا. جيڪي هيٺين ريت آهن ۽ اڄ بہ مقبول آهن. پاڻ چوندا هئا:

١. ماما (ڪٻڙ سوالي) فقير (پاڻ) اِها دعا ڪو نہ ڪندو تہ؛ ڪپڙي ۾ ميڙي گڏ ڪرين. باقي اچي ماني اچي گندي، تنهنجي ستين پيڙهئين موڪ آهي.

٢. ڏنگيون اوڙون، سنوان سنگ. هِن ٻنيءَ جو ڍينگهر گهلي هُن ۾ ۽ هُن جو گهلي هِن ۾ ڇڏجانءِ تہ پوک پاڙهي پلي ٿيندي.

٣ . ماما جيترو لڏيندين، اوترو سکيو ٿيندين. (ڳوٺ ڇڏائڻ جي موقعي تي ڪيل دعا)

مٿين دعائن کان علاوه پاڻ وظيفي طور کي فريضا بہ مٿن رکيا، جيئن:

١. پرايو سنياڻ، پنهنجي ماٽيءَ ۾ نہ وجهجانءِ!

٢. ڪنهنجو ضامن نہ پئجان!

٣. ڪو بادشاه پير دستگير جو پلاند وجهئي تہ خون بہ بخشي ڇڏجاءِ!

ان ڪان علاوه، چون ٿا تہ تاجپور جا نواب، جيئن تہ ٽالپور دؤر جي حڪومتي انتطامن ۾ سڏا سنوان لاڳاپيل هئا، انڪري نهايت ئي ڪراڙا ۽ مغرور هئا. ڪنهن غريب غربي تي چوھ ئي ڪو نہ ڇنڊيندا هئا، بلڪ هتان جون اڪثر قومون سندن زيردست هيون، سواءِ ناهين جي، جيڪي جيڪڏهن ساڻن مهاڏو اٽڪائڻ جي قوت نہ رکندا هئا تہ سندن آنڪي بہ نہ پريندا هئا. اهڙيءَ طرح ٻئي ڌريون هڪٻئي ڪان هڪڙي فاصلي تي رهنديون هيون. پر جيئن تہ وڏي وڻ جي ڇانو ۾ ننڍي وڻ جو اُسرڻ مشڪل ئي نہ پر ناممڪن بہ هوندو آهي، تئين تاجپور جي نوابن سان گڏ رهندي (جن مٿان سڌو سنئون پهرين ميرن جو ۽ پوءِ انگريزن جو هٿ رهيو) ناهين جو ايرڻ بہ ڏکيو هو. تاجپوري نواب خاص طور تي ڪٻڙ سوالي سان تمام گهٽو سڙندا هئا (ڇو تہ هو ميرن جي هڪ خاص خادم جي گهران پرڙيو هو ۽ انڪري ميرن وٽ سندس بہ عزت هئڻ ڪري هو هڪ طرح نوابن جي برابري ۾ اچي ويو هو). ڪٻڙ سواليءَ ان شڪايت جو ذڪر پڻ سائين مصري شاه سان ڪيو، جنهن ان موقعي تي بہ ڪيس دعا طور ڪلام ڪيو تہ: "ماما نواب تو ڪي ريل گامون ٻڌايو ٿو ڏيان، چڙهيو پيو گهم". جنهن ڪان پوءِ تاجپوري نواب، هتان جي ناهين بالخصوص، ڪٻڙ سوالي جي گهراڻي جي تمام گهڻي عزت ڪرڻ لڳا، جنهن جا بہ ڪيترا ئي مثال آهن. جن مان هڪ راويت آهي تہ: نواب بخشڻ خان (وفات ١٣٣٧ھ) جڏهن ڪنهن بيماريءَ مان چاق ٿيڻ بعد گهر ڏانهن هڪ قافلي جي صورت ۾ (جنهن ۾ لغاري نواب ۽ هتان جون ٻيون بہ ڪيتريون قومون هيون) مافي ۾ چڙهيو ٿي موٽيا تہ واٽ تي ڪٻڙ سوالي بہ سندن عيادت ڪرڻ لاءِ آيو تہ نواب صاحب مافو هيٺ لهرايو ۽ ڪٻڙ سوالي ڪي بہ پاڻ سان گڏ ويهاري وٺي ويو.

سائين مصري شاه جتي ڪٻڙ سواليءَ لاءِ مٿيون ڪلام ڪيو اتي ڪيس سختيءَ سان اها پڻ هدايت ڪئي تہ هو فقير نواب ولي محمد لغاري ڪي (جيڪي سندن همعصر شاعر هئا) باقي لغاري نوابن ڪان الڳ حيثيت، عزت ۽ احترام جي نگاه سان ڏسن. بلڪ ائين چيائون تہ: 'جيڪو ولي



محمد فقير ڪي نہ مڃيندو، سو مونکي بہ نہ مڃيندو.' (جنهن جو ذڪر ڪتاب 'ڪلام نواب ولي محمد لغاري' ۾ پڻ آيل آهي.)

سائين مصري شاه جڏهن بہ نواب ولي محمد وٽ ايندا هئا يا سفر ۾ ڪيڏانهن ايندي ويندي سندن گذر، ڪٻڙ سوالي جي ڳوٺ وٽان ٿيندو هو تہ طعام ۽ قيام هميشہ هتان جي ناهين (ڪٻڙ سوالي) وٽ ئي ڪندا هئا. اهو ئي سبب هو جو سائين مصري شاه جي رحلت وقت، جڏهن رسم طور 'خليفي طرفان سپني عزيزن ۽ مريدن خادمن ڪان سندن قبر ڪوٽائڻ لاءِ ڪوڏر جا لپا ٿي هٽايا ويا تہ اتي بہ پهرين مريد طور ڪٻڙ سوالي جي پٽ حاجي يار محمد ڪان، جنهن جي عمر ان وقت يارنهن يا ٻارنهن سال هوندي، قبر ڪوٽرائڻ لاءِ پهريون لپو هٽايو ويو.

هڪ ٻي روايت موجب تہ سائين مصري شاه جي وفات ڪان پوءِ، سائين علي غلام شاه (وفات ١٩٢٧ع بمطابق ١٣٤٦ھ) جي گادي نشيني وارن ڏينهن ۾ پاڻ سائين مصري شاه جي ميلي تي هميشہ خانپور جي ناهين مان مائي زليخان ڪي گهرائي حويليءَ ۾ ڪانئس پيراٽا ڳيچ ڳارائي، اوائلي مريد هئڻ جي حيثيت ۾ سائين مصري شاه جو سهرو (ميندي) نهرائيندو هو. هڪ دفعي، ميلي جي ڏينهن ۾، هوءَ سخت بيمار ٿي پئي ۽ ميلي تي پهچي ڪا نہ سگهي. سائين علي غلام شاه صاحب سندس پائرن ڪي ڏانهنس واپس موڪليو تہ جيئن اهي هر صورت ۾ ڪيس ميلي جي سهري تيار ڪرڻ لاءِ وٺي اچن. پوءِ اهڙيءَ ريت، جيسيتائين مائي زليخان نہ پهتي سائين علي غلام شاه صاحب ميلي جو سهرو سجائڻ ۽ ڪٽڻ ڪنهن ٻئي ڪي نہ ڏنو.

راقم جو والد گل محمد (گلڻ) پنهنجي ڄمڻ جي سال ۽ سائين علي غلام شاه جي وفات واري سال جي حوالي سان ٻڌائيندو هيو تہ پاڻ ٽن پيڙهن پويان ڄائو. جنهن ڪري ڪيس ٽڪڙ سڏيو ويو. سندس ماما (مائي زليخان جا پٽ) ڪيس سائين علي غلام وٽ دعا لاءِ وٺي ويا، جنهن ڪيس نصرپور پرسان وهندڙ درياءَ ۾ ٻيڙيءَ اندر پنهنجي گود ۾ ويهاري، پڳ ٻڌرائي ۽ 'درياءُ خان' نالو رکي دعا ڪئي.

هنن ناهين ڪان سواءِ تعلقي ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ الهڏنو ناهيون ۽ انجي

آسپاس جي ڳوٺ جا ناهيان، انوقت کان وٺي سائين مصري شاه جا معتقد ۽ مريد آهن. اِنهن مان ’ندو‘ بہ هڪ هو، جنهن لاءِ چون ٿا تہ ان کان ڳوٺ ۾ کا ٻچڙي ٿي پئي، جنهنکري راڄ کيس شهر نيڪالي ڏئي ڇڏي. ندو، پوءِ حيدرآباد آيو ۽ حمالڪو ڌنڌو ڪرڻ لڳو. پاڻ نهايت ئي پهلوان هو، جنهنکري ’ندو ناهيون‘ مان ’ندو حمال‘ مشهور ٿيو. سندس پهلواني جي چؤطرف هاڪ هئي ۽ ميرن جي ڪنهن حاڪم سندس پهلوانيءَ کان متاثر ٿي، کيس ٺٽي شهر جي بخشي ڪٽي (پهلوان) سان گڏ خاص درٻاري ماڻهو ڪري رکيو. ندي حمال لاءِ مشهور آهي تہ: پاڻ ميرن جي دؤر حڪومت ۾ ١٢ مڻي توپ اڪيلي سر حيدرآباد جي پڪي قلعي جي دروازي تي لاهيندو ۽ چاڙهيندو هو.

ندو حمال، پنهنجن ستن پائرن سميت حيدرآباد جي ’ناهين جي پڙ‘ ۾ موجود ”ندو محل“ ۾ رهڻ لڳو هو. جنهن سان ميرن جي دؤر ۾ ’ناهين جي پڙ‘ کي وڏيڪ مشهوري ۽ وڏي پذيرائي ملي. ندي حمال جا پائر پڻ، ميرن جي فوج ۾ سپاهي هئا. جنهن جي گواهي سحر امداد صاحبہ جي مٿي ڏنل شعر ۾ پڻ آيل آهي.

چون ٿا تہ ندو حمال کي ٽالپور حڪمرانن طرفان موجوده ’دوآٻو‘ حيدرآباد جي علائقي ۾ ٧٠٠ ايڪڙ زمين (جاگير) انعام طور ڏني وئي هئي، جيڪا سنڌو درياءَ جي لڳ هئڻ ڪري’ناهيچاڻي مياڻ‘ سڏبي هئي. ان کان علاوه کيس ڪڙيو گهنور ۾ بہ ڪافي زمين ڏني ويئي، جيڪا بعد ۾ انگريز حڪومت، زرعي بل نہ ڀيارڻ سبب، ضبط ڪري ڇڏي.

ندي حمال ڪٿان شادي ڪئي؟ ان جو تہ پتو ناهي پئجي سگهيو، پر ان مان کيس هڪ پٽ علي بخش نالي هو، جنهن کي چار نياٽيون: راڻي، زينو، صاحب خاتون ۽ هڪ ٻي هيون. روايت آهي تہ ندي حمال پنهنجي حياتي ۾ ئي دوآٻي واري ٧٠٠ ايڪڙ زمين پنهنجي پوٽي زينو نالي ڪئي هئي، جيڪا بعد ۾ علي بخش کان خميسي چني ۽ نامعلوم شاه وٽ ۴٠٠٠ رپين عيوض گروي سبب هلي ويئي.

ندو حمال جيئن تہ مٿي ڄاڻايل سببن ڪري پنهنجن کان پري هو، انڪري هن پنهنجون چار ئي پوٽيون پنهنجي مرشد مصري شاه جي جهوليءَ ۾



مائٽيءَ لاءِ اڇلايون. جنهن هڪ نياڻي صاحب خاتون، مٽياريءَ جي نظر علي شاه ڄاموٺ کي پرڻائي ڏني (جنهن مان کيس ملوڪ شاه، احمد شاه، عاقب شاه ۽ امير علي شاه نالي پٽ ڄاوا)، هڪ نصرپور جي سيدن ۾. جڏهن تہ راڻي، ڳوٺ وڏيرو الهڏنو جي عرس ناهيون جي گهر پرڻائي ويئي. باقي نياڻي ’زينو‘ پنهنجي خاص مريد ڪٻڙ سوالي کي پرڻائي ڏني ويئي. جيئن مٿي ذڪر ڪيل آهي تہ ندي حمال جا پائر ۽ ڪي ٻيا ناهيان ٽالپورن جي شروعاتي عهد کان وٺي آخر تائين ميرن جي فوج ۾ فوجي ٿي رهيا. جيڪي انگريزن ۽ ميرن وچ ۾ لڳل مشهور جنگين، ’مياڻي واري جنگ‘ (١٨۴٣-٢-١٧ع) ۽ ’دٻي واري جنگ‘ (١٨۴٣-٣-٢۴ع) ۾ بہ شامل رهيا، مگر تاريخ جي ڪتابن ۾ سندن حوالو ناهي ڏنو ويو.

تعلقي حيدرآباد جي ڳوٺ حاجي درياهہ خان ناهيون ۾ سندس ئي حوالي سان هڪ روايت آهي تہ: پاڻ ٻڌائيندو هو تہ آئون ننڍڙو هئس جو اسان جي ڳوٺ جي ڪن ماڻهن هڪ شام، ڳوٺ ۽ ڪيسانہ موري جي وچ تي واقع قديمي قبرستان بح الدين بکراٽي ۾ هڪ پراڻي کوهہ (جيڪو هاڻي لٽجي غائب ٿي چڪو آهي) ۾ تلوارون، زرهہ، بندوقون ۽ ٻيو جنگي سامان اڇي لڪايو هو ۽ اسان ٻارن توڙي وڏن (عورتن ۽ مردن) کي اها هدايت ڪئي تہ اسين هِن ڳالهہ جو ذڪر ڪنهن سان نہ ڪيون‘. سندس بقول: اهي ماڻهو ميرن جي ساٿي هئڻ جي حيثيت ۾ دٻي يا وري مياڻي واري جنگ ۾ وڙهي ۽ پنهنجا ڪي ساٿي مارائي موٽيا هئا.

اِها ان ڳالهہ جي شاهدي آهي تہ ٽالپورن ۽ انگريزن درميان لڳل جنگ ۾، ٻين قومن سان گڏ ناهين بہ ڀرپور حصو ورتو هو. بعد ۾ انگريزن جي عتاب کان بچڻ لاءِ خاموش رهجي ويا ۽ ميرن سان غداري ڪري، انگريزن کان جاگيرون، عهدا ۽ لقب وٺڻ جي لالچ ۾ سندن سلامي ۽ سُرَ-مِلائو نہ بڻيا. چو تہ تاريخ شاهد آهي: جن قومن انگريزن ۽ ميرن وچ ۾ لڳل جنگين ۾ ٻِچاپڙي وارو نمونو اختيار ڪيو، انهن کي انگريزن نہ صرف جاگيرن سان نوازيو، پر ٻين قومن مٿان مسلط پڻ ڪيو ۽ بعد ۾ اهي ئي نواب، خانبهادر، رئيس، خان صاحب وغيره جي لقبن سان معتبر مڃيا ويا.

ناهين جي ميرن سان وفاداري ۽ ساٿ جو هڪ ٻيو مثال، جنهنڪري سندن پوين جا رشتا سياسي، سماجي توڙي زندگي جي هر ميدان ۾ اڄ تائين نسل درنسل قائم رهندا پيا اچن، اهو هيءُ آهي ته ٽالپرن جي حڪومت وڃڻ کان پوءِ، انگريزن جي دؤر حڪومت ۾، جڏهن انگريز سرڪار مير ڄام (جنهن جي نالي پنيان ٽنڊو ڄام شهر آباد آهي) جي وفات بعد، سندس جاگير تقريبًا چاليهه هزار رپين جي ڍِل نه ڀيارڻ ڪري، هارين ڪي الاٽ ڪرڻ چاهي ته ان وقت مير ڄام جو سؤٽ مير علي اڪبر صغير هئڻ ڪري پنهنجن توڙي پراون کان بي يارو مددگار رهجي ويو. اهڙي ڏکئي وقت ۾ ٻڙ جي ڳوٺ وارو ارباب محمد علي ناهيون ئي هو جيڪو مير ڄام جي گهر لاءِ ان، گاهه ۽ خرچ پکي کان ويندي هارين کان زمين ڇڏائڻ ۽ ڍِل ادا ڪرڻ تائين مير ڄام خاطر، مير خان محمد ۽ ميرعلي اڪبر لاءِ، سينو سپرد ڪندو رهيو.

## هاٽوڪي ڪيسانه موري اصل ناهين جو پڊ هئي

لفظ 'ڪيسانه' دراصل اردو جو لفظ 'ڪسان' يعني هاريءَ جي سنڌي لکت ۽ پڙهت ڪسان آهي. جيڪو پوءِ پنهنجي اصل صورت وڃائي مستقل طور 'ڪسانه' تنهن بعد 'ڪيسانه' بنجي ويو. هاٽوڪي ڪيسانه موري تي اهو نالو 'ڪيسانو مائينر' پنيان پيو، جيڪو انگريزن جي اوائلي دؤر ۾ روهڙي ڪئنال نڪرڻ کان پهرين موجوده هنڌ کان اٽڪل ڏيڍ ڪلوميٽر اوڀر طرف هاٽوڪي نصرپور تاجپور ريلوي اسٽيشن (جا پڻ ڪافي عرصو اڳ شروع ۾ ڪيسانو اسٽيشن سڏبي هئي) پرسان وهندو هو. جنهن تي پڻ اهو نالو انگريزن هتان جي هارين جي بنياد تي سهوليت طور اردؤ مان اڌاري طور وٺي رکيو ويو. ياد رهي ته موجوده ڳوٺ حاجي درياهه خان ناهيون وارن جو ڳوٺ ناهيانهون مان لڏي اچي پهرين رهائش اختيار ڪرڻ وارو پڊ پڻ اهو ئي هو. پوءِ جڏهن ١٩٣١-٣٢ع ۾ روهڙي ڪئنال نڪرڻ ڪري ڪيسانو مائينر ڦٽي ويو، تڏهن ريلوي جي پل ۽ حيدرآباد ميرپورخاص روڊن لاءِ پکي موري ٻڌڻ ڪري هن ساڳين جڳهه ڪي انگريزن طرفان ڪيسانه موري (ڪسانه موري) جو نالو ڏنو ويو. پر دراصل هن جڳهه تي جتي روهڙي ڪيئنال جي ڇيڙي تي مختلف شاخن



لاءِ ريگيوليٽر لڳل آهي، اتي شهداد فقير ڳوٺ ڦٽڻ کان پوءِ ٻئي پڊ طور ڪيترا ئي ناهيان لڏي اچي ڳوٺ آباد ڪري وينا هئا. جيڪو ١٩٣٠ع ۾ ڪئنال نڪرڻ کان پهرين ڦٽي ويو، جن مان ڪي هاٽوڪي ڳوٺ ڪنڊو ناهيون ڏانهن ته ڪي ڳوٺ راول هليا ويا. ڪيسانه موري قائم ٿيڻ جي شروعات ۾ پڻ هتي موجوده پلاٽ ۽ پڊ هتان جي ناهيون ذات جي مختلف ماڻهن جي ملڪيت رهيا جي پوءِ يا ته هنن موجوده ذاتين جهڙوڪ: زرداري، مگسي، سيد ڪي وڪرو ڪري ڏنا يا ڪين ائين تحفي طور ڏنا.

## ناهيون ذات انگريز دؤر کان موجوده تائين

اوڻهين صديءَ جي آخر کان موجوده صدي تائين، پوري سنڌ ۾ ناهيون ذات جا نشان بيحد پڪا ۽ پختا ملن ٿا. جيتوڻيڪ تعليم جو رجحان، ناهيون ذات جي ماڻهن ۾ انگريز دؤر کان ئي آيو، پر تاريخ جي حوالن مطابق: هو ان کان اڳ به ڪافي سٽريل، مهذب ۽ آسودا ٿا نظر اچن. باراني پوکيءَ کان چرخي پوک تائين ۽ چرخي پوکيءَ کان اڄ جي نهري نظام ۽ مشيني طريقه زراعت تائين تقريبًا هر ڪنهن وٽ پنهنجا پنهنجا ٻنيءَ جا ٽڪر هئا ۽ آهن. زراعت سان گڏ مال پالڻ سندن خاص ڌنڌو رهيو آهي.

انگريز دؤر ۾ جڏهن تعليم عام متعارف ڪرائي وئي، تڏهن اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽين جو ڄار شروع ڪيو ويو ته به افسوس سان چوڻو ٿو پوي ناهيون ذات ۾ تعليم، ڪن خاص تائين رهجي ويئي آهي. ناهيون ذات جو ڪافي حصو پڙهيل ته آهي، پر صرف چند آڱرين تي ڳڻڻ وارن کان سواءِ ڪو به يونيورسٽيءَ جو سند يافته ناهي. حالانڪ سنڌ جون موجوده يونيورسٽيون ۽ ڪاليج سندن گهر جي دروازي تي هئا. مردن ۾ تعليم ته جيئن جو تيئن پر عورتن ۾ بلڪل نه هئڻ برابر آهي. سرڪاري توڙي خانگي نوڪرين ۾ پڻ سندن حصو آڱرين تي ڳڻڻ برابر به ناهي. سنڌ ۾ موجود سندن آباديءَ جو جيتوڻيڪ ڪو يقيني ڪاٿو ته معلوم ناهي ٿي سگهيو. پر پوءِ به سندن آبادي چند ڏهاڪن هزارن کان مٿي نه هوندي.

مجموعي طور تي نظر وجهڻ سان ناهيون ذات جيڪڏهن ڪا ناليواري، سياسي يا سماجي هستي ناهي ڏئي سگهي جنهن تي ناز ڪجي، تہ رهزن، ٺڳ ۽ بدنام زمانہ شخصيت بہ ناهي ڏئي سگهي، جنهن تي شرمندگي ٿئي. ان ڪري هيءَ قوم اڄ جي شريف، هيٺين ۽ سادين قومن ۾ ليکي سگهجي ٿي. ان ڪان علاوه هن ذات جا ماڻهو جيتوڻيڪ پاڻ ۾ آپت جا ڪوتا ۽ بيائي رڪندڙ آهن پر ٻي قوم جي جلهہ وقت شريف مان شودا، هيٺن مان حوصلہ مند، سادي مان سچا ۽ آپت جي ڪوتائي جا ويڇا وساري ملي متحد تي ويل نظر آيا آهن، جنهن جا پڻ ڪيترا ئي تاريخي مثال آهن. نہ ڪنهن کي زير ڪيو اٿن ۽ نہ ڪنهن جا زيردست رهيا آهن، بلڪ پنهنجي دائري ۾، پنهنجي هڪ الڳ حيثيت قائم رکي اٿن.

هن دؤر وچ ۾، جيڪي ناميارا ماڻهو پيدا ٿيا، جن تہ ۾ خدا ترسي، سخا، رواداريءَ ۽ مهمان نوازيءَ جي ڪري نالو پيدا ڪيو، تن ۾ حاجي درياءَ خان، حاجي يار محمد، ارباب محمد سومار، وڏيرو گل حسن ۽ ٻيا ڳڻي سگهجن ٿا.



# ناهين جا ڪي ڳوٺ، مشهور شخصيتون ۽ شجرا

ناهيون ذات جا سنڌ ۾ حيدرآباد، بدين، ٺٽي، نواب شاهہ، مٽياري ۽ ٽنڊو الهيار ضلعن ۾ ڪافي ننڍا وڏا ڳوٺ آهن. ڪوشش جي باوجود، گهڻن ڳوٺن جو احوال قلمبند ٿيڻ ۽ هن ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ ڪان رهجي ويو آهي. جن ڳوٺن جو احوال گڏ ڪري سگهيس، اهي هيٺئين ريت آهن.

## ڳوٺ حاجي يار محمد ناهيون

ڳوٺ حاجي يار محمد ناهيون، ديهہ آبڙي، تپو ٽنڊو جام، تعلقہ ۽ ضلع حيدرآباد جو هڪ وسندڙ ڳوٺ آهي. سٺن گهرن تي مشتمل هن ننڍڙي ۽ سهڻي ڳوٺڙي جي آدمشاري تقريبًا، پنجاهہ جي لڳ ڀڳ آهي. منجهس رهندڙ، سڀ هڪ ئي ڏاڏي جو اولاد آهن ۽ هر گهر کي ٿوري گهڻي پنهنجي زرخيز زمين آهي، جنهن ۾ تقريبًا انبن جا سهڻا باغ آهن. ان ڪان علاوه ڳوٺ جا اڪثر ماڻهو، سرڪاري توڙي خانگي ڌنڌن سان پڻ لاڳاپيل آهن. ڳوٺ جي پرسان ئي الهندي طرف ڪان، ٻارهوئي وهندڙ ايشيا جو ڊگهي ۾ ڊگهو روهڙي ڪئنال ۽ ڳوٺ جي چئني پاسن ڪان موجود انبن جا باغ، هن ڳوٺ جي سونهن ۽ سوڀيا جو اهڃاڻ آهن. ڳوٺ ۾ خواندگيءَ جي شرح ٧٠ ڪان ٨٠ سيڪڙو آهي. جن مان ٦٠ سيڪڙو شرح مردن جي ۽ باقي عورتن جي آهي. منجهانئن اڪثر يونيورسٽيءَ جا سنديافتہ آهن. ڳوٺ جا ماڻهو، شروع ڪان ئي آسودا، پيري فقيريءَ جا پوئلڳ، خداترس، ديانتدار ۽ راجوٽا آهن. وقت ۽ حالتن پٽاندر، سندن مذهب ڏانهن رجحان ۽ عقيدت اپتري هئي جو سندن اوطاقن تي هميشہ خير خيرات، راڳ رنگ، ٺڙ بيتن ۽ مولودن جون محفلون قائم رهنديون هيون. جيتوڻيڪ اڄ اهي شيون حالتن مطابق منجهانئن ڪافي

گهڻتجي ويون آهن، پر پوءِ بہ اڄ تائين جاري ۽ ساري آهن. گل حسن عرف ڪالو ان ڏس ۾ پنهنجي وقت جو تر ۾ هڪ سنو مولودي رهيو آهي.

موجوده ڳوٺ، حيدرآباد ضلعي ۾ ڪنهن زماني ۾ موجود ناهين جو هڪ وڏو ڳوٺ "شهدادپور فقير وارو ڳوٺ" ڦٽڻ ڪان پوءِ چوٿين اڏاوت آهي. جيڪا ١٩٤٧ع ڌاري ڳوٺ جي چڱي مڙس حاجي يار محمد (وفات ١٩٥٥ع) جي قائم ڪرڻ ڪري، سندس نالي پويان اڄ تائين سڏجي پيو.

حاجي يار محمد پنهنجي حيثيت سارو نهايت سخي ۽ مهمان نواز رهيو آهي. انصاف ۽ مختلف راڄن وچ ۾ صلح جوئي ڪرائڻ ۾، سندس ڪيترا ئي واقعا تاريخي حيثيت رکن ٿا.

ڪانئس علاوه، سندس ٻيا پائر بہ تر ۾ سخاوت ۽ ديانت، عقيدت ۽ احترام، انصاف ۽ صاف گوئيءَ ۾ انتهائي ناليرا مڙس رهيا آهن پر انهن مڙني ۾ وري محمد حيات سپني ڪان سرس رهيو. جنهن لاءِ مشهور آهي تہ هر ايندي ويندي مسافر ڪي سڏي ماني کارائيندو هو. اهو ئي سندس مهمان نوازيءَ جو نتيجو هو جو جڏهن بہ سفر لاءِ اسهندو هو تہ پاڻ سان گڏ هلڻ وارن ڪي تاڪيد ڪندو هو: "ڪو بہ پاڻ سان ماني نہ ڪڻي!" جو تہ سندس راهي پوڪي ۽ جاڻ سڃاڻ، سنڌ ۾ پري پري تائين هوندي هئي ۽ هر ڪو ڪيس اڪين ۾ جاءِ ڏيندو هو.

هن ڳوٺ ۾ سرڪار طرفان ٻن ڪمرن تي مشتمل مسجد پرائمري اسڪول، بجلي ۽ پڪي رستي جون سهولتون ميسر آهن.

**مختصر شجرو ڳوٺ ماڪن ڪان ڳوٺ حاجي يار محمد تائين:**

لؤنگ (اول) جو پٽ: حيات (اول) جنهن جا ٽي پٽ: محمد صديق، ڪبڙ (سوالي) ۽ ڪريمڏنو.

ڪبڙ (سوالي) جا چار پٽ: ڦوٽو، حيات (ٻيو)، حاجي يار محمد (موجوده ڳوٺ ٻڌرائڻ وارو- وفات ١١ ڊسمبر ١٩٥٥ع بمطابق ١٦ ربيع الثا ني ١٣٧٥ھ) ۽ لؤنگ (ٻيو).

ڪريمڏنو ڪي هڪ ڌيءُ زوجہ علي (ٻيو) جنهن مان پٽ: ستارڏنو، صديق، ماڪن، ڪريمڏنو ۽ ڌيءُ زوجہ عبدالرحيم. محمد صديق ڪي بہ ڌيئرون: هڪ زوجہ صحب ۽ ٻي زوجہ علي (اول). زوجہ صحب مان هڪ ڌيءُ زوجہ حيات ۽



هڪ پٽ الله ڏنو. زوجہ علي (اول) مان بہ ڌيئرون هڪ زوجہ واحدڏنو ۽ ٻي زوجہ ڦوٽو.

ڦوٽو جو هڪ پٽ ڄام (بي اولاد-وفات ٢٨ رجب ١٣٦٠ھ) ۽ ٻيو پٽ احمد علي (خاندان جو پهريون پڙهيل فرد- وفات١٩ جنوري١٩٩٠ع). احمد علي جا پٽ: حاجي حسن علي ۽ رجب علي.

حاجي حسن علي جا پٽ: منير احمد، ارشد علي ۽ سهيل احمد. رجب علي جا پٽ: ناصر علي ۽ ياسر علي.

حيات (ٻيو) جا بہ پٽ: هڪ گل محمد (گلو، بي اولاد رهيو) ۽ ٻيو گل حسن (ڪالو- وفات ۴ اپريل ١٩٩۴ع) جنهن جا ٽي پٽ: محمد حيات (ٽيون)، محمد سليم ۽ گل محمد (گلو ٻيو). حاجي يار محمد جا ٽي پٽ: محمد اسماعيل (آچو، بي اولاد وفات ڪري ويو)، گل محمد (گلڻ- وفات اربع ١٧سيپٽمبر ٢٠٠٣ع بمطابق ١٩ رجب ١۴٢۴ھ) ۽ خدا بخش.

گل محمد (گلڻ) جا ٽي پٽ: يار محمد (ٻيو)، غلام مصطفيٰ (ليڪڪ) ۽ غلام دستگير.

يار محمد (ٻيو) جا بہ پٽ: سجاد حسين ۽ وقار حسين. غلام مصطفيٰ جا بہ پٽ: ابوبڪر ۽ علي. غلام دستگير جا ٽي پٽ: محمد ڪيف، سيف الله ۽ سميع الله.

خدابخش (وفات ٢٣ نومبر٢٠١٠ع) جا پٽ: محب علي، قمبر علي، پپن علي ۽ محمد فياض. لؤنگ (ٻيو-وفات ٩ شوال ١٣٥٨ھ) جا ٽي پٽ: ڪبڙ (ٻيو- وفات آگسٽ ١٩٨٧ع)، آگيڏنو ۽ سليمان (بي اولاد وفات ڪري ويو).

ڪبڙ (ٻيو) جا پٽ: رسول بخش، نواز علي (وفات ٢٨ فيبروري ٢٠٠٣ع)، نظر علي ۽ وحيد علي. آگيڏنو جا پٽ: لؤنگ (ميجر)، ايوب، عبدالرزاق، سليمان ۽ سڪندر.

الله ڏنو پٽ صحب، ڦوٽو جي ڌيءُ سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس بہ پٽ ڄاوا: ڏٽي بخش ۽ صحب (ٻيو). الله ڏنو بعد ۾ جنن وارو ڳوٺ ڦٽڻ ڪان پوءِ ڳوٺ خانپور ڏانهن لڏي ويو.

## ڳوٺ حاجي درياءَ خان ناهيون

ديھ ڪنر، تپو حسين خان نوڙهو، تعلقو ۽ ضلع حيدرآباد جو هي سهٽو ۽ وسندڙ ڳوٺ، ڪيسانہ موري ڪان ڏکڻ طرف تقريبًا ٽن ميلن جي مفاصلي تي

واقع آهي. ضلع حيدرآباد يا سنڌ اندر جتي شاندار ڳوٺن جو نالو ايندو، اتي ڳوٺ حاجي درياءَ خان ناهيون بہ سر فهرست رهندو. اولهہ ۽ ڏکڻ طرف ڪلنڊڙ بن شاهي دروازن سان گڏ ڳوٺ جي چوڌاري مٽيءَ جو اوچو ڪوٽ ۽ ڇٽي ڪندن تي مورچا، هن ڳوٺ جي سونهن ۽ سندرتا جو اهڃاڻ آهن. اهڙيءَ طرح هي ڳوٺ ميرن يا مغلن جي ناهرايل ڪنهن قلعي جي ڏيک ڪان ڪنهن بہ طرف گهٽ ناهي. ڪوٽ ٻاهران، ڳوٺ جي مهڙ ۾، اولهہ طرف ڳوٺ واسين جي سهوليت، روزگار ۽ تفريح لاءِ سيڌي جا دڪان، هوٽلون، اسڪول ۽ ميدان وغيره آهن، جن جا مالڪ پڻ هتان جا گهٽ آمدنيءَ وارا ناهيان ئي آهن. ڳوٺ جو اولهہ وارو دروازو، اوطاقن، بيٺڪن، بنگلن ۽ مسجد مدرسي ڏانهن اچڻ وڃڻ وارن لاءِ آهي. جڏهن تہ ڏکڻ طرف ڪلنڊڙ دروازو، ڳوٺ جي خاص توڙي عام ماڻهن جي اچ وڃ لاءِ آهن.

اٽڪل ٦٠ گهرن ۽ ٢٥٠ ماڻهن جي آدمشماريءَ تي مشتمل هن ڳوٺ جون پري ڪان ڪلنڊڙ ماڙيون ۽ اوچي ڪوٽ مٿان هيبتناڪ مورچا، ڳوٺ جو بنياد رکندڙ حاجي درياءَ خان جو ايندڙ جُڳن تائين زنده هجڻ جو عڪس پسائين ٿا. ڳوٺ ۾ خواندگيءَ جي شرح ٥٠ سيڪڙو ٿيندي، جن ۾ عورتن جي ١٥ سيڪڙو ۽ باقي مردن جي ڇئي سگهجي ٿي. ڳوٺ ۾ يونيورسٽيءَ جا سنديافتہ ١٥ ڪن ٿيندا. ڳوٺ جي ڪافي ماڻهن کي زرخيز زمين جا پنهنجا ٽورا گهٽا ٽڪرا آهن. ماڻهن جو ڌنڌو زمينداري، کيتي ٻاڙي وڻج واپار، محنت مزدوري ۽ سرڪاري يا خانگي نوڪري آهي. سندن عورتون پڻ هٽ جون سڄيون ۽ پورهيت آهن.

هن ڳوٺ کي، سرڪار طرفان ڪيسانہ موري ڪان وٺي ڳوٺ تائين، پڪو رستو، بجلي، ڊسپينسري، ٽيليفون، چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ جدا جدا پرائمري اسڪول، هڪ مڊل اسڪول ۽ گندي پاڻيءَ جي نڪاسيءَ جون سهولتون دستياب آهن. ان ڪان علاوه حاجي درياءَ خان جي وڏي پٽ حاجي يار محمد طرفان قائم ڪيل هڪ ديني مدرسو پڻ ڳوٺ ۽ ٻاهر جي شاگردن کي ديني تعليم سان آراستہ ڪرڻ ۾ مشغول آهي.

ڳوٺ جا ماڻهو سادا، سٻاجها، شريف، راڄوٽا ۽ محبتي آهن. هتي ١٩٩٣ع ڪان وٺي، ڳوٺ جي نوجوانن جي ڪوشش سان هڪ سماجي تنظيم "الناهيان فلاحي تنظيم" پڻ ڳوٺ جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.



هن ڳوٺ ۾ حاجي درياءَ خان سخاوت، ديانت، امانت، انصاف، غريب پروري، راڄنيتي ۽ قومي جذبي ڪري ۽ حاجي يار محمد علم، ادب ۽ سليقت سبب تہ محمد جمن وري مڙسيلو، هڏ ڏوکي ۽ ذات پروري ڪري اڄ بہ هتان جي رهاڪن جي دلين ۾ زنده آهن.

حاجي درياءَ خان (وفات ٢٦ جنوري ١٩٥٦ع) لاءِ مشهور آهي تہ پاڻ نهايت ئي غريب هو ۽ انن جو لاڏي هو. حيدرآباد ۾ ٽنڊي نوڙي پرسان ڦليليءَ روڊ تي، ڦليلي واهہ جي ساڄي پاسي، ان وقت ڪنهن هندو سيٺ جو ڪپهہ جو ڪارخانو هو، جنهن ۾ پاڻ پنهنجن ٻين ساٿين سان گڏ ڦٽيون پهچائيندو هو. هڪ ڀيري سخت سيءَ ۽ بارش واري رات، ڪين ڪارخاني ٻاهران دروازي تي ان ڪري گذارڻي پئي جو هو رات گهڻي دير سان پهتا هئا. ان وقت، موسم جي سختيءَ سبب، سندس دل مان بي اختيار اهي لفظ نڪري ويا تہ: "جيڪر هيءُ ڪارخانو خدا ڪيس ڏياري تہ هوند هر ڪنهن لاءِ هر وقت دروازا کولي ڇڏي." سندس ساٿين اها ڳالهہ ٻڌي، مٿس ڏاڍيون ٺٺوليون ڪيون ۽ بيحد ماريو تہ "چا جت ؟! ۽ چا خواهشون؟!" پر سندس هڪڙو جواب هو تہ "خدا وريو تہ ويرم ناهي. هن وٺ ههڙن ڪارخانن جي ڪا بہ ڪمي ناهي" ۽ پوءِ اهو ئي ٿيو جو پاڻ گهريائين. حاجي درياءَ خان انن جي لاڏي مان، چند سالن اندر ڪنهن ٻهاني سان، انهيءَ ساڳئي ڪارخاني جو سيٺ ۽ حيدرآباد ضلع جي ٽن تعلقن ۾ چار هزار ايڪڙ زمين جو مالڪ بنجي ويو. ان ڪان علاوه حيدرآباد جي موجوده شاليمار سينيما بہ ڪو وقت سندس مالڪيءَ ۾ رهي. اهو ڪاخارنو ١٩٥٣ع ڪان ١٩٦٣ع تائين، حاجي درياءَ خان ڪاٽن فيڪٽري جي نالي سان مشهور رهيو. جيڪو پوءِ وقت جي واچوڙن ۾ سندس پوين پڳڙن مٿ تي ڏئي ڇڏيو ۽ سندس نالو اڄ صرف هن صفحي تائين محدود ڪري ڇڏيو. باقي رهي زمين، سا بہ ڪنهن وقت ڪان آهستي آهستي، ٽڪري بہ ٽڪري، پئي مالڪ بدلائي.

اها بہ هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ حاجي درياءَ خان جڏهن کک پتي مان لک پتي بنجي ويو تہ بہ نہ اصليت ڇڏيائين ۽ نہ سخاوت. ڪراچي ڪاٽن ايڪسچينج ۾ سندس ڪاروباري شراڪت ايتري تہ مضبوط هئي جو سندس وفات تي ايڪسچينج جو ڪاروبار بند ڪري هڪ ڏينهن لاءِ موڪل جو

اعلان ڪيو ويو. ديني توڙي دنياوي حيثيت ۾ هن شخص ايڏو ته نالو ڪمايو جو ائين ڪٿي چئجي ته هو ”ناهيون“ ذات جي سجاڻپ جو اهڃاڻ هو/ آهي ته ڪنهن به طرح وڌاءُ نه ٿيندو.

هن ڳوٺ جي ناهين کي ”ڪنر وار ناهيان“ يا ”ڪونري ناهيان“ پڻ ڪوٺيو ويندو آهي. چو ته اڳاٽي زماني ۾ جڏهن نصرپور کان وهندڙ درياءُ هتان به گذرندي اڳتي هيٺ ويندو هو. ان وقت هن جڳهه تي، جتي اڄ هي ڳوٺ آباد آهي، درياءُ موڙ کائيندو ۽ ڪُن ڪندو هو. جنهن ڪري ان جڳهه کي ’ڪُنُ وارو‘ يا ’ڪُن واري‘ ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. درياءَ جي پراڻ اڄ به موجود آهي، جنهن کي هن علائقي ۾ ’گنگا ڍنڍ‘ ڪري سڏجي ٿو.

هن جڳهه تي آباد ٿيڻ کان اڳ (انگريز دؤر کان گهڻو پهرين) هن ڳوٺ جا اصلوڪا رهاڪو (حاجي درياءَ خان جا وڏا) شهداد فقير وارو ڳوٺ ڦٽڻ کان پوءِ، هتان کان چار ڪلو ميٽر اتر اوبر طرف واقع تاجپور نصرپور ريلوي اسٽيشن جي پرپاسي اچي آباد ٿيا.

هن ڳوٺ ۾ آباد ڪجهه گهر ضلع بدين جي شهر ڏندي کان آيل آهن. جيڪي ڏنڊي جي لحاظ کان ڪنياٽي آهن ۽ ڪافي عرصو اڳ اجرڪون رڱڻ جو ڪم ڪندا هئا، ۽ مڪان شريف وارن پيرن جا مريد آهن. جڏهن ته ڪجهه ٽنڊوالهيار تعلقي جي ديهه ناهڪي ۾ ماريچي ۾ واقع ڳوٺن جي ڦٽڻ کان پوءِ اچي هتي آباد ٿيل آهن ۽ درگاهه گاجيلو شريف (بڪيرا) جا مريد آهن.

## ڳوٺ خانپور

روهڙي ڪئنال جي اختتامي حدن جي ساڄي ڪوپ ۾ ديهه تاجپور، تپو شاهپور، تعلقه ۽ ضلع مٽياري ۾ هتان جي لغاري نوابن جي ٻڌايل هڪ وسندڙ واهڻ جو نالو خانپور آهي. جنهن ۾ ٻين گهڻين ذاتين جهڙوڪ: شيدي، ڪوري، ماڇي، لغاري، سيد، واڍيا وغيره سان گڏ تقريبًا ٽيهن گهرن تي مشتمل ڏکڻ کان ڳوٺ جي منڍ ۾ ناهين جو جدا هڪ پاڙو آهي. خانپور جا ناهيان پڻ شهداد فقير واري وسندڙ واهڻ ڦٽڻ کان پوءِ، وقت ۽ حالتن پٽاندر مختلف پڊ وسائڻ/ ڦٽائڻ بعد موجوده وقت هتي آباد ٿيل سمجهڻ



گهرجن. ناهين جي هن پاڙي جي آبادي تقريبًا ٢٥٠ جي لڳ ڀڳ آهي، جن ۾ خواندگيءَ جي شرح ٦٠ سيڪڙو کن ٿيندي. منجهن عورتن ۽ مردن جو ڳاڻيٽو به تقريبًا برابر ٿيندو. مردن جو تقريبًا اڌ حصو ڪيتي ٻاڙي ۽ اڌ حصو خانگي توڙي سرڪاري نوڪرين سان لاڳاپيل آهي. ماڻهو معاشي طرح مڇي مانيءَ وارا ۽ راڄوٽي طرح مڙسيلا آهن. جيتوڻيڪ وٽن تعليم پرائڻ لاءِ انگريزن جي دؤر کان وٺي تعلقي درسگاهه موجود هئي، پوءِ به تعليمي لحاظ کان مردن توڙي عورتن ۾، ڪا خاطر خواهه ترقي نه ڪري سگهيا آهن.

هن ڳوٺ جي ناليرن مڙسن ۾ محمد بچل طاقت ۽ زور آزمائي ته محمد رحيم ۽ حاجي اسحاق سخاوت ۽ ديانت ڪري، اڄ به هر عام ۽ خاص جي دلين ۾ زنده آهن.

حاجي اسحاق (اول) لاءِ مشهور آهي ته هو جڏهن حج تي وڃڻ جي تياري واسطي ڳوٺ ۾ موجود ساداتن (بچل شاهه ۽ ٻيا) وٽ موڪلائڻ لاءِ سندن حويليءَ ويو ته هنن ساڻس پيئڻ جي پاڻي نه هئڻ جي تڪليف بابت شڪايت ڪئي. پاڻ هڪدم گهر آيو ۽ حج جو ارادو ترڪ ڪري، انهن پئسن مان ساداتن کي کوهه کوٽرائي ڏنائين. پوءِ ڪجهه سالن اندرئي انهن ساداتن جي دعائن سان پاڻ ته حج ڪيائين پر دعا مطابق سندس خاندان جي هر پيڙهي مان ڪو نه ڪو حج ڪندو رهي ٿو. روايت آهي ته اهو سلسلو ستن پيڙهين تائين جاري رهندو.

محمد رحيم لاءِ مشهور آهي ته پاڻ ٻين سان گڏ ڪِرائي تي بيل گاڏي وهائيندو هو. جڏهن به ٻڌئين ته سندس ساٿين مان ڪنهن پوليس يا ڪنهن ٻئي طريقي هيتري چٽي ڀري آهي ته پاڻ وري پنهنجي محدود آمدنيءَ مان انهيءَ وقت اوتري رقم جي خيرات ڪري ڇڏيندو هو. اهڙيءَ طرح پاڻ ڪڏهن به ڪا چٽي ڪا نه ڀريائين.

محمد بچل، پهلواني ۽ زور آزمائي کان مشهور ۽ معروف هو. پاڻ قداور، ڊولائتو، سانورو ۽ ٻُت ۾ پانو ڇيو وڃي ٿو. سندس پهلوانيءَ جي گهڻن قصن مان هڪ هيءُ به مشهور آهي ته ؛ هڪ ڀيري ڪا ٻبر يا نم جي وڻ جي ڪاني، ٻنيءَ تان ڪٽي کين (پاڻ ۽ سندس ڀائر) ڳوٺ پڄائڻي هئي. ڪاني به ڪافي ڳري هئي. ڀائرن جو خيال هو ته ’اُٺ، ڪاني ڪٽي ويندو‘ ۽ هن جو چوڻ هو

تہ ’اُٺ، ڪاني ڪٽي نہ سگھندو‘. پاڻ بحث ان ڳالھ تي ٿوڙيائين تہ ’اُٺ کي ويهاريو وڃي ۽ آئون سندس پٺيءَ تي پنهنجي هٿ جي ترِيءَ جو زور ڏئي بيهان ٿو، جي اٺ اٿي ويو تہ ڪاني بہ ڪٽي ويندو نہ تہ ڪاني ڪٽي نہ سگھندو‘. آخر ائين ئي ڪيو ويو. نتيجي ۾ اٺ اٿي نہ سگھيو. پوءِ پڪ ڪرڻ خاطر ڪاني بہ رکي وئي تہ واقعي اٺ اٿي نہ سگھيو.

هن ڳوٺ ۾ سرڪاري طرح هڪ پرائمري اسڪول، پڪو رستو، بجلي، گندي پاڻيءَ جي نڪاسيءَ جون ناليون ۽ فيملي پلاننگ ايسوسيئيشن طرفان هڪ عدد ڊسپينسري جون سهولتون موجود آهن.

**مختصر شجرو:**

هن ڳوٺ ۾ ڪيترا ئي پاڙا يا گهراڻا آهن. جن مان مشهور هي آهن: هڪ ’عالي‘ جيڪي شهداد فقير واري واهڻ ڦٽڻ کان پوءِ ڳوٺ ماڪن کان سڌو سئون آيل آهن ۽ ڳوٺ حاجي يار محمد ۾ ذڪر ڪيل ڪريمڏني جي ڌيءُ زوجہ علي (ٻيو) مان آهن.

ان علي جي پٽ ستار ڏني جا پٽ: نفيس احمد، نثار احمد، منظور احمد، آفتاب احمد، مجاهد علي ۽ ممتاز علي. ماڪن جو پٽ: محمد شريف. ڪريمڏنو بي اولاد وفات ڪري ويو. محمد صديق جا پٽ: نزاڪت حسين، صداقت حسين ۽ سلامت حسين.

ڳوٺ حاجي يار محمد کان آيل الله ڏني جي پٽ ڏٽي بخش جا پٽ: غلام قادر (وفات ٨ مارچ٢٠١٠ع) ، غلام محمد، غلام حيدر، غلام رسول، احمد خان ۽ دوست علي. غلام قادر جو پٽ: عبدالقادر. غلام محمد جا پٽ: اخلاق احمد، اشفاق احمد، جنيد احمد ۽ جمشيد احمد.

هن ڳوٺ جو ٻيو مشهور پاڙو ”هوتاڻي“ آهي، جيڪو هوت ۽ انجي اولاد کي سڏجي ٿو.

محمد بچل (اول) جو پٽ: هوت. هوت جا پٽ: بچل (ٻيو)، محمد، همير (اول)، عبدالرحيم ۽ محمد حسين. بچل (ٻيو) جو پٽ: محمد رحيم ۽ انجو پٽ ربڏنو (بچندو). عبدالرحيم جا پٽ: محمد نواز (جيڪو غير شادي شده وفات ڪري ويو) ۽ ارباب. ارباب جا پٽ: امام ڏنو، محمد نواز، هشمت علي، زوهيب ۽ ماجد.



محمد حسين جو پٽ: همير (ٻيو) ۽ انجو پٽ: افضل. هوتاڻي پاڙي ۾ ئي قائم جا پٽ: بيگ ۽ اوڀايو (اول). اوڀايو جا پٽ: بخش علي، قائم، موليڏنو ۽ خان محمد. بخش علي جا پٽ: اوڀايو (ٻيو) ۽ گل بيگ.

هن ڳوٺ جو ٽيون مشهور پاڙو ’حاجاڻي‘ جنهن جو سربراه محمد عثمان (اول) جنهن جا پٽ: حاجي محبوب (وفات ١٣٦٣ھ)، پانڌي (وفات ١٩٥١ع)، حاجي اسحاق (اول) ۽ عارب. حاجي محبوب جو پٽ: امان الله. پانڌي جو پٽ: ڪاڪو ۽ ڪاڪو جو پٽ: وڪيو.

حاجي اسحاق (وفات ١٣٤٣ھ) جا پٽ: حاجي عثمان (ٻيو) ۽ محمود. حاجي عثمان جا پٽ: محمد اسحاق (ٻيو)، روشن علي، انور علي، نظام الدين، محمد ايوب ۽ عبدالرزاق.

محمود (اول) جو پٽ محمد هاشم، جنهن جا پٽ: محمود علي (ٻيو)، بنده علي، ذوالفقار علي، امداد علي ۽ سينگار علي.

عارب جا پٽ: رحمت الله ۽ لکا ڏنو. رحمت الله جا پٽ: حبيب الله ۽ صدر الدين. لکا ڏني جو پٽ: مولا داد.

هن ڳوٺ جو چوٿون مشهور پاڙو ’عالياڻي‘ جيڪو سومار جي پٽ عالي (اول) پويان سڏيو ٿو وڃي.

ان سومار جا ٽي پٽ: خانڻ، مگيو ۽ عالي (اول). خانڻ جا پٽ: جڙيو، نبو ۽ حاجي عالي (ٻيو). مگيو جا پٽ: الله ڏنو، اوڀايو ۽ سومار. عالي (اول) جا پٽ: يار محمد، خانڻ (ٻيو)، حاجي حسن، محمد رحيم، محمد جمن ۽ عدلو.

يار محمد جا پٽ: بشير، وزير، نذير ۽ رشيد. خانڻ (ٻيو) جا پٽ: علي احمد ۽ حاجن.

محمد رحيم جا پٽ: اختر (حيدرو)، خادم ۽ زاهد. محمد جمن جو پٽ: سڪندر.

عدلو جا پٽ: شاهنواز ۽ عالي. سومار جو پٽ: نٿو. نٿو جو پٽ: منظور. اوڀايو جا پٽ: دادو ۽ محسن. دادي جو پٽ: محمد صالح. محسن جا پٽ: عزيز الله ۽ عبيدالله.

الله ڏنو جا پٽ: غلام حسين، لياقت علي ۽ اختيار علي.

ان کان علاوه جيڪي ٻيا گهراڻا ڪنهن نہ ڪنهن طرح هڪٻئي سان جڙيل آهن، انهن ۾ عبدالحڪيم (وفات ١٣٩٥ھ) جا پٽ: مراد علي، گل محمد (بلو) ۽ محمد علي. محمد علي جا پٽ: خالد ۽ عابد.

حافظ جا پٽ: منو، مبين، نورو ۽ سائين ڏنو. منوَ جو پٽ: يوسف.
نوروَ جو پٽ: احمد ۽ احمد جا پٽ: قادر بخش، ڪارو ۽ مجروح.

## ڳوٺ ڪندو ناهيون

موجوده وقت پنجن گهرن تي مشتمل هي ننڍڙو ڳوٺ ديھ آبڙي، تپو ٽنڊوڄام، تعلقہ ۽ ضلع حيدرآباد ۾ تقريبًا ۴۰ ماڻهن جي آدمشماري تي مشتمل آهي. ڪيسانہ موري جي لڳ ڀڳ وارو ٻين ڳوٺن جيان هي ڳوٺ بہ ناهين جي قديم ڳوٺ شهداد فقير وارو ڳوٺ ڦٽڻ ڪان پوءِ، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، مختلف پڊ ۽ پڙيون بدلائيندو، ڳوٺ جي چڱي مڙد ڪندو ناهيون جي نالي پويان اڄ بہ قائم ۽ دائم آهي. ڳوٺ ۾ خواندگي جي شرح ۱۰ سيڪڙو ڪن ٿيندي. جن مان يونيورسٽيءَ جو سنديافتہ ڪو بہ ناهي. ڳوٺ جي ڪن ماڻهن ڪي پنهنجي زمين جا ٽڪرا آهن ۽ باقي خانگي طرح محنت مزدوري ڪري روزگار ڪمائين ٿا. ڳوٺ لاءِ سرڪار طرفان ۱۹۹۲ع کان بجلي، پڪي رستي ۽ اسڪول جي سهوليت دستياب آهي.

هن ڳوٺ ۾ "ڪندو" ۽ "طاهر فقير" پير پرستي، چڱمڙسي ۽ راڄ پرستي ڪري چڱا ناليارا مڙس ٿي گذريا آهن.

طاهر فقير لاءِ مشهور آهي تہ سندس شاھ الياس (جيئي شاھ) سان نهايت عقيدت هوندي هئي. پاڻ ۾ ٻہ ڀائر هوندا هئا. جن ۾ هيءُ ابوجھ، سادو ۽ غريب هوندو هو. عيد براد ۽ خوشيءَ وارن ڏهاڙن تي جڏهن سندس ڀاءُ (وهيون فقير) جي گهر ۾ چڱو چوکو رڌبو ۽ ڪائبو هو، پر سندس ٻارڙا ٻکيا سمهندا هئا تہ پنهنجي حال تي جوءِ جا ڪافي طعنا ٻڌڻا پوندا هئس. تڏهن پاڻ صبح ساجهر اچي، جيئي شاھ بادشاھ جي حضور ۾ پيش پوندو هو ۽ مقبري اندر پنهنجي ڀاءُ ۽ زال جي وڏي سڏ اهڙيءَ طرح تہ شڪايت ڪندو هو، ڄڻ ڪنهن سان روبرو دانهين ٿيندو هجي. آخر ۾ شاھ صاحب ڪان تازي پلي، اٽي ۽ پنجن روپين جي ڪڙڪ نوٽ جي ڳُهر ڪري ٻاهر نڪرندو هو. روايت آهي تہ جڏهن چاپو پير (جيئي شاھ جو مامو، جنهن جي درگاھ جيئي شاھ کان ڪجھ دور ٻاهر آهي) جي آسپاس ايندو هو تہ واٽ تي اٽي جي هڪ ڳنڙي، ان هيٺان پنجن روپين جو ڪڙڪ نوٽ ۽ مٿان پلي جي مند هئڻ يا نہ هئڻ



باوجود بہ تازو پلو پيل ملندو هئس. پوءِ گهر اچي زال کي وڏي فخر وچان چوندو هو: "ڏس هيءُ مون کي جيئي شاھ ڏنو آهي. چئہ پنهنجي ڏير کي تہ آٽي ڏي ههڙو پلو، ههڙو نوٽ ۽ اٽو."

**مختصر شجرو:**

ٻہ ڀائر طاهر فقير ۽ وهيون فقير. طاهر فقير جا ٽي پٽ: عبدالله (اول) ڪامل ۽ محمد (اول). وهيون فقير جا پٽ: پرتو، لاڪو ۽ والي ڏنو. پرتو جو پٽ: وڪيو (الله ڏنو).
عبدالله (اول) جا پٽ: عمر (متوفي ۱۴۰۵ھ)، محمد (ٻيو)، عثمان ۽ الله ڏنو.
محمد (ٻيو) جا پٽ: عبدالله (ٻيو)، درياء خان، عبدالرشيد محمد عثمان ۽ موليڏنو.
هن ئي ڳوٺ ۾ ٻيو گهراڻو 'مريد' جو، جنهن جا پٽ: ٻچايو ۽ ڪندو (جنهن جي پويان ڳوٺ جو نالو آهي) ٻچايو جا پٽ: دودو ۽ هارون.
ڪندو کي هڪ پٽ: دوست محمد ۽ هڪ ڌيءُ زوجہ مکڻ. مکڻ، لاڙ کان آيل آهي، جنهن کي هڪ پٽ: مير ۽ هڪ ڌيءُ زوجہ عمر (پٽ عبدالله). مير جو پٽ: گل.
دوست محمد جا پٽ: محمد حسن، شير احمد، علي نواز ۽ نور احمد.
هن ڳوٺ جو ٽيون گهراڻو عمر جو، جيڪو لاڙ جي علائقي ڪونج کان اچي آباد ٿيل آهي، تنهن جا پٽ: حاصل، ڪمون ۽ حاجي. حاصل ۽ حاجي غير شادي شده وفات ڪري ويا ۽ ڪمون جا پٽ: هارون، عمر، رجب ۽ ٻہ ٻيا جي ڳوٺ ڪندو کان ٿورو پريور پنهنجي ٻني ۾ آباد آهن.

## ڳوٺ سڄڻ ناهيون

ديھ راڄپري، تپو ٽنڊو قيصر، تعلقہ ۽ ضلع حيدرآباد جو هي ننڍڙو ڳوٺ، ٽنڊوڄام کان ڏکڻ اولھ طرف تقريبًا ٻن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي، ٽنڊو قيصر جي لنڪ روڊ تي، تقريبًا ۱۵ گهرن ۽ سوا سؤ ماڻهن جي آدمشاريءَ تي مشتمل آهي. ديھ راڄپري ۾ واقع هجڻ ڪري، هن ڳوٺ جا ناهيان عام طرح سان 'راڄپري ناهيان' پڻ سڏجڻ ۾ اچن ٿا. ناهين جو قديم ڳوٺ، شهداد فقير وارو ڳوٺ، ڦٽڻ ڪانپوءِ ٻيو تاريخي ڳوٺ "دڙي وارو ڳوٺ" آباد ٿيڻ ۽ ڦٽڻ

كان پوءِ ئي، هي ڳوٺ محمد سڄڻ ناهيون جي سربراهي هيٺ آباد ٿيل آهي. ڳوٺ ۾ خواندگي شرح ٣٠ سيڪڙو ٿيندي. جن مان عورتن جي شرح نهايت گهٽ آهي. ڳوٺ سرڪاري نقشي ۾ پڻ آيل آهي. ڪافي ماڻهن جو ڏنڌو ٻني ٻارو ۽ محنت مزدوري آهي. ڪجهه ماڻهو سرڪاري توڙي خانگي نوڪرين سان پڻ لاڳاپيل آهن. ڳوٺ جا ماڻهو راجوٽا، شريف، محنتي، مڙسيلا ۽ مڇي ماني وارا آهن.

هي ڳوٺ سرڪار طرفان اڄ جي سائنس ۽ ٽيڪنالوجي واري دؤر ۾ به هر طرح جي بنيادي سهولت کان اڃا وانجهيل آهي.

هن ڳوٺ جو چڱو مڙس محمد سڄڻ، عدل، انصاف، سخاوت راڄنيتي ۽ پير پرستي ۾ سنو ناليوارو مڙس ٿي گذريو آهي.

## ڳوٺ محمد ابراهيم ناهيون

هي ڳوٺ ديهه گجو آمري ۾ تعلقي سجاول ۽ ضلع ٺٽي ۾ واقع آهي. ڏهن گهرن تي مشتمل هن ڳوٺ جي آبادي لڳ ڀڳ ٨٠ کن آهي. هن ڳوٺ جا ناهيان اصل جهونا ڳڙهه ڪڇ کان پوءِ ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ ناهيانهون ۽ ان بعد تعلقي حيدرآباد جي ديهه هوتڪي جا رهواسي آهن. پاڻ "هوتي ناهيون" جو اولاد هجڻ ڪري اڄ به گهڻو ڪري "هوتي ناهيان" سڏبا آهن. پيري مرشديءَ جي لحاظ کان پاڻ اصل ۾ بکيرا شريف تعلقي ٽنڊوالهيار جا مريد آهن. هن ڳوٺ جا ماڻهو معاشي طرح خوشحال، مڇي مانيءَ وارا، سڀاجها، سادا ۽ مهمان نواز آهن. تعليم جي لحاظ کان، هيءُ ڳوٺ به لاڙ جي ٻين گهڻن ڳوٺن جيان پنتي پيل آهي. جنهن ۾ عورتن جي تعليم بلڪل نه هئڻ برابر ۽ مردن جي شرح خوانگي ٢٥ سيڪڙو مس آهي. حڪومت طرفان ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول جي پڪي عمارت سان گڏ بجلي جي سهوليت پڻ دستياب آهي.

محمد ابراهيم، جنهن جي نالي پويان هي ڳوٺ آهي، نهايت ناليوارو مڙس ٿي گذريو آهي.



## ڳوٺ راول ناهيون

ديهه آٻڙي، تپو ٽنڊوڄام، تعلقہ ۽ ضلع حيدرآباد ۽ هاٽوڪي ڪيسانہ موريءَ کان ڏکڻ اولهه طرف ڳوٺ راول ناهيون، اٽڪل سٺن گهرن ۽ پنجاهه کن جي آدمشماريءَ تي مشتمل، هڪ ننڍڙو پر وسندڙ ڳوٺڙو آهي. هن ڳوٺ کي عرف عام ۾ "وسيئن وارو ڳوٺ" به سڏجي ٿو. هن ڳوٺ تي اهو نالو ان ڪري پيو جو مدد خان پناڻ جي ڪاهه ڪري، ناهين جو دڙي وارو ڳوٺ ڦٽڻ کان پوءِ، ناهين جو چڱو خاصو ۽ وسندڙ راڄ هتي هو.

ڳوٺ ۾ خواندگيءَ جي شرح، نهايت گهٽ آهي. خانگي يا سرڪاري نوڪرين سان واسطو رکندڙن جو تعداد به نہ هئڻ برابر آهي. اڪثر ماڻهن جي روزگار جو ذريعو کيتي ٻاڙي، وڻج واپار، مال ڌارڻ يا مزدوري ۽ ٽرانسپورٽ آهي. ڪن ٿورن وٽ پنهنجي ٻني ٻارو پڻ آهي. ماڻهو مڇي ماني وارا، مڙسيلا ۽ راڄوٽا آهن.

هي ڳوٺ سنڌ جي اهڙن ڳوٺن مان هڪ آهي جيڪي پراڻا آهن ۽ جن ڳوٺن لاءِ سرڪاري زمين ڏنل آهي. يعني شروعاتي سروي ۾ ئي ڳوٺ نقشي ۾ ڏيکاريل آهي. ان طرح حيدرآباد ضلعي ۽ تر جي پراڻن ڳوٺن مان هڪ آهي. ڳوٺ لاءِ، سرڪار طرفان ١٩٨٥ع کان بجلي، گئس، پڪو رستو ۽ اسڪول جون سهوليتون موجود آهن.

هن ڳوٺ ۾ وڏيرو راول، پرتو، لاکو ۽ گاگو چڱمڙسي ۽ راڄ پرستي ۾ سٺا ناليرا مڙس ٿي گذريا آهن.

**مختصر شجرو:**

به ڀائر گاگو (اول) ۽ قاسم (اول). گاگو کي ٽي پٽ: راول، قاسم (ٻيو) ۽ صديق. قاسم(اول) غير شادي شده وفات ڪري ويو. راول کي پٽ: امير. قاسم جو (ٻيو) پٽ: هادي بخش. صديق جا پٽ: سومار، صاحبڏنو، گاگو (ٻيو) رياض علي، نياز علي ۽ ربو.

ساڳي ڳوٺ ۾ ٻيو گهراڻو جمعون جنهن جا ٽي پٽ: خدو، جڙيو ۽ ڏنو.

خدوءَ جا پٽ: جمعون، الله ورايو، محمد بچل ۽ منظور. جڙيو جا پٽ: الله ڏنو، ممتاز ۽ ڪالو.

## ڳوٺ ارباب احمد خان ناهيون

هي ڳوٺ تعلقي ۽ ضلع حيدرآباد جي تپي ٽنڊو قيصر جي ديهه راڄپريءَ ۾ واقع آهي. تقريبًا ۱۵۰ گهرن ۽ ۵۰۰ ماڻهن جي آدمشماريءَ تي مشتمل هيءُ ڳوٺ، ٽنڊو ڄام کان ڏکڻ طرف اڍائي ڪلوميٽرن جي فاصلي تي، ٽنڊو قيصر روڊ جي لنڪ تي، وقت ۽ حالتن جي تقاضائن پٽاندر زماني سان وک ۾ وک ملائي، ترقي ۽ خوشحاليءَ طرف روان دوان آهي.

اصل ۾ هيءُ ڳوٺ به حيدرآباد ضلع ۾، ناهين جي ٻين گهڻن ڳوٺن جيان، مدد خان پٺاڻ جي ڪاهه وقت (۱۱۹۴ هه، ۱۷۸۰ع) ناهين جو ڏڏي وارو ڳوٺ ڦٽڻ کان پوءِ نئين ڳوٺ طور تقريبًا هاڻوڪي جڳهه تي ئي ارباب احمد خان جي نالي پويان سڏجڻ لڳو.

ناهيون، ميمڻ ۽ سيد برادرين جي گڏيل هن ڳوٺ ۾ ناهيون ذات جي گهرن جو تعداد ۷۰ کن ۽ آدمشماري ٽي سؤ جي لڳ ڀڳ ٿيندي. هن ڳوٺ جي ناهين ۾ خواندگيءَ جي شرح ۵۰ سيڪڙو کن ٿيندي، جنهن ۾ عورتن جي ۱۵ ۽ باقي مردن جي آهي. منجهائن يونيورسٽيءَ جو سنديافته ڪو به ناهي. اڪثر ماڻهو پورهيت، ڪڙمي، مزدور ۽ ڪي ٿورا سرڪاري ۽ خانگي نوڪرين سان لاڳاپيل آهن. ڳوٺ ۾ زمينداري صرف ارباب گهراڻي جي آهي. جن وٽ هن ڳوٺ جا ئي ڪافي ناهيان ۽ ڪي ٻيا، هارپ ڪري پيٽ گذر ڪندڙ آهن. هن ڳوٺ جا ماڻهو سادا ۽ سٻاجها، محنتي ۽ مڙسيلا، روايتي ۽ راڄوڻا آهن. هن ڳوٺ ۾ ڏڏي وارو ڳوٺ ڦٽڻ کان پوءِ لڏي آيل ڪافي گهرن ڪانسواءِ ڪجهه گهر لاڙ جي مختلف ڳوٺن کان مستقل طرح اچي آباد ٿيل به آهن.

هن ڳوٺ جو ارباب گهراڻو، حيدرآباد ضلع توڙي پوريءَ سنڌ جي "ناهين" جو پشت به پشت قومي پڳدار رهندو پيو اچي، جنهن ڪري احترامًا 'ارباب' ڪري چون. جيتوڻيڪ پورو ارباب گهراڻو سنجيده، نهٺو، شائسته، پير پرست ۽ فيصلي جي قوت رکندڙ آهي. پر پوءِ به انهن مڙني صفتن ۾ ارباب ستابو، ارباب احمد خان ۽ ارباب سومار جا نالا صف اول ۾ ڳڻي سگهجن ٿا.

هن ڳوٺ ۾ ارباب احمد خان (متوفي ۱۹۶۵ع) ۽ ارباب محمد سومار (وفات ۲۲-۱۲-۱۹۸۴ع) نهايت نيڪ ۽ راڄوڻا ماڻهو هئا. پيرن فقيرن ۽ ولين سان



سنڌن والهانه عشق هوندو هو. جتي به ولي الله ٻڌندا هئا، اتي ۾ چار ماڻهو وٺي وڃي خيرات ڪري ايندا هئا. ارباب محمد سومار ته سمن سرڪار ۽ مرشد سائين مصري شاهه نصرپوري جو نهايت معتقد هو. سنڌن سالياني عرس تي ٻنهي بزرگن جي زيارت لاءِ ته ضرور ويندو هو. سنڌس عقيدت ۽ احترام جو جنون ان حد تائين اوج تي رسيل هو، جو هميشه سائين مصري شاهه جي ميلي جو ننگر پنهنجي اجرڪ جي پلاند ۾ وٺي گهر ورندو هو. موجوده ارباب پڻ، اهڙي خوشبوءِ رکندڙ آهن.

هن ڳوٺ جي ٻين گهڻين سياسي ۽ سماجي شخصيتن کان علاوه، ڪامريڊ علي محمد جي شخصيت به نه وسارڻ جهڙي آهي. پاڻ هارين ۽ ٻي يارو مددگار ماڻهن جو نڊر ۽ بيباڪ رهنما هو. گهڻين ئي هاري تحريڪن ۾ سنڌس اڳواڻيءَ هيٺ، هارين ۾ پنهنجن حقن وٺڻ جو احساس پيدا ٿيو. پاڻ هر قدم تي سنڌن رهنمائي ڪرڻ سان گڏوگڏ، ساٿن هر لمحي ۾ ثابت قدم پڻ رهيو ۽ اهو ئي سبب هو جو هو علي محمد مان ڪامريڊ علي محمد بڻجي ويو.

جنهن جڳهه تي اڄ هيءُ ڳوٺ آباد آهي، اتي ڪنهن زماني ۾ ٻڙ جو هڪ جهونو وڻ به هيو، انڪري هيءُ ڳوٺ "ٻڙ جو ڳوٺ" نالي به مشهور ٿيو.

هتي اها ڳالهه به اهميت کان خالي نه هوندي ته ارباب محمد علي سان گڏ ڏڏي واري ڳوٺ کان وٺي، 'ٻڙ واري ڳوٺ' تائين هڪ گهر ميمڻ ذات جو به آيو، جيڪو ارباب محمد علي جو خاص ماڻهو هو ۽ علي پٽيل نالي مشهور هو. انهيءَ هڪ گهر پويان ڪافي ٻيا ميمڻ برادريءَ جا گهر به اڄ تائين هن ڳوٺ ۾ ناهين سان شادي غميءَ ۽ مرڻي پرڻي هڪ خاندان جيان گڏ پيا رهن.

انبن ۽ ڄمن جي باغن وچ ۾ هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ سرڪار طرفان پرائمري اسڪول، بجلي ۽ پڪي رستي جو سهولتون موجود آهن.

### ارباڻن جو مختصر شجرو:

"پساهيو" تنهن کان پوءِ 'ارباب نريو' (سنڌن رشتي جي ڄاڻ نه پئجي سگهي آهي). ارباب نريو، ڪلهوڙا دؤر کان اڳ رياست جو وارث هو. ارباب نريي

كان پوءِ سندس پاڻيجو ”ارباب ستابو“ راڄ ڏٽي بڻيو. ارباب ستابي کي هڪ پٽ، جنهن جو نالو هن پنهنجي مامي پويان ”نريو“ رکيو، جو پوءِ سندس پڄاڻان راڄ ڏٽي بڻيو. ان ارباب نريو جو پٽ ارباب محمد علي (اول)، جنهنجو پٽ ارباب شجاع محمد (اول). ارباب شجاع محمد کي ٻه پٽ: هڪ ارباب احمد خان (موجوده ڳوٺ جي نالي واري وفات ١٩٦٥ع) ۽ ٻيو ارباب جان محمد- ارباب احمد خان جو پٽ ارباب محمد سومار ( وفات ٢٢ ڊسمبر ١٩٨٤ع)، جنهن جا چار پٽ: ارباب بقادار (موجوده راڄ ڏٽي)، ارباب احمد خان (ٻيو)، ارباب شجاع محمد (ٻيو) ۽ ارباب محمد علي (ٻيو).



# ناهيون ذات متعلق چيل چوڻيون ۽ انهن جي اصل حقيقت

پهاڪا ۽ چوڻيون معاشري جون آئينہ دار هونديون آهن. پوءِ کي چوڻيون صحيح ۽ صاف عڪس ڏيکارينديون آهن، جن تي قومون ناز ڪرڻ لڳنديون آهن تہ کي وري ابتو عڪس پسائينديون آهن، جن تي قومون شرمندگي ظاهر ڪنديون رهنديون آهن. سنڌ ۾ تقريبًا هر ذات ۽ قوم لاءِ جدا جدا علائقن ۾ جدا جدا چوڻيون ۽ پهاڪا آهن، جن پنيان يا تہ سچيون حقيقتون چپيل آهن يا وري ڪوڙيون ڪٿائون ڏنل آهن. ناهيون ذات لاءِ پڻ، مختلف علائقن ۾ مختلف چوڻيون چيل آهن. جن مان ڪن جو حقيقت سان گهرو واسطو آهي تہ کي هٿ ٺوڪيون آهن. جيڪي ملي سگهيون آهن، سي هيٺئين ريت آهن:

## ١. ناهيان نبيءَ جي سڏ تي کو نہ آيا:

هن چوڻي لاءِ روايت آهي تہ حضور اڪرم جن (ولادت ٥٧١ع) مختلف قومن جي ماڻهن کي پاڻ وٽ گهرايو. ڪافي ويا ۽ مسلمان ٿيا. باقي جيڪي نہ ويا سي ’نہ آيا‘، ’نايا‘ يا ’ناهيان‘ بنجي ويا.

اصل ۾ هيءَ هڪ جڙتو ڳالهہ آهي، جنهنجو حقيقت سان کو بہ واسطو ناهي. جيئن تہ ناهيون ذات جا ماڻهو، صرف برصغير بالخصوص سنڌ ۾ ٿا رهن ۽ ڪجهہ روايتن موجب تہ نبي اڪرم جن جي خواهش جي باوجود بہ سنڌ يا برصغير مان نہ آيا، انڪري ناهيون ذات جي ماڻهن جو يا ٻين ذاتين جو هتان کان وڏي تعداد ۾ عربستان وڃڻ ناممڪن آهي. نڪي وري ڪنهن تاريخي يا اسلامي ڪتاب ۾ ئي اهڙي ڪا گواهي آيل آهي.

ان کان علاوه سنڌ جي تاريخ جي ڪتابن موجب ته هتان جي ماڻهن محمد بن قاسم جي اچڻ کان پوءِ اسلام قبول ڪيو، جنهن جي اچڻ جو سن ٧١٢ع ٻڌايو ٿو وڃي. يا ان کان به اڳ سنڌ ۾ اسلام اچي چڪو هو، جڏهن عربن جا هتان جي ماڻهن سان سمنڊ ذريعي واپاري لاڳاپا هئا. خود تاريخ سنڌ-٣ مطابق ته سماٽ قوم ۾ چنا ذات وارن سڀ کان پهرين محمد بن قاسم جي هٿ هيٺ اسلام قبول ڪيو. ان طرح هن روايت جي حقيقت ختم ٿي وڃي ٿي ۽ انجو واسطو ٻين اهڙين گهڙيل جٽڪين روايتن سان ملي ٿو، جيئن خشڪن ۽ پُسين لاءِ چيو ويندو آهي. اهي ٻئي درياءَ جي ڪپ تي ملهه وڙهيا ۽ جڏهن هڪڙو پاڻي ۾ ۽ ٻيو سڪيءَ تي ڪريو ته اهو ۽ ان جا پويان ان نسبت سان خشڪ ۽ پُسيو بنجي پيا.

### ٢. ناهين جي سنجهي جي صلاح ڪانه ٻيهندي:

اصل ۾ هيءَ چوڻي مٿي ذڪر ڪيل ڪلڪان جادوگرياڻيءَ جو ناهين لاءِ چيل هڪ پاراتو آهي، جيڪو اڄ جي ڪمپيوٽر واري دؤر ۾ سائنس جي پوئلڳن لاءِ صرف هڪ هٿ نوڪي ڳالهه، وهم يا انڌو عقيدو هوندي. پر پوءِ به ناهيون ذات جي ڪافي ڳوٺن جا ماڻهو، هن تي چڱيءَ طرح عمل پيرا آهن. هو ڪنهن ڪم جو ارادو، ڪو فيصلو، آئيندي جو پروگرام يا ايتري قدر جو سڄ لٿي کان سانجهيءَ تائين شاديءَ جو 'ونواه' يا ٻي تقريب ڪو نه ڪن. ڪافي قدر ڏنو ويو آهي ته اهڙي وقت دؤران عمل ۾ ايندڙ ڪا ڳالهه يا ايندڙ ڏينهن جو پروگرام صبح ٿيڻ سان ڪنهن نه ڪنهن سبب ڪري، عملدرآمد کان رڪجيو وڃي. انڪري ڪنهن حد تائين چئي سگهجي ٿو ته اها چوڻي پنهنجي اصلوب ۽ پس منظر ۾ صحيح آهي.

### ٣. ناهيون ۽ نانگ، جتي ڏِس اتي مار

### ٤. نانگ ڇڏي، ناهيون مار

هيءَ چوڻي پاڪستان جي تقريبًا هر خطي ۾ ساڳئي مفهوم سان، لفظن



جي ٿورڙي فرق سان، مختلف قومن لاءِ چئي وڃي ٿي. ضلعي حيدرآباد ۾ هن چوڻيءَ جو مؤجد يا راوي نواب محمد علي خان لغاري تاجپوري يا نواب نور احمد لغاري خانپوري چيو وڃي ٿو. اصل ۾ اها حقيقت آهي ته ناهيون ذات جا ماڻهو جتي به آباد ٿيا آهن، اتي پنهنجي مڙسي ۽ همت سان، بغير ڪنهن ٻئي جي ڪاڻ ڪڍڻ جي، پنهنجي جداگانه حيثيت سان سينو ساهي رهيا آهن. ان کان علاوه اِها به هن ذات جي ماڻهن جي خوبي رهي آهي ته هنن جي پاڻ ۾ ڪيڏي به عداوت هوندي پر جڏهن ڏارئين سندن ڪنهن پاءُ جو حق پچڻ جي ڪوشش ڪئي ته هڪدم متحد ٿي ويندا ۽ سوڀ حاصل ڪرڻ تائين هر محاذ تان وڙهندا رهندا. اهو ئي سبب هو جو هي مالي طرح ڪمزور هوندي به تاجپور ۽ خانپور جي نوابن جي، هتان جي ٻين ذاتين جيان آنڪي نه پرڻ ڪري هميشه سندن ناراضگي جو نشانو بنجندا رهيا.

هيءَ چيل چوڻي پڻ اهڙي ئي خلش جو اظهار آهي.

### ٥. ست ناهيان هڪ لنڊيءَ جا ڪاڏل.

جيئن مٿي ذڪر اچي چڪو آهي ته ناهيون ذات جي ماڻهن جي هڪڙي وڏي خامي اها آهي جو هي پاڻ ۾ هڪٻئي جا بدخواه ۽ آپت جا ڪوتا آهن. اهڙي ئي حقيقت جي پس منظر ۾ مٿين چيل چوڻي پڻ آهي. جنهن لاءِ چون ٿا ته هڪ ڀيري ڪنهن هنڌان ستن ناهين جو قطار ٺاهي هڪ ٻئي پٺيان گڏوگڏ گذر ٿيو. رستي تي ڪکن جي ڍڪ ۾ 'لنڊي' بلا ويٺي هئي. جنهن اول پهرئين گذرندڙ کي ڏنگيو. هُن ڏنگ محسوس ڪيو، بلا به ڏٺي پر پوين کي ڪو نه ڏسيو ته جيئن هو خبردار ٿي وڃن، بلڪ چپ رهيو. اهڙي طرح ٻئي کي به ساڳئي بلا ڏنگيو پر هو به چپ رهيو. ائين ستن مان هر هڪ کي بلا ڏنگيو. آخر ۾ ستين جڏهن دانهن ڪئي ته باقي ڇهن مان هر ڪنهن چيو ته: ان بلا ته مونکي به ڏنگيو. اهڙيءَ طرح ست ئي هڪ ٻئي جي خيرخواهي ڪرڻ بجاءِ بدخواهي ڪندي مري ويا.

### ٦. ناهين جي پيٽ ۾، ڳالھ رهي نه سگهندي.

هي چوٽي به ڪا مصدقه ۽ هر حالت ۾ سچ نه ٿي سمجهي سگهجي. بهرحال چون ٿا ته هڪ دفعي ناهين مان ڪنهن مٿي ذڪر ڪيل 'جيئي شاهه' جو گهيٽو ڪهي رڌي ڪائي ڇڏيو. جنهن جو اطلاع ڪنهن اچي 'جيئي شاهه' کي ڪيو. پاڻ ان ناهين کان پڇيائون. جنهن نه مڃيو. پوءِ پاڻ چيائون: 'اندر گهيٽو، ٻاهر اسين. پاڙهي گهيٽو پيٽ اندر هجڻ جي تصديق ڪندو'. ناهيون ڪجھ وقت رکي خوف جي ماريي وجي جيئي شاهه وٽ ڀري ڪچهري ۾ اقراري ٿيو.

ان کان پوءِ مٿين چوٽيءَ کي شهداد فقير واري ڳوٺ مان نڪتل ناهين لاءِ، اڄ به دل اندر ڪنهن راز يا ڳالھ جو گهڻو وقت نه رهڻ، ان پاراتي سان لاڳاپيو ويندو آهي.

*****



## مددي ڪتاب


| | |
|---|---|
| ١. تحفتہ الڪرام | مير علي شير قانع ٺٽوي |
| ٢. جنت السنڌ | رحيمداد مولائي شيدائي |
| ٣. سمات | رحيمداد مولائي شيدائي |
| ۴ . تاريخ سنڌ- جلد ٣ | عبدالغني عبدالله |
| ۵. لب تاريخ سنڌ | |
| ٦. تاريخ طاهري | |
| ۷. سنڌي ڊڪشنري | نبي بخش خان بلوچ |
| ٨ . ڪلام نواب ولي محمد لغاري | نبي بخش خان بلوچ |
| ٩ . ماهوار 'سهڻي' | |
| ١٠ ٻه ماهو 'اخبار تعليم' | |
| ١١ تاريخ سميجا | محمد سليمان پان |
| ١٢ سندري اتمچنداڻي جون شاهڪار ڪهاڻيون | |
| ١٣ ماهوار ڪينجهر "منهنجو ڳوٺ نمبر- سيپٽمبر ٢٠٠١" | |